ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 30 مارچ 2026ع 10 شوال المڪرم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 رپيہ شمارو (224)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران پاران 500 آمريڪي فوجي مارڻ ۽ ايف 16 جهاز تباهه ڪرڻ جي دعويٰ، جنگ دوران 2076 ايراني شهيد ٿيڻ جي تصديق

تازن حملن ۾ 500 آمريڪي فوجي مارجي ويا يا زخمي ٿيا آهن، جڏهن ته ڏکڻ فارس ۾ هڪ آمريڪي جنگي جهاز ايف 16 کي به نشانو بڻايو ويو آهي: پاسداران انقلاب

والاريل فلسطين ۽ خطي ۾ آمريڪي ۽ اسرائيلي صنعتن تي به سخت حملا ڪيا آهن، اڳتي ايراني صنعتن تي حملو ٿيو ته نتيجا انتهائي سنگين هوندا: چتاءُ

حيفا ۾ اسٽريٽجڪ اليڪٽرانڪ وار فيئر سينٽر کي نشانو بڻايو آهي، بن گورين ايئربيس تي بارود جي ذخيرن تي به حملو ڪيو ويو آهي، ايراني اختيارين

آمريڪا جي زميني فوج آئي ته اها شارڪ مڇي جي خوراڪ بڻجي ويندي، ايراني فوج ڊگهي عرصي کان اهڙي صورتحال لاءِ تيار ۽ جواب ڏيڻ جي منتظر آهي: ترجمان ابراهيم ذوالفقاري

ڪنهن به جارحيت يا قبضي جي ڪوشش جي صورت ۾ حملي آور فوج گرفتاري ۽ مڪمل تباهي جهڙا نتيجا نڪرندا، آمريڪي قيادت ماضي ۾ پرڏيهي حملي آورن سان ٿيندڙ تجربن مان سبق سکي

ايراني اختيارين طرفان آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ شهيدن جو انگ 2076 تائين پهچڻ جي تصديق ڪئي وئي، شهيدن ۾ ٻار به شامل، صحت واري وزارت انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پاسداران انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته تازن حملن ۾ 500 آمريڪي فوجي مارجي ويا يا زخمي ٿيا آهن جڏهن ته ڏکڻ فارس ۾ هڪ آمريڪي جنگي جهاز ايف 16 کي به نشانو بڻايو ويو آهي پاسداران انقلاب موجب ايف 16 جهاز سعودي عرب جي هڪ ايئر بيس تائين پهچڻ کان اڳ ئي ڪريش ٿي ويو هو جڏهن ته والاريل فلسطين ۽ خطي ۾ آمريڪي ۽ اسرائيلي صنعتن تي به سخت حملا ڪيا آهن اڳتي ايراني صنعتن تي حملو ٿيو ته نتيجا انتهائي سنگين هوندا. پاسداران انقلاب وڌيڪ ٻڌايو ته حيفا ۾ اسٽريٽجڪ اليڪٽرانڪ وار فيئر سينٽر کي نشانو بڻايو آهي بن گورين ايئربيس تي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي ميزباني هيٺ چار ملڪي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس، خطي ۾ تڪرار ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ تي اتفاق

اسلام آباد ۾ چار ڌرڙي اهم اجلاس ۾ پاڪستان، سعودي عرب، مصر ۽ ترڪي جي پرڏيهي وزيرن شرڪت ڪئي، خطي ۾ جاري ڇڪتاڻ ۽ بدلجندڙ صورتحال تي تفصيلي بحث ڪيو ويو

چئن ڌرڙي اجلاس ۾ جنگ بندي ۽ وچ اوڀر ۾ امن سان لاڳاپيل اهم معاملن تي بحث کان پوءِ مختلف تجويزن تي غور ويچار کان پوءِ ڳالهين جو پهريون دور پڄاڻي تي پهتو

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار، ترڪي جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان ۽ مصري پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان پرڏيهي آفيس ۾ الڳ الڳ ملاقاتون پڻ ڪيون

ملاقات دوران پاڪ-ترڪي پرڏيهي وزيرن مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو، اسٽريٽجڪ ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ڌرين پاران ايران جي موجوده صورتحال سميت ٻين اهم اڳرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتي رابطن جي اهميت تي زور ڏنو

نائب وزيراعظم فلسطيني عوام لاءِ پاڪستان جي غير متزلزل حمايت کي ورجائيندي، غزه ۽ اولهه ڪناري اسرائيلي قابض فوجن پاران جاري جارحيت جي سخت مذمت ڪئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار کي گهٽائڻ لاءِ پاڪستان جي ميزباني هيٺ اڄ اسلام آباد ۾ هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ پاڪستان، سعودي عرب، مصر ۽ ترڪي جي پرڏيهي وزيرن شرڪت ڪئي. ڌرين ڳالهين ذريعي تڪرارن کي حل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. ميڊيا ذريعن موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پرڏيهي وزيرن جو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

روس پاران دنيا کي پيٽرول جي فراهمي بند ڪرڻ جو اعلان، عالمي مارڪيٽ ۾ ٿرٿلو

پهرين اپريل کان دنيا کي پيٽرول جي فراهمي تي مڪمل پابندي جو باضابطا اعلان ڪيو ويو

وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب پيوٽن حڪومت پنهنجو بفر اسٽاڪ محفوظ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

پابندي سبب روسي ريفائنڊ پيٽرول تي ڀاڙيندڙ چين، ترڪي، برازيل ۽ آفريڪا جا ڪيترائي ملڪ متاثر ٿيندا

ماسڪو (م ڊ) روس پهرين اپريل کان دنيا کي پيٽرول جي فراهمي تي مڪمل پابندي جو باضابطا اعلان ڪري ڇڏيو. روس جي اعلان ڪانپوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ هڪ ڀيرو ٿرٿلو مچي ويو آهي. پابندي شروعاتي طور 31 جولاءِ 2026 تائين لاڳو رهڻ جو امڪان آهي. ان فيصلي جو اثر انهن ملڪن تي پوندو جيڪي روس جي ريفائنڊ پيٽرول تي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان سعودي پرڏيهي وزير جي ملاقات، پاڪستان هميشه سعودي سان گڏ بيٺل رهندو: شهباز شريف

سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان وزيراعظم هائوس ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ملاقات ڪئي

ملاقات دوران پاڪستان طرفان سعودي عرب سان مڪمل ۽ پختي يڪجهتي ۽ حمايت جو ورجاءُ ڪيو ويو

ٻنهي اڳواڻن پاران خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پنهنجون گڏيل ڪوششون ۽ ويجها رابطا جاري رکڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب سان پختي يڪجهتي ۽ حمايت جي عزم کي ورجائيندي هاڻوڪي ڇڪتاڻ دوران سعودي عرب جي غيرمعمولي صبر کي ساراهيو ۽ يقين ڏياريو ته پاڪستان هميشه سعودي عرب سان گڏ بيٺل رهندو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان ڪالهه وزيراعظم هائوس ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف سان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير انجنيئر امير مقام گلگت ۾ گڏيل قومن جي آفيس ۽ ٻين متاثر ملڪيتن جو دورو ڪيو

گلگت (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان ۽ سيفران جي وفاقي وزير انجنيئر

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ايران تي قبضي لاءِ آمريڪا کي 10 لک فوجين جي ضرورت پوندي: برطانوي ميڊيا

لنڊن (م ڊ) هڪ برطانوي اخبار ۾ شايع ٿيل هڪ تجزيي ۾ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ايران تي مڪمل

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي عرب جو پرڏيهي وزير شهزادو فيصل بن فرحان السعود ملاقات ڪري رهيو آهي

ايران تي جنگ مڙهڻ خلاف آمريڪا سميت سڄي دنيا ۾ لکين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا

آمريڪا ۾ ٿيندڙ مظاهرن ۾ 70 لک ماڻهن شرڪت ڪئي، ٽرمپ خلاف نعريبازي

اسرائيل جي مختلف شهرن ۾ به هڪ ڏينهن دوران سڀ کان وڏا احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

اٽلي، فرانس، اسپين، جرمني، نيدرلينڊز ۽ آسٽريليا ۾ به ٽرمپ خلاف احتجاج، جنگ روڪڻ جا مطالبا

واشنگٽن (م ڊ) ايران تي جنگ مڙهڻ خلاف آمريڪا سميت سڄي دنيا ۾ وڏي پيماني تي نو ڪنگز احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪا ۾ ڇنڇر ڏينهن احتجاجي مظاهرن ۾ 70 لک ماڻهن

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

آمريڪي سامونڊي جهاز ”يو ايس ايس ٽريپولي“ وچ اوڀر پهچي ويو

سامونڊي جهاز ۾ آمريڪي سيلرز ۽ ميرينز آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جي ذميواري واري هنڌ پهتا

ٽرانسپورٽ جهاز جنگي جهاز، سامونڊي ۽ زميني حملو ڪرڻ جي صلاحيت ۽ مختلف اثاثا پڻ شامل

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي سامونڊي جهاز ”يو ايس ايس ٽريپولي“ وچ اوڀر پهچي ويو آهي. سامونڊي جهاز تي 3500 سيلرز

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار سان ترڪ پرڏيهي وزير هاڪان فيدان جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سان ترڪيه جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان گذريل ڏينهن هتي ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي جي ملاقات، ٻه طرفه لاڳاپن تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي وچ ۾ پاڪستان ۽ مصر جي ۾

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايوان صدر مٿان جهڙن جو هڪ خوبصورت منظر

افغانستان جي مختلف حصن تيز برسات ۽ ٻوڏ سبب 17 ڄڻا فوت، 26 زخمي

برساتن سبب اولهه، وچ ۽ اتر اولهه وارن 34 صوبن مان 13 صوبا متاثر ٿيا آهن: اختيارين

شديد برساتن سبب 147 گهر مڪمل يا جزوي طور تباهه ٿيا، 80 ڪلو ميٽر روڊ وهي ويا آهن

ٻوڏ ۽ طوفاني برساتن سان زرعي زمين ۽ آبپاشي جي نهري نظام کي به نقصان پهتو آهي: اختيارين

ڪابل (م ڊ) افغانستان جي مختلف حصن ۾ تيز برساتن سبب ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ جي نتيجي ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران 17 ڄڻا فوت ۽ 26 زخمي ٿي پيا. افغان اختيارين موجب برساتن سبب افغانستان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

لبنان ۾ اسرائيلي حملي دوران پيرا ميڊيڪل جا 9 اهلڪار مارجي ويا، 7 زخمي

بيروت (م ڊ) عالمي صحت تنظيم جي ڊائريڪٽر جنرل ٽيڊروس ادهانوم گبريسس چيو ته لبنان ۾ اسرائيلي حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 9 پيرا ميڊيڪل اهلڪار مارجي ويا

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪتي ڏاڙهيل 42 سالن جو شخص ريبيز جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ بعد فوت

گارڊن جو رهواسي شخص ريبيز جو مريض انڊس اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو

متاثر شخص ۾ ڪتي جي چڪ هڻڻ کان هڪ مهينو پوءِ ريبيز جون علامتون پيدا ٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي گارڊن جو رهواسي 42 سالن جو ريبيز جو مريض انڊس اسپتال ۾ علاج دوران فوت

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ حوالہ هنڊي جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث هڪ جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حوالہ هنڊي جي غيرقانوني ڪاروبار خلاف ڪارروائي ڪندي فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل ڪراچي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن سبب 3 ڄڻا فوت، 2 ٻارڙا زخمي

سٽي ريلوي ڦاٽڪ جي لڳ ٽرين جي ٽڪر ۾ 60 سالن جو محمد پنجل فوت ٿي ويو

شاهراهه فيصل تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب هڪ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 3 ڄڻا فوت جڏهن ته 2 ٻار پڻ زخمي ٿي پيا. سٽي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين پاران بدين جي اڳواڻ حاجي عبدالستار ميمڻ جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تعلقي بدين جي اڳوڻي صدر حاجي عبدالستار ميمڻ جي وفات تي گهري ڏک

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شادي هال جي سيوريج لائن ۾ گئس ڀرجڻ سبب ڌماڪو، 4 ڄڻا زخمي

نارٿ جي علائقي پاور هائوس چورنگي شادي هال ۾ سيوريج لائن ۾ زوردار ڌماڪو ٿيو

ڌماڪي سبب شادي هال جي ڇت تي لڳل فانوس ۽ لائيٽون به ٽٽي پيون، زخمي اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ڪراچي پاور هائوس چورنگي شادي هال ۾ سيوريج لائن ۾ گئس ڀرجڻ سبب زوردار ڌماڪو ٿيو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا مقابلن دوران جوابدار مارجي ويو، 11 زخمين سميت 12 ڄڻا گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز وچ ۾ مبينا مقابلن دوران هڪ جوابدار مارجي ويو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: المنظر پرسان سنڌ ندي ڪناري ماڻهو ٻيڙين ۾ تفريح ڪري رهيا آهن

اسلام آباد: پاڪستان، سعودي عرب، ترڪي ۽ مصر جا پرڏيهي وزير ايران جي جنگ ۾ امن جي ڪوششن بابت ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا آهن

سعودي عرب ۾ اقامه ۽ ليبر قانونن جي ڀڃڪڙي تي وڌيڪ 11 هزار 967 پرڏيهي سوگهه

مختلف علائقن مان 5111 غير قانوني پرڏيهين کي پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو ويو

غير قانوني سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ 1249 کي ليبر قانون جي خلاف ورزي تي حراست ۾ ورتو ويو

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ هڪ هفتي دوران اقامه ليبر ۽ بارڊر قانونن جون وڌيڪ 11 هزار 967 خلاف ورزيون ڪندڙ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪينيا ۾ ٻوڏ سبب وڏي پيماني تي تباهي، فوتين جو انگ 108 ٿي ويو

ڪيترن ئي هفتن کان جاري شديد برساتن ۽ ٻوڏ جي نتيجي ۾ وڏي تباهي آئي

سڄي ملڪ ۾ 2700 کان وڌيڪ خاندان بي گهر ٿيا آهن، تازا انگ اکر جاري

نيروبي (اي پي پي) ڪينيا ۾ مسلسل ڪيترن ئي هفتن کان جاري شديد برساتن ۽ ٻوڏ جي نتيجي ۾ فوتين جو انگ 108

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ايران جنگ سڄي خطي کي ڊگهي بحران ۾ ڌڪي سگهي ٿي: ترڪ انٽيليجنس سربراهه

موجوده صورتحال صرف هڪ محدود جنگ ناهي، اها ڏهاڪن تائين هلي سگهي ٿي

امن قائم ڪرڻ ۾ پاڪستان جو ڪردار تعريف جوڳو آهي، سفارتي ڪوششن جي حمايت ڪريون ٿا

انقره (م ڊ) ترڪي جي انٽيليجنس ايجنسي جي سربراهه ابراهيم ڪلين خبردار ڪيو آهي ته ايران خلاف جاري جنگ هڪ ڊگهي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي عهدي تان استعيفيٰ کان پوءِ نيتن ياهو جيل وڃي سگهي ٿو: آمريڪي جاچ رپورٽ

اسرائيلي وزيراعظم هٿيارن جي ڊيلرن کان قيمتي تحفا وصول ڪيا ۽ ڪيئن ڪاروباري فائدا ڏنا

نئين جاچ رپورٽ ۽ وڊيوز سامهون اچڻ کان پوءِ سندس سياسي ۽ قانوني مسئلا وڌي ويا

تل ابيب (م ڊ) اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو خلاف ڪرپشن جا الزام هڪ ڀيرو ٻيهر تيز ٿي ويا آهن جڏهن ته هڪ نئين جاچ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: هزارين ماڻهو ٽرمپ جي پاليسين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

اسرائيل هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي قانونن جي بنيادي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي: لبنان

پيشه ورانه ذميواريون نڀائيندڙ صحافين کي نشانو بڻايو ويو جيڪي پڻ عام شهري ئي آهن

اهو هڪ ڏوهه آهي جيڪو صحافين کي جنگين ۾ عالمي تحفظ وارن معاهدن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو

بيروت (اي پي پي) لبنان جي صدر جوزف عون ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي حملي جي مذمت ڪندي چيو آهي ته اسرائيلي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان هميشه امن، ڳالهين ۽ سفارتي حل کي ترجيح ڏني آهي: دانيال چوڌري

پرڏيهي وزير سان سعودي، مصر ۽ ترڪيه جي پرڏيهي وزيرن جو مشاورتي اجلاس سٺو سنئون آهي

وچ اوڀر جي موجوده صورتحال ۾ جنگ جو خاتمو خطي جي بهترين مفاد ۾ آهي: پارليامانی سيڪريٽري

راولپنڊي (اي پي پي) سڌ سماءُ بابت وفاقي پارليامانی سيڪريٽري بيرسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته وچ اوڀر ۾ جاري

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڳالهين جي ڪاميابي امن جي قيام طرف هڪ اهم اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي: سراج الحق

اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهيون مسلمان امت ۾ وڌندڙ ڏار کي به گهٽ ڪرڻ ۾ مددگار ٿينديون

پاڪستان، ترڪي، مصر ۽ سعودي جي گڏيل حڪمت عملي سان جنگ جو خاتمو ٿيڻ جي اميد آهي

پشاور (اي پي پي) جماعت اسلامي جي اڳوڻي امير سراج الحق چيو آهي ته اسلام آباد ۾ ٿيل ڳالهين جي ڪاميابي يقيني

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

حڪومت گلگت بلتستان ۾ پائيدار توانائي جي ترقي لاءِ سنجيده قدم کڻي پئي: انجنيئر امير مقام

سولر توانائي وارا منصوبا علائقي جي توانائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا

اجلاس ۾ گلگت بلتستان جي مجموعي صورتحال، امن امان ۽ ٻين اهم معاملن جو جائزو ورتو ويو

گلگت (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان ۽ سيفران جي وفاقي وزير انجنيئر امير مقام گلگت بلتستان ۾ موجود

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪينيا ۾ تيز رفتار ٽرڪ مني بس سان ٽڪرائجي وئي، 15 ڄڻا اجل جو شڪار

نيٽري ڪائونٽي ۾ روڊ حادثي ۾ 10 ڄڻا موقعي تي فوت ۽ 5 ڄڻا اسپتال ۾ گذاري ويا

صدر وليم روٽو پاران واقعي تي افسوس جو اظهار ڪندي متاثر خاندانن کان تعزيت ڪئي

نيروبي (اي پي پي) ڪينيا جي وچين علائقي نيٽري ڪائونٽي ۾ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 ڄڻا فوت ٿي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ آرٽسٽ ناري تصوير ٺاهي رهي آهي

سنڌ ۾ پ پ حڪومت پوليس سميت اڪثر ادارن کي مذاق بڻائي ڇڏيو آهي: زين شاهه

جسقم اڳواڻ نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو، آصف بالادي ۽ ٻين جي گرفتاري جي مذمت ڪريون ٿا

پرامن احتجاج سڀني جو جمهوري ۽ قانوني حق آهي ۽ هتي حق لاءِ آواز اٿارڻ ڏوهه بڻجي ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ادب ۽ شاعري سرحدن سان جڙيل نه آهن پر دلين کي ڳنڍڻ جو ذريعو آهن: گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جو پرڏيهي وزير شهزادو فيصل بن فرحان آل سعود اسلام آباد پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شهزادو فيصل بن فرحان آل سعود سرڪاري دوري تي اسلام آباد پهچي ويو گذريل ڏينهن پرڏيهي وزارت مان جاري ڪيل بيان موجب اسلام آباد

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي جي پرڏيهي وزارت ۾ شاندار آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي جي پرڏيهي وزارت ۾ شاندار آجيان ڪئي وئي گذريل ڏينهن پرڏيهي وزارت پهچڻ تي نائب

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪمپالا: يوگنڊا جو فوجي سربراهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي


رياض: سعودي هوائي اڏي تي بيٺل آمريڪي جاسوس جهاز جيڪو ايران جي ڊرون حملي ۾ تباهه ٿي ويو

ايراني حملي ۾ تباهه ٿيل جديد ريڊار سسٽم سان ليس آمريڪي جهاز جون تصويرون وائرل

حملي ۾ آمريڪي ايئر بورن وارننگ اينڊ ڪنٽرول سسٽم جي جهاز کي نشانو بڻايو ويو

جهاز جو تباهه ٿيڻ فارس خليج جي علائقي ۾ آمريڪي نگراني صلاحيتن کي متاثر ڪري سگهي ٿو

رياض (م ڊ) سعودي عرب ۾ پرنس سلطان ايئر بيس تي ايراني ميزائل حملي جي نتيجي ۾ هڪ آمريڪي نگراني جهاز تباهه ٿي ويو جڏهن ته واقعي جون مبينا تصويرون پڻ سوشل ميڊيا تي گردش ڪري رهيون آهن

يوگنڊا جي فوجي سربراهه ايران خلاف اسرائيل جي طرفان وڙهڻ جي آڇ ڪري ڇڏي

اسان جون فوجون اسرائيل سان گڏ بيٺيون آهن ضرورت پئي ته وڙهڻ لاءِ تيار آهن: جنرل مهوزي

وچ اوڀر ۾ جنگ بند ٿيڻ گهرجي، پر اسرائيل کي تباهه ڪرڻ يا شڪست کائڻ نه ڏينداسين

ڪمپالا (م ڊ) يوگنڊا جي فوج جي سربراهه مهوزي ڪنيارونڊا ايران خلاف جاري تڪرار جي تناظر ۾ اسرائيل جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي ۽ جنگ ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪئي آهي. هڪ پرڏيهي نيوز ايجنسي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ايران وڌيڪ 20 پاڪستاني جهازن کي آبناءِ هرمز مان گذرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي: اسحاق ڊار

پاڪستاني پرچم بردار روزانو ٻه جهاز آبناءِ هرمز پار ڪندا، ايران جو اهو قدم سٺو سنئون آهي پرڏيهي وزير

اهو هاڪاري اعلان امن ڏانهن اهم قدم آهي، جيڪو اجتماعي ڪوشش کي مضبوط ڪندو

خطي ۾ امن لاءِ ڳالهيون، سفارتڪاري ۽ اعتماد سازي ئي اڳتي وڌڻ جو واحد رستو آهي

اسلام آباد (م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته آبناءِ هرمز مان پاڪستاني پرچم بردار وڌيڪ 20 جهازن کي گذرڻ جي اجازت ملي وئي آهي ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ اسحاق ڊار

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

جيترو ممڪن ٿي سگهيو حڪومت پيٽروليم قيمتن ۾ واڌ جو بار پاڻ کڻي عوام کي رليف ڏنو: وزيراعظم

تيل جي قيمتن کي وڌڻ کان روڪڻ لاءِ وفاقي حڪومت 125 ارب روپين جي وڏي رقم ڏني آهي

موٽرسائيڪل ۽ رڪشا مالڪ رجسٽريشن پنهنجي نالي ڪرائڻ سان رليف مان فائدو کڻي سگهندا

حڪومتي فيصلن جي ڪري پيٽروليم شين جو ملڪي ضرورتن لاءِ مناسب مقدار موجود آهي

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف عوامي رليف کي پهرين ترجيح قرار ڏيندي چيو آهي ته گذريل ڪن هفتن ۾ جيترو قدر ممڪن ٿي سگهيو حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي جو بار

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ جي موجوده صورتحال بابت ڳالهه ٻولهه ٿي رهي آهي

اتر چين ۾ عمارت ۾ باهه لڳي وئي 3 ماڻهو سڙي فوت، 23 زخمي

بيجنگ (اي پي پي) اتر چين ۾ هڪ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب 3 ماڻهو سڙي فوت ۽ 23 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پي ايس ايل جي پنجين ميچ، ڪوئيٽا هٿان حيدرآباد کي 40 رنسن تان شڪست

قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ ڪوئيٽا ٽاس کٽي بيٽنگ ڪئي ۽ 8 وڪيٽن جي نقصان تي 175 رنسون ٺاهيون

حيدرآباد جي ٽيم مليل هدف تي 8 وڪيٽن جي نقصان تي رڳو 134 رنسون ٺاهي سگهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان سپر ليگ جي پنجين ميچ ۾ ڪوئيٽا گليڊيئيٽرز حيدرآباد ڪنگزمين کي 40 رنسن تان

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

دادو: ام رباب جي قتل ٿيل ٽن گهرڀاتين جو فيصلو اڄ ٻڌايو ويندو، سيڪيورٽي انتظام سخت

ايم پي اي سردار خان چانڊيو، برهان خان چانڊيو، مرتضيٰ چانڊيو، علي گوهر چانڊيو سميت ڪيترائي جوابدار نامزد

ڊسٽرڪٽ سيشن جج جي حڪمن تي ضلعي پوليس ايس او پيز ۽ سيڪيورٽي پلان جاري ڪري ڇڏيو

قلم 144 لاڳو، 5 کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ تي پابندي، 6 ڊي ايس پيز ۽ 33 ايس ايڇ اوز جي نگراني هيٺ 539 پوليس اهلڪار ۽ ليڊي اهلڪار مقرر

دادو(م ڊ) ام رباب چانڊيو جي والد، ڏاڏي ۽ چاچي جي قتل ڪيس جو معاملو ام رباب چانڊيو جي والد، ڏاڏي ۽ چاچي جي قتل وارو ڪيس دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي فاضل جج فرسٽ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

دادو: نواب سردار خان چانڊيو برهان خان چانڊيو ۽ ام رباب چانڊيو (فائيل فوٽو)

شاهه سلمان رليف سينٽر جي ٽيم پاران مختلف ملڪن ۾ امدادي مهم جاري

رياض (اي پي پي) شاهه سلمان رليف سينٽر پاران مختلف ملڪن ۾ امدادي مهم تحت ضرورتمند خاندانن ۾ عام

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

مان ۽ منهنجي زال خيريت سان، مضبوط ۽ پرسڪون: وينزويلا جو صدر

ڪراڪس (اي پي پي) وينزويلا جي آمريڪا ۾ حراست هيٺ صدر نڪولس مادورو چيو آهي ته هو ۽ سندس زال سيليا

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: هڪ نينگري پنهنجي پاليل ٻلي کڻي بيٺل آهي

امارات ۾ ايراني حملن جون وڊيوز ۽ تصويرون شيئر ڪندڙ 70 برطانوي شهري گرفتار

گرفتار ٿيلن ۾ سياح، يو اي اي ۾ رهندڙ برطانوي شهري ۽ هوائي عملو شامل آهن

ڪجهه ماڻهن کي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو آهي، پر انهن جا پاسپورٽ ضبط ڪيا ويا

ابوظهبي (م ڊ) گڏيل عرب امارات ۾ اختيارين 70 برطانوي شهري کي ايراني ڊرون ۽ ميزائل حملن جي ڪري ٿيندڙ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ايران ايٽمي عدم پکيڙ معاهدي کان دستبردار ٿيڻ تي غور ڪري رهيو آهي: عملدار

آمريڪا ۽ اسرائيل ايراني ايٽمي سهولتن کي نشانو بڻائي رهيا آهن ۽ آءِ اي اي اي خاموش آهي

اسان جا ڪجهه انسپيڪٽر آمريڪا ۽ اسرائيل کي حساس معلومات منتقل ڪري رهيا آهن

تهران (م ڊ) ايران ايٽمي عدم پکيڙ معاهدي (اين پي ٽي) کان دستبردار ٿيڻ تي سنجيدگي سان غور شروع ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌي ۽ اردو جي مشهور شاعرن ۽ اديبن پاران ايران تي حملن جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌي ۽ اردو جي مشهور شاعرن ۽ اديبن ايران تي اسرائيل ۽

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جسقم اڳواڻ نياز ڪالاڻي ۽ آصف بالادي گرفتار ۽ آزاد

ٻنهي اڳواڻن کي پريس ڪانفرنس ڪرڻ کان اڳ پريس ڪلب ٻاهران گرفتار ڪيو ويو

ڪجهه ڪلاڪن بعد ان شرط تي آزاد ڪيو ويو ته هو صحافين سان نه ڳالهائيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جيئي سنڌ قومي محاذ بشير خان گروپ جي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ جسقم ۾ ٻيهر شامل ٿيندڙ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سينئر قومپرست اڳواڻ آصف بالادي پاران جسقم ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينئر قومپرست اڳواڻ آصف بالادي پنهنجي سياسي سفر ۾ نئون موڙ آڻيندي جسقم شهيد بشير خان گروپ ۾ باقاعده شموليت جو اعلان

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عالمي يوم ارض جي موقعي تي سائيڪل ريلي ۽ احتجاجي مظاهرو

فلسطين، لبنان ۽ ايران سان يڪجهتي لاءِ نڪتل ريلي ۾ سياسي سماجي ۽ مذهبي ڌرين شرڪت ڪئي

پاڪستاني عوام فلسطيني ڀائرن سان گڏ آهي، بيت المقدس جي آزادي تائين جدوجهد جاري رهندي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ عالمي يوم ارض جي موقعي تي فلسطين فائونڊيشن جي اهتمام هيٺ ڪلفٽن جي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير پاران پوليس تي فائرنگ ۾ ملوث جوابدار جي گرفتاري تي ايس ايس پي سٽي ۽ سندس ٽيم جي ساراهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار پوليس تي فائرنگ ۾ ملوث جوابدار جي گرفتاري تي ايس ايس پي سٽي ۽ سندس ٽيم جي ڪارڪردگي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ويجهو فتنه الهندوستان سان لاڳاپيل انتهائي گهربل دهشتگرد گرفتار

ملير ڪوٽ ۾ رينجرز ۽ سي ٽي ڊي پوليس گڏيل ڪارروائي ڪندي عاصر ڪلمتي کي سوگهو ڪيو

جوابدار وٽان هٿيار، ايمونيشن ۽ ڌماڪيدار مواد پڻ هٿ ڪيو ويو آهي: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ سي ٽي ڊي پوليس گڏيل ڪارروائي ڪندي خفيه ڄاڻ جي بنياد تي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ٿر ۾ لائيو اسٽاڪ ۽ غيرآباد زمين جي زراعت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ 1.28 ارب روپين جو منصوبو جوڙيو ويو

منصوبي تحت تحقيق، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ ڪميونٽي جي صلاحيت ۾ اضافو ڪيو ويندو: اختيارين

پنج سالن واري منصوبي تي عملدرآمد پي اي آر سي تحت ايرڊ زون ريسرچ انسٽيٽيوٽ عمرڪوٽ ۾ ڪيو ويندو

جديد ٽيڪنالاجيز ذريعي جديد سڃاڻپ، جينوٽائپنگ ۽ آر ايف آءِ ڊي سسٽمز متعارف ڪرايا ويندا

اسلام آباد (اي پي پي) ٿر جي ريگستاني خطي ۾ لائيو اسٽاڪ، باغباني ۽ پائيدار ماحولياتي نظام جي انتظام کي هٿي ڏيڻ لاءِ 1.28 ارب روپين جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي جنهن تحت تحقيق، ٽيڪنالاجي

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 اتفاق

استقبال ڪيو. سعودي پرڏيهي وزير اجلاس ۾ شرڪت لاءِ هڪ خاص جهاز ذريعي اسلام آباد ۾ نورخان ايئر بيس پهتو. بعد ۾، پاڪستان، سعودي عرب، ترڪي ۽ مصر جي پرڏيهي وزيرن جي وچ ۾ هڪ اعليٰ سطحي مشاورتي اجلاس ٿيو. هي اجلاس نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي دعوت تي منعقد ٿيو جنهن ۾ خطي ۾ بدلجندڙ صورتحال ۽ باهمي دلچسپي جي معاملن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو. اجلاس ۾ جنگ بندي ۽ وچ اوڀر ۾ امن سان لاڳاپيل اهم معاملن تي بحث ڪيو ويو ۽ مختلف تجويزن تي غور ڪيو ويو. ڌرين ڳالهين ذريعي تڪرارن کي حل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. ڳالهين جو پهريون دور ختم ٿي چڪو آهي ۽ ايندڙ دور جلد منعقد ٿيندو جنهن ۾ هر طرف کي پيش ڪيل تجويزن تي پيش رفت بابت آگاهه ڪيو ويندو. ان کان اڳ، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار ترڪي جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان ۽ مصري پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان پرڏيهي آفيس ۾ الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون ته جيئن خطي ۾ چڪتاڻ واري صورتحال ۽ باهمي دلچسپي جي معاملن تي بحث ڪري سگهجي. ترڪي جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان ملاقات دوران، اسحاق ڊار پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ تاريخي، ڀائراڻي ۽ مضبوط لاڳاپن کي اجاگر ڪيو. اسحاق ڊار چيو ته ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل تاريخ، ثقافت ۽ باهمي احترام تي ٻڌل آهن. هن ٻطرفي لاڳاپن ۾ مثبت پيش رفت تي اطمينان جو اظهار ڪيو. پاڪ-ترڪي پرڏيهي وزيرن مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو. ٻنهي اڳواڻن ملاقات ۾ ٻطرفي لاڳاپن جي سڀني پهلوئن جو جائزو ورتو ۽ اسٽريٽجڪ ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي امڪانن تي بحث ڪيو. علائقائي صورتحال تي بحث ڪندي، ٻنهي ڌرين ايران جي موجوده صورتحال سميت ٻين اهم اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتي رابطن جي اهميت تي زور ڏنو. ملاقات ۾، ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي جي بنيادي قومي مفادن لاءِ پنهنجي غير متزلزل حمايت کي ورجايو ۽ ويجهي رابطي کي برقرار رکڻ ۽ ٻه طرفي اسٽريٽجڪ ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. جڏهن ته نائب وزيراعظم اسحاق ڊار مصري پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي کي پرڏيهي معاملن جي وزارت ۾ پهچڻ تي ڀليڪار ڪيو. ٻنهي اڳواڻن ٻه طرفي لاڳاپن جي سڀني پهلوئن جو جامع جائزو ورتو. انهن تازين اعليٰ سطحي تبادلن، خاص طور تي نومبر 2025 ۾ مصري پرڏيهي وزير جي پاڪستان جي دوري کان پوءِ مثبت ترقي تي اطمينان جو اظهار ڪيو. انهن سڀني شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو. ٻنهي وزيرن ٻه طرفي واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. ان سلسلي ۾، انهن ٻه طرفي ميڪانيزم کي فعال ڪرڻ، گڏيل وزارتي ڪميشن جي قيام کي فروغ ڏيڻ ۽ ڪاروباري ادارن جي وچ ۾ رابطن کي فروغ ڏيڻ جي اهميت تي اتفاق ڪيو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير صحت جي شعبي ۾ خاص طور تي هيپاٽائيٽس سي جي خلاف جنگ ۾ مصر جي مسلسل مدد جي تعريف ڪئي ۽ هن شعبي ۾ جاري تعاون جي آجيان ڪئي. ٻنهي ڌرين دفاع ۽ سيڪيورٽي جي شعبن ۾ تعاون ۾ مثبت پيش رفت تي اطمينان جو اظهار ڪيو. انهن تربيتي تبادلن ۽ ٻين ادارتي طريقن ذريعي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. ٻنهي ڌرين علائقائي ۽ بين الاقوامي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، خاص طور تي وچ اوڀر جي صورتحال تي. انهن رواداري، چڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ تڪرار جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڏنو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير فلسطيني عوام لاءِ پاڪستان جي غير متزلزل حمايت کي ورجائيندي، غزه ۽ اولهه ڪناري ۾ اسرائيلي قابض فوجن پاران جاري جارحيت جي سخت مذمت ڪئي. هن غزه جي ماڻهن کي انساني مدد فراهم ڪرڻ ۾ مصر جي ڪردار جي تعريف ڪئي. ٻنهي ملڪن گڏيل قومن ۽ اسلامي تعاون جي تنظيم سميت گهڻ طرفي فورمن ۾ ويجهي تعاون جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو. اجلاس ۾ پاڪستان ۽ مصر جي وچ ۾ ويجهن ۽ ڀائراڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ باهمي مفاد جي سڀني شعبن ۾ تعاون کي وڌائڻ جي گڏيل عزم جي تصديق ڪئي وئي. مصري پرڏيهي وزير جو دورو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تازين اعليٰ سطحي رابطن جو تسلسل آهي، جنهن ۾ 19 مارچ 2026 تي رياض ۾ ٿيل ملاقاتون به شامل آهن. اهو بدلجندڙ علائقائي صورتحال جي تناظر ۾ پاڪستان ۽ مصر جي وچ ۾ ويجهي هم آهنگي جو مظهر آهي.

بقايا 2 ترتلو

پاڙيندا آهن، جن ۾ چين، ترڪي، برازيل ۽ آفريڪا جا ڪيترائي ملڪ شامل آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب وچ اوڀر ۾ وڌندڙ جاگرافيائي سياسي چڪتاڻ ۽ تيل جي عالمي اگهن ۾ لاهن چاڙهن کي ڏسندي پيوٽن حڪومت پنهنجو بفر اسٽاڪ محفوظ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، روس چاهي ٿو ته ان جو عوام ۽ صنعتون سستي تيل مان فائدو کڻي سگهن ۽ ملڪ اندر مهانگائي قابو ۾ رهي. واضح رهي ته روس دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ تيل پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ شامل آهي، توڙي جو اها پابندي يوريشين اڪنامڪ يونين جي رڪن ۽ انهن ملڪن تي لاڳو نه ٿيندي، جن سان روس جا خاص معاهدا آهن پر خدشو آهي ته باقي دنيا لاءِ پيٽرول جا اگهه وڌي ويندا.

بقايا 3 شهباز شريف

ملاقات ڪئي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، قومي سلامتي جو صلاحڪار ليفٽيننٽ جنرل محمد عاصم ملڪ ۽ وزيراعظم جو خاص مددگار طارق فاطمي به ان موقعي تي موجود هئا. ملاقات خوشگوار ۽ دوستاڻي ماحول ۾ ٿي. وزيراعظم سعودي پرڏيهي وزير جو شاندار استقبال ڪندي خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز آل سعود لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو جڏهن ته ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود لاءِ به نيڪ خواهشن جو پيغام ڏنو. پاڪستان طرفان سعودي عرب سان مڪمل ۽ پختي يڪجهتي ۽ حمايت کي ورجائيندي وزيراعظم موجوده بحران دوران سعودي عرب طرفان اختيار ڪيل غير معمولي صبر کي ساراهيو ۽ خاطري ڪرائي ته پاڪستان هميشه سعودي عرب سان گڏ بيٺل هوندو. وزيراعظم هاڻوڪن ڏينهن ۾ ولي عهد سان پنهنجي ڳالهه ٻولهه جو حوالو ڏنو جنهن ۾ 12 مارچ تي جده ۾ ٿيل ملاقات به شامل آهي. هن پرڏيهي وزير کي موجوده بحران دوران پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کان آگاهه ڪيو جنهن ۾ چڪتاڻ گهٽائڻ ۽ آمريڪا ۽ ايران کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ جون ڪوششون شامل آهن. مسلمان امت ۾ سعودي عرب جي قائداڻي ڪردار تي زور ڀريندي وزيراعظم هن نازڪ وقت ۾ اسلامي ملڪن وچ ۾ اتحاد جي ضرورت کي اجاگر ڪيو. سعودي پرڏيهي وزير وزيراعظم جو ٿورو مڃيو ۽ کيس خطي جي صورتحال تي سعودي عرب جي موقف کان آگاهه ڪيو. پاڪستان ۽ سعودي عرب خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پنهنجون گڏيل ڪوششون ۽ ويجها رابطا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 4 دورو ڪيو

امير مقام گلگت ۾ هاڻوڪن اٿندڙ واقعن دوران باهه ڏئي ساڙيل گڏيل قومن جي آفيس ۽ ٻين متاثر ملڪيتن جو دورو ڪيو. ان موقعي تي اسٽيشن ڪمانڊر وفاقي وزير کي بريفنگ ڏني ۽ هاڻوڪن واقعن دوران آفيس ۽ ٻين عمارتن کي پهتل نقصانن کان آگاهه ڪيو. وفاقي وزير موقعي تي نقصانن جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته ادارن جي بحالي ۽ نقصانن جي ازالي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. اڄ ڏينهن وزارت مان جاري بيان موجب وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو ته گلگت بلتستان جي امن امان کي نقصان پهچائڻ وارن عنصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ اهڙن عنصرن جي مڪمل نشاندهي ڪري کين سزا ڏياري ويندي. ان موقعي تي ڪشمير معاملن وارو سيڪريٽري ظفر حسن ۽ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گلگت بلتستان مشتاق احمد پڻ موجود هو.

بقايا 5 برطانوي ميڊيا

ڪنٽرول حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته ان کي گهٽ ۾ گهٽ 10 لک فوجين جي ضرورت پوندي، جڏهن ته ڪجهه هزار يا محدود فوجي مقرري هن مقصد لاءِ ڪافي نه ثابت ٿيندي. رپورٽ موجب، مشهور دفاعي تجزيه نگار سام ڪيلي پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي ته ماضي جون جنگيون واضح ثبوت آهن ته ايران جهڙي وڏي ۽ طاقتور ملڪ ۾ محدود زميني ڪارروائيون نه رڳو غير حقيقي آهن پر خطرناڪ نتيجا به آڻي سگهن ٿيون. تجزيي ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪي صدر ٽرمپ وچ اوڀر ۾ اضافي 10 هزار فوجي موڪلڻ تي غور ڪري رهيو آهي، ته جيئن اهي ايران خلاف ڪارروائين ۾ حصو وٺي سگهن، تقريبن 8 هزار آمريڪي فوجين سان گڏ جيڪي اڳ ۾ ئي موجود آهن. بهرحال، ماهرن جي مطابق، هي انگ ڪنهن به وڏي ڪاميابي لاءِ ڪافي ناهي. رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته آمريڪا شروعاتي حملن ۾ ڪجهه اهم مقصد حاصل ڪري سگهي ٿو جهڙوڪ تيل جي تنصيب يا اهم ٻيٽن تي ڪنٽرول، پر بعد ۾ ان کي سخت مزاحمت، گوريلا جنگ ۽ جديد ڊرون حملن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو جيڪي جنگ کي ڊگهو ۽ وڌيڪ مهانگو بڻائيندا.

بقايا 6 نڪري آيا

شرڪت ڪئي، جن ڊونلڊ ٽرمپ خلاف نعريبازي ڪندي جنگ روڪڻ جو مطالبو ڪيو. هوڏانهن ايران تي جنگ مڙهڻ خلاف اسرائيل جي مختلف شهرن ۾ به هيل تائين جا سڀ کان وڏا احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا آهن. رپورٽن موجب اٽلي، فرانس، اسپين، جرمني، نيدرلينڊز ۽ آسٽريليا ۾ به ٽرمپ انتظاميا خلاف احتجاج ڪندي جنگ روڪڻ جا مطالبا ڪيا ويا.

بقايا 7 ملاقات

مان جاري بيان مطابق ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ لاڳاپا مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ ايران سميت علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هنن امن ۽ استحڪام لاءِ ڳالهين، چڪتاڻ ۾ گهٽتائي، سفارتڪاري ۽ هم آهنگي جي ضرورت تي زور ڀريو.

بقايا 8 ڳالهيون

طرفه لاڳاپن تي تعميري ڳالهيون ٿيون. گذريل ڏينهن پرڏيهي وزارت مان جاري بيان مطابق ٻنهي اڳواڻن ٻه طرفه لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ، اقتصادي سهڪار وڌائڻ ۽ گڏيل دلچسپي جي علائقائي ۽ عالمي معاملن تي هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 9 پهچي ويو

۽ ميرينز موجود آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق سينٽرل ڪمانڊ سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي پوسٽ ۾ لکيو ته يو ايس ايس ٽريپولي تي سوار آمريڪي سيلرز ۽ ميرينز آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جي ذميواري واري علائقي ۾ پهچي ويا آهن. سينٽ ڪام جي پوسٽ مطابق سامونڊي جهاز تي اٽڪل 3500 سيلرز ۽ ميرينز کان علاوه ٽرانسپورٽ جهاز جنگي جهاز سامونڊي ۽ زميني حملو ڪرڻ جي صلاحيت ۽ مختلف اثاثا شامل آهن. يو ايس ايس ٽريپولي جو هيڊ ڪوارٽر جاپان جي ساسيبو بيس ۾ آهي، ان جي ڊيگهه اٽڪل 850 فوٽ آهي ۽ ان جي وزني گنجائش 45000 ٽن تائين پهچي ٿي. بنيادي طور تي اهو سامونڊي جهاز هڪ ننڍي جهاز بردار سامونڊي جهاز وانگر آهي، اهو "ايف-35" اسٽيلٿ جنگي جهازن، "ايم وي-22" اسپري ٽرانسپورٽ جهازن ۽ فوجين کي سامونڊي ڪناري تائين پهچائڻ لاءِ مخصوص لينڊنگ ڪرافٽس کي کڻي وڃڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

بقايا 10 زخمي

جي 34 صوبن مان 13 متاثر ٿيا آهن، جن ۾ اڪثريت اولهه، وچ ۽ اتر اولهه علائقن جي آهي. اختيارين ٻڌايو ته شديد برساتن سبب 147 گهر مڪمل يا جزوي طور تباهه ٿيا، 80 ڪلوميٽر روڊ وهي ويا، جڏهن ته زرعي زمين ۽ آبپاشي جي نهري نظام کي به نقصان پهتو.

بقايا 11 زخمي

۽ 7 زخمي ٿيا. عالمي نيوز ايجنسي جي مطابق، عالمي صحت تنظيم جي ڊائريڪٽر جنرل وڌيڪ چيو ته اهي حملا ڏکڻ لبنان جي مختلف ڳوٺن ۾ ڪيا ويا جڏهن ايمرجنسي ٽيمون پنهنجا فرض ادا ڪري رهيون هيون. عالمي صحت تنظيم جي ڊائريڪٽر جنرل وڌيڪ چيو ته اهي حملا ڏکڻ لبنان ۾ صحت جي سهولتن کي سخت متاثر ڪري رهيا آهن. هاڻي تائين، 4 اسپتالون ۽ 50 کان وڌيڪ پرائمري صحت مرڪز بند ڪيا ويا آهن، ۽ ڪيترائي مرڪز نقصان جي ڪري محدود سطح تي ڪم ڪري رهيا آهن. لبنان جي وزارت صحت جي مطابق، رڳو مارچ ۾ 51 طبي ڪارڪن مارجي ويا ۽ 120 کان وڌيڪ زخمي ٿيا آهن.

بقايا 12 فوت

ٿي ويو. انڊس اسپتال جي ترجمان موجب متاثر شخص ۾ ڪتي جي چڪ هڻڻ کان لڳ ڀڳ هڪ مهينو پوءِ گذريل رات ريبيز جون علامتون پيدا ٿيون. مريض کي بخار پريشاني ۽ پاڻي جي خوف جهڙين علامتن سان اسپتال آندو ويو ۽ سندس حالت مسلسل خراب ٿيندي رهي. ترجمان موجب اڄ رات کان پوءِ سندس حالت خراب ٿي وئي ۽ فوت ٿي ويو. شروعاتي رپورٽن موجب، شهري کي پاڳل ڪتو ڪاٽي ويو هو. ماهرن موجب ڪتي جي چڪ کان پوءِ فوري طور تي بروقت ۽ مڪمل علاج نه ٿيڻ سبب قيمتي جانيون ضايع ٿيون، ۽ ريبيز کان بچاءَ لاءِ فوري طور تي ويڪسينيشن تمام ضروري آهي. انڊس اسپتال ۾ ريبيز جي روڪٿام ۽ تربيتي مرڪز جي مئنيجر آفتاب گوهر عوام کي اپيل ڪئي آهي ته ڪتي جي چڪ جي واقعن کي نظرانداز نه ڪن ۽ فوري طور تي طبي امداد حاصل ڪن. اسپتال انتظاميا موجب جنوري کان وٺي، ڪتي جي چڪ جي لڳ ڀڳ 5,000 هزار متاثرين کي انڊس اسپتال آندو ويو آهي ۽ انهن کي بروقت علاج فراهم ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 5 ماڻهن کي ريبيز جي علامتن سان آندو ويو آهي، جن ۾ موت به شامل آهي. ماهرن خبردار ڪيو آهي ته ريبيز هڪ جان ليوا بيماري آهي، جنهن کي صرف بروقت ويڪسينيشن ۽ مڪمل طبي علاج ذريعي روڪي سگهجي ٿو.

بقايا 13 زخمي

ريلوي ٿاڻي جي حد سلطانا آباد جي علائقي هجرت ڪالوني ويجهو ماشاء الله هوٽل ريلوي ڦاٽڪ جي لڳ ريل گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 60 سالن جو محمد پنجل ولد انعام بخش فوت ٿي ويو آهي. شاهراهه فيصل تي ناٿا خان پل واقع ٽوٽل پمپ ويجهو 2 موٽرسائيڪلن جي وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. جن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. بلديا ٽائون جي علائقي يوسف ڳوٺ بس ٽرمينل جي ويجهو ٽرالر ۽ سوزڪي جي وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو آهي.

بقايا 14 گرفتار

هڪ ڪارروائي دوران هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ترجمان ايف آءِ اي موجب ڪارروائي ڊائريڪٽر ڪراچي زون جي هدايتن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي نگراني هيٺ ڪئي وئي، جيڪا انڪوائري نمبر 17/2026 جي بنياد تي عمل ۾ آندي وئي. ذريعن موجب ايم اي جناح روڊ تي گل پلازه پرسان ڇاپو هڻي جوابدار محمد ثاقب سليم ولد محمد سليم کي گرفتار ڪيو ويو. ترجمان موجب جوابدار جي قبضي مان 2 ڪروڙ رپيا نقد رقم ۽ هڪ موبائل فون هٿ ڪيو ويو آهي. موبائل فون مان حواله هنڊي سان لاڳاپيل واٽس ايپ چيٽس پڻ مليا آهن، جيڪي جاچ لاءِ اهم ثبوت آهن. ايف آءِ اي موجب برآمد ڪيل رقم ۽ ٻين شواهدن کي قانوني تقاضائن مطابق تحويل ۾ ورتو ويو آهي، جڏهن ته جوابدار خلاف فارن ايڪسچينج ريگوليشن ايڪٽ (FERA) تحت ڪيس داخل ڪيو پيو وڃي. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 15 اظهار

۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي تعزيتي بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري مرحوم جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته حاجي عبدالستار ميمڻ پارٽي جو قيمتي اثاثو هئا، جن جون خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. هن مرحوم لاءِ جنت الفردوس ۾ اعليٰ درجن ۽ پسماندگان لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي.

بقايا 16 ڌماڪو

ڌماڪي جي نتيجي ۾ شادي هال ۾ موجود 4 ماڻهو زخمي ٿي پيا. رپورٽ موجب سر سيد پوليس اسٽيشن جي علائقي ۾ نارٿ ڪراچي سيڪٽر اليونA پاور هائوس چورنگي عائشه شادي هال ۾ سيوريج لائن ۾ گئس ڀرجڻ سبب زوردار ڌماڪو ٿيو جنهن جو آواز پري پري تائين ٻڌو ويو. ڌماڪي جي ڪري هال ۾ رکيل صوفن ۾ باهه لڳي وئي. ڌماڪو ايترو زوردار هو جو شادي هال جي ڇت تي لڳل فانوس ۽ لائيٽون به ٽٽي ويون. ڌماڪي جي نتيجي ۾ شادي هال ۾ موجود 4 ماڻهو زخمي ٿي پيا ۽ انهن کي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد ۽ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو. شادي هال ۾ ڌماڪي جي اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ رينجرز جا آفيسر ۽ عملدار به موقعي تي پهچي ويا ۽ فوري طور تي واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو ويو. ايس ايڇ او سر سيد فرخ هاشمي موجب ڌماڪو شادي هال ۾ واش بيسن جي ويجهو ٿيو، ٻه واش بيسن ۽ انهن جا شيشا ٽٽي پيا، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ماڻهو زخمي ٿي پيا، جڏهن ته ڌماڪي کان پوءِ صوفن ۽ پردن ۾ لڳل باهه کي وسائڻ دوران هڪ شخص سڙي زخمي ٿي پيو. ايس ايڇ او چيو ته زخمين ۾ صدام، ناياب ۽ مرتضيٰ شامل آهن ۽ انهن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي.

بقايا 17 گرفتار

جڏهن ته 11 زخمين سميت 12 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب ضلعي سينٽرل جي علائقي لياقت آباد ۾ سنڌي هوٽل آخري اسٽاپ پرسان پوليس پيٽرولنگ دوران ٻن مشڪوڪ ماڻهن کي روڪڻ جو اشارو ڪيو جنهن تي جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ٻئي جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا، جن جي سڃاڻپ ولي الله ۽ طحه طور ٿي آهي. پوليس موجب جوابدارن وٽان هٿيار، موبائل فون ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ آئي، جيڪا سي پي ايل سي رڪارڊ مطابق نيو ٽائون ٿاڻي مان چوري ٿيل هئي. زخمين کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي. ٻئي طرف ضلعي ويسٽ جي علائقي سرجاني ٽائون زيرو پوائنٽ تي شاهين فورس ۽ پوليس سان مبينا مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس موجب مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ عابد علي طور ٿي آهي، جيڪو سنگين ڏوهن ۾ گهربل هو ۽ 2023ع ۾ ڦر دوران هڪ شهري جي قتل ۾ به ملوث رهيو هو. سندس قبضي مان هٿيار، موبائل فون ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي. ان کان علاوه ضلعي ساؤٿ جي علائقي بوٽ بيسن ۾ اڄ بازار پرسان موٽر سائيڪل سوار جوابدارن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي، جنهن تي پوليس جوابي ڪارروائي ڪندي چار جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن ۾ نائڪ محمد، قاسم، زوار حسين ۽ سعيد احمد شامل آهن. انهن وٽان هٿيار ۽ موٽر سائيڪلون به هٿ ڪيون ويون، جڏهن ته زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. هوڏانهن ضلعي ويسٽ جي ٿاڻي مومن آباد جي علائقي سيڪٽر 11 ۾ پوليس ڇهن رڪني ڌاڙيل ٽولي سان مقابلو ڪيو جنهن دوران چار زخمي جوابدارن سميت پنج ڄڻا گرفتار ڪيا ويا، جڏهن ته هڪ جوابدار فرار ٿي ويو. پوليس موجب گرفتار جوابدارن ۾ سلمان، عباس، عمر صديق ۽ رحمت شامل آهن. جوابدارن وٽان هٿيار، موبائل فون ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي، جڏهن ته استعمال هيٺ موٽر سائيڪلون به تحويل ۾ ورتيون ويون آهن.

بقايا 18 گورنر

محمد نهال هاشمي چيو آهي ته ادب ۽ شاعري سرحدن سان جڙيل نه آهن پر دلين کي ڳنڍڻ جو هڪ مؤثر ذريعو آهن. ادب ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ اهڙن ادبي پروگرامن کي تمام ضروري قرار ڏيندي هن چيو ته هو هميشه شاعري ۾ حصو وٺڻ ۽ شاعرن کي ٻڌڻ کي ترجيح ڏيندو آهي، جڏهن ته مشهور شاعر خالد عرفان کي ڪلاڪن تائين ٻڌڻ به خوشي جو ذريعو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ شهر قائد جي رهواسين پاران منعقد ڪيل عالمي شاعري ۾ خاص مهمان جي حيثيت سان خطاب ڪندي ڪيو. سنڌ جي گورنر وڌيڪ چيو ته گورنر هائوس عوام جو آهي ۽ ادبي سرگرمين جي واڌاري لاءِ هر ممڪن مدد جاري رکي ويندي. ڪفايت شعاري مهم جي حوالي سان هن چيو ته گورنر هائوس ۾ غير ضروري بتيون بند رکيون پيون وڃن. هن چيو ته وصي شاهه ۽ عباس تابش جهڙا شاعر ڪنهن هڪ خطي تائين محدود نه آهن، پر عالمي سطح تي اردو ادب جي نمائندگي ڪري رهيا آهن. ان کان اڳ سنڌ جي گورنر جي آمد تي عالمي شاعري جي چيف آرگنائيزر محمود احمد خان سندس گرمجوشي سان استقبال ڪيو جڏهن ته تقريب جي سرپرستي مشهور ليکڪ ڊاڪٽر پيرزاده قاسم رضا صديقي ڪئي ۽ صدارت مشهور شاعر افتخار عارف ڪئي. ملڪ ۽ پرڏيهه مان مشهور شاعرن شاعري ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ انور شعور، محمود شام، مدد علي سنڌي، نصرت صديقي، عباس تابش، شڪيل جاذب، جاويد صبا، سهيل احمد، خالد عرفان، وصي شاهه، احمد سلمان، ناصره زبيري، فضل جميلي، ڊاڪٽر نور امروهوي، نورين طلعت، آئرين فرحت ۽ ٻيا شامل هئا. هي شاندار ادبي گڏجاڻي شهر قائد جي ثقافتي روايت جي عڪاسي ڪري ٿي ۽ حاضرين کان تمام گهڻو داد وصول ڪيو. تقريب جو انتظام منصور ساحر، دانيال اسماعيل، نازيه غوث ۽ ڊاڪٽر امبرين حبيب عمبر ڪيو، جڏهن ته عالمي شاعري رات دير تائين جاري رهي ۽ شرڪت ڪندڙن گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو.

بقايا 19 زين شاهه

پارٽي جي مرڪزي صدر ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر سيد زين شاهه جسقم جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو، آصف بالادي سميت گرفتار اڳواڻن جي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي سندن آزادي جو مطالبو ڪيو آهي. پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ سيد زين شاهه جو چوڻ هو ته ملڪ خصوصن سنڌ ۾ جهنگ جو قانون لاڳو ڪيو ويو آهي. پريس ڪانفرنس ۽ پرامن احتجاج هر شهري جو جمهوري ۽ قانوني حق آهي جيڪو حق هن ملڪ جو آئين ڏئي ٿو پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هن رياست اندر اظهار جي آزادي ۽ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ به نٿو ڏنو وڃي. سيد زين شاهه جو چوڻ هو ته ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سميت گرفتار سمورا اڳواڻ پرامن سياسي ڪارڪن آهن جن هميشه پنهنجي سياسي نظريئي ۾ عدم تشدد ۽ سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي پر بدقسمتي سان سنڌ اندر پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ ڏوهه بڻجي ويو آهي. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته گذريل 17 سالن کان سنڌ اندر پيپلزپارٽي جي حڪومت پوليس سميت اڪثر ادارن کي مذاق بڻائي ڇڏيو آهي. گذريل ٽن ڪلاڪن کان جسقم جي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي پر اڃان تائين ڪراچيءَ جي ڪنهن به ٿاڻي تي سندن گرفتاري ظاهر ناهي ڪئي وئي جيڪو رياستي ادارن لاءِ سواليه نشان آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت انساني حقن جي تنظيمن کي جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو، آصف بالادي سميت گرفتار اڳواڻن جي غيرقانوني گرفتاري ۽ کين ظاهر نه ڪرڻ خلاف نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 20 اجل جو شڪار

ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق سنٽرل ريجنل ٽريفڪ انفورسمنٽ آفيسر الزبيٿ ويوي مطابق اهو حادثو ٿيڪا- ٿياهورو روڊ تي ان وقت پيش آيو جڏهن مني بس سامهون کان ايندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 10 ڄڻا موقعي تي فوت جڏهن ته 5 زخمي اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويا. هن ٻڌايو ڪاٺين سان ڀريل ٽرڪ سائيڪل سوارن کي بچائڻ لاءِ مڙيو جنهن جي نتيجي ۾ سامهون کان ايندڙ مني بس سان ٽڪرائجي وئي. ڪينيا جي صدر وليم روٽو واقعي تي افسوس جو اظهار ڪندي متاثر خاندانن سان تعزيت ڪئي.

بقايا 21 انجنيئر اميرمقام

صورتحال جي حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪئي. اجلاس ۾ وفاقي وزير کي علائقي ۾ جاري توانائي منصوبن، 100 ميگاواٽ سولر پاور منصوبي سميت وزيراعظم محمد شهباز شريف طرفان گلگت بلتستان جي عوام لاءِ تحفي طور فراهم ڪيل سولر پليٽس منصوبي تي پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اڄ ڏينهن وزارت مان جاري بيان موجب لاڳاپيل اختيارين وفاقي وزير کي منصوبن جي موجوده اڳڀرائي، فني رخن ۽ مستقبل جي امڪانن کان آگاهه ڪيو. اجلاس ۾ گلگت بلتستان جي مجموعي صورتحال، امن امان ۽ ٻين اهم معاملن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته حالتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ قدمن تي غور ڪيو ويو. وفاقي وزير توانائي شعبي ۾ جاري قدمن کي واکاڻيندي منصوبن جي بروقت تڪميل ۽ موثر عمل جي اهميت تي زور ڏنو. هن چيو ته حڪومت گلگت بلتستان ۾ پائيدار توانائي جي ترقي لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي ۽ سولر توانائي منصوبا علائقي جي توانائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري گلگت بلتستان ارشد مجيد مهمند، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، آءِ جي گلگت بلتستان ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 22 سراج الحق

خطي ۾ امن جي قيام طرف اهم اڳڀرائي ثابت ٿي سگهي ٿي. ڪالهه ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ جماعت اسلامي جي اڳوڻي امير چيو ته اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهيون خطي ۾ امن جي قيام طرف اهم اڳڀرائي ثابت ٿي سگهن ٿيون، پر مسلمان امت ۾ وڌندڙ ڏار کي به گهٽ ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿيون. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن پاڪستان، ترڪي، مصر ۽ سعودي عرب جي گڏيل حڪمت عملي جي نتيجي ۾ وچ اوڀر ۾ جاري جارحيت جو خاتمو ۽ جنگ ٿي وڃي ته اهو اتحاد مسلمان امت جي وقار جي بحالي ۾ موثر ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

بقايا 23 دانيال چوڌري

چڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ اسلام آباد ۾ پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ سعودي عرب، مصر ۽ ترڪيه جي پرڏيهي وزيرن وچ ۾ ٿيل اهم مشاورتي اجلاس سٺو سنئون آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته پاڪستان جو خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي قيام ۾ مرڪزي ڪردار خاص ڪري وچ اوڀر جي روشني ۾ ساراهه جوڳو آهي. هن چيو ته ٽن اهم ملڪن جي پرڏيهي وزيرن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ پاڪستان جون نمايان سفارتي ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن جيڪي پاڪستان جي موثر پرڏيهي پاليسي تي عالمي اعتماد جو اظهار آهن. هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اڳواڻي ۾ پاڪستان هميشه امن، ڳالهين ۽ سفارتي حل کي ترجيح ڏني آهي. سندس چوڻ هو ته موجوده صورتحال ۾ جنگ جو خاتمو خطي جي بهترين مفاد ۾ آهي ۽ تحمل ۽ بردباري سان ئي اڳتي وڌڻ جو موثر رستو آهي. بئريسٽر دانيال چوڌري وڌيڪ چيو ته پاڪستان جو مثبت ۽ متوازن سفارتي ڪردار علائقائي هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ ۽ چڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ نهايت اهميت وارو آهي ۽ حڪومت خطي ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي.

بقايا 24 لبنان

جارحيت هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي قانون ۽ عالمي انساني قانون توڙي جنگي قانون جي بنيادي ترين اصولن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ايوان صدر مان جاري هڪ بيان موجب جوزف عون چيو ته اسرائيل هڪ ڀيرو وري پيشه ورانه ذميواريون نڀائيندڙ صحافين کي نشانو بنايو جيڪي عام شهري ٿين ٿا. هن چيو ته اهو هڪ ڏوهه آهي جيڪو انهن سمورن مفادن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو جن تحت صحافين کي جنگين ۾ عالمي تحفظ حاصل آهي.

بقايا 25 جاچ رپورٽ

رپورٽ ۾ الزام هيٺ آيل وڊيوز جي سامهون اچڻ کان پوءِ سندس سياسي ۽ قانوني مسئلا وڌي ويا آهن. رپورٽن موجب، مشهور آمريڪي صحافي ٽڪر ڪارلسن دعويٰ ڪئي آهي ته هن هڪ دستاويزي دستاويز ۽ وڊيو کي ظاهر ڪيو آهي، جيڪو سندس چوڻ آهي ته نيتن ياهو خلاف قانوني ڪيس کي مضبوط ڪري سگهي ٿو ۽ کيس جيل پهچائي سگهي ٿو. جاچ رپورٽ ۾ الزام لڳايو ويو آهي ته نيتن ياهو هٿيارن جي ڊيلرن کان قيمتي تحفا وصول ڪيا ۽ بدلي ۾ انهن کي ڪاروباري فائدا ڏنا. اهو به دعويٰ ڪيو ويو آهي ته پوليس جاچ دوران، نيتن ياهو پاڻ ۽ پنهنجي زال جي نالي تي تحفا وصول ڪرڻ جو اعتراف ڪيو. رپورٽن ۾ چيو ويو آهي ته هڪ مبينا وڊيو پڻ ليڪ ٿي آهي، جنهن ۾ نيتن ياهو کي جاچ آفيسرن کي ڌمڪيون ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ته، هن وڊيو جي آزادانه طور تي تصديق نه ٿي سگهي آهي. سياسي مبصرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن الزام ثابت ٿين ٿا، ته نيتن ياهو وزيراعظم جي عهدي ڇڏڻ کان پوءِ قانوني ڪارروائي کي منهن ڏئي سگهي ٿو ۽ ممڪن طور تي جيل به وڃي سگهي ٿو. نيتن ياهو جي آفيس طرفان الزامن تي ڪو به سرڪاري جواب نه آيو آهي.

بقايا 26 ترڪ انٽيليجنس سربراهه

۽ خطرناڪ علائقائي تڪرار جو بنياد رکي رهي آهي جيڪا ڏهاڪن تائين هلي سگهي ٿي. ابراهيم ڪلين چيو ته موجوده صورتحال صرف هڪ محدود جنگ ناهي پر سڄي خطي کي هڪ وڏي ۽ ڊگهي عرصي واري بحران ڏانهن ڌڪي رهي آهي. هن چيو ته هن جنگ جا اثر صرف ڪجهه ملڪن تائين محدود نه هوندا پر ان جا نتيجا عالمي سطح تي محسوس ڪيا ويندا. امن قائم ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جي تعريف ڪندي، هن چيو ته ترڪي پاڪستان جي سفارتي ڪوششن ۽ ڳالهين جي قدمن جي مڪمل حمايت ڪري ٿو هن چيو ته سفارتڪاري خطي ۾ تڪرار گهٽائڻ جو واحد مؤثر طريقو آهي. ابراهيم ڪلين واضح ڪيو ته جيتوڻيڪ خليجي ملڪن تي ايران جا حملا ناقابل قبول آهن، پر ان مسئلي کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ته هي جنگ ڪنهن شروع ڪئي. هن سڀني ڌرين تي زور ڏنو ته اهي ذميواري جو مظاهرو ڪن ۽ صورتحال کي خراب ٿيڻ کان روڪين. ترڪي جي انٽيليجنس چيف وڌيڪ چيو ته جنگ ترڪي، ڪرد، عرب ۽ فارسي قومن جي وچ ۾ ڊگهي عرصي تائين ورهاست جو سبب بڻجي سگهي ٿي، جيڪا خطي کي وڌيڪ غير مستحڪم ڪندي. سندس مطابق، ايران خلاف ماضي ۾ وڙهيل محدود جنگيون اصل ۾ موجوده وڏي تڪرار جي تياري جو حصو هيون. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جنگ جاري رهي ته لبنان، شام، فلسطين ۽ ٻين علائقن ۾ نوان جيو پوليٽيڪل ۽ سياسي حقيقتون سامهون اچي سگهن ٿيون، جڏهن ته پوري دنيا کي هن تڪرار جي قيمت ادا ڪرڻي پئجي سگهي ٿي.

بقايا 27 انگ 108 ٿي ويو

ٿي ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق 6 مارچ جي شام اوچتو آيل ٻوڏ اوڀر آفريقي ملڪ ۾ وڏي پيماني تي تباهي پکيڙي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي گاڏيون ٻوڏ جي وهڪري ۾ لڙهي ويون، فضائي سفر متاثر ٿيو ۽ بجلي جي بنيادي ڍانچي کي نقصان پهتو. نيشنل پوليس سروس تازن انگن اکرن ۾ ٻڌايو آهي ته سڄي ملڪ ۾ 2700 کان وڌيڪ خاندان بي گهر ٿيا آهن. پوليس خبردار ڪيو آهي ته جيتوڻيڪ ڪجهه علائقن ۾ برساتن جي شدت گهٽ ٿي آهي پر ٻوڏ جو خطرو اڃان موجود آهي.

بقايا 28 پرڏيهي سوگها

پڪڙيون ويون آهن جڏهن ته 5111 غير قانوني پرڏيهين کي پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب 19 کان 25 مارچ 2026ع دوران مجموعي طور تي 7650 ماڻهن کي اقامه قانون 2952 کي غير قانوني سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 1249 کي ليبر قانون جي خلاف ورزي تي حراست ۾ ورتو ويو آهي. غيرقانوني طور تي سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 140 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو جن مان 71 سيڪڙو ايٿوپين، 26 سيڪڙو يمني ۽ 3 سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکن ٿا. ان کان علاوه 42 اهڙن ماڻهن کي به پڪڙيو ويو آهي جيڪي سرحد پار ڪري سعودي عرب مان پاڙيسري ملڪن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

بقايا 29 تصديق

ٻارڻ جي ذخيرن تي به حملو ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف ايران آمريڪا جي زميني فوج جي مداخلت جي صورت ۾ خوفناڪ نتيجن جي ڌمڪي ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ائين ڪيو ته ان جا فوجي شارڪ مڇيءَ جي خوراڪ بڻجندا. ايراني ميڊيا موجب خاتم الانبيا هيڊ ڪوارٽرز جي ترجمان ابراهيم ذوالفقاري چيو ته اهو قدم آمريڪي فوج لاءِ شديد ذلت جو سبب بڻجندو. ايراني فوج ڊگهي عرصي کان اهڙي صورتحال لاءِ تيار ۽ جواب ڏيڻ جي منتظر آهي. هن چيو ته ڪنهن به جارحيت يا قبضي جي ڪوشش جي صورت ۾ حملي آور فوج گرفتاري ۽ مڪمل تباهي جهڙن نتيجن کي منهن ڏيندي، آمريڪي ڪمانڊر ۽ فوجي نار فارس ۾ شارڪ مڇين جي خوراڪ بڻجي ويندا. سندس چوڻ هو ته آمريڪي قيادت ايران جي تاريخ جو مطالعو ڪري ۽ ماضي ۾ پرڏيهي حملي آورن سان ٿيندڙ تجربن مان سکي، غلط فيصلو آمريڪي فوج جي وڏي پيماني تي جاني نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿو. هوڏانهن ايراني اختيارين تصديق ڪئي آهي ته آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ شهيدن جو انگ 2076 تائين پهچي چڪو آهي، جنهن ۾ ٻار به شامل آهن. ايران جي صحت واري وزارت جنگ دوران جاني نقصان جي حوالي سان تازا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا. ايراني صحت واري وزارت موجب اسرائيلي ۽ آمريڪي حملن ۾ هيل تائين 2076 ڄڻا شهيد ٿي چڪا آهن، جن ۾ 216 ٻار به شامل آهن. انگن اکرن موجب حملن ۾ 1767 ٻارن سميت 26 هزار 500 ڄڻا زخمي ٿيا آهن، جڏهن ته حملن ۾ 336 طبي مرڪزن کي به نقصان پهتو.

بقايا 30 پهچي ويو

پهچڻ تي شهزاده فيصل بن فرحان آل سعود جي آجيان ايڊيشنل سيڪريٽري (وچ اوڀر) سيد احمد معروف ڪئي. سعودي شهزادو دوري دوران چار ڌرئي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو ۽ علائقائي صورتحال تي صلاح مشورا ڪندو. اهو دورو پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ ويجهن رابطن ۽ برادرانه لاڳاپن ۽ عالمي معاملن تي لڳاتار گڏيل رابطن جي عڪاسي ڪري ٿو.

بقايا 31 آجيان

وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سندس ڀرپور آجيان ڪئي. هو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار جي دعوت تي خطي جي صورتحال تي چار ڌرئي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان جو دورو ڪري رهيو آهي. اجلاس جي صدارت نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار ڪندو. اجلاس ۾ سعودي عرب ۽ ترڪيه جا پرڏيهي وزير به شرڪت ڪندا. پرڏيهي آفيس ۾ مصر جو پرڏيهي وزير بدر عبدالعاطي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان علائقائي صورتحال ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو.

بقايا 32 آڇ

موجب، جنرل موهوزي ڪنيراوائبا پنهنجي بيان ۾ چيو ته يوگنڊا جون فوجون اسرائيل سان گڏ بيٺيون آهن ۽ جيڪڏهن ضرورت پئي ته ان جي طرفان وڙهڻ لاءِ تيار آهن. هن چيو ته وچ اوڀر ۾ جنگ بند ٿيڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اسرائيل کي تباهه ڪرڻ يا شڪست ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته يوگنڊا به جنگ ۾ شامل ٿي ويندو. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اسرائيل کي مدد جي ضرورت آهي ته يوگنڊا جي فوج صرف هڪ سگنل جي انتظار ۾ آهي ۽ فوري مدد فراهم ڪندي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته يوگنڊا جي فوج ۾ لڳ ڀڳ 45,000 اهلڪار شامل آهن، جڏهن ته جنرل موهوزي ملڪ جي صدر يووري موسويني جو پٽ پڻ آهي. هو اڪثر سوشل ميڊيا تي پنهنجي تڪراري بيانن جي ڪري خبرن ۾ هوندو آهي.

بقايا 33 اسحاق ڊار

چيو ته روز ٻه جهاز آبناءِ هرمز پار ڪندا. ايران جو اهو قدم سٺو سنئون ۽ تعميري آهي، ان جي تعريف ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته اهو هاڪاري اعلان امن ڏانهن اهم قدم آهي، جيڪو اجتماعي ڪوششن کي مضبوط ڪندو. سندس چوڻ هو ته ڳالهيون، سفارتڪاري ۽ اعتماد سازي ئي اڳتي وڌڻ جو واحد رستو آهي.

بقايا 34 وزيراعظم

پاڻ ڪٽي عوام کي رليف ڏئي. موٽرسائيڪل ۽ رڪشا مالڪ رجسٽريشن پنهنجي نالي ڪرائڻ سان مستقبل ۾ حڪومتي رليف مان فائدو کڻي سگهندا. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ طرفان جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ خطي جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي ٻارڻ جي بچت ۽ ڪفايت شعاري لاءِ جاري قدم لاڳو ڪرڻ تي جائزو اجلاس گذريل ڏينهن منعقد ٿيو. وڊيو لنڪ اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار، وفاقي وزيرن احد خان چيمه، محمد اورنگزيب، علي پرويز ملڪ، عطا الله تارڙ، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، احسن اقبال، شزا فاطمه خواجه، اويس خان لغاري، خاص مددگار طارق باجوه، اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته حڪومتي فيصلن جي ڪري پيٽروليم شين جو ملڪي ضرورتن لاءِ مناسب مقدار موجود آهي، تازي صورتحال ۾ عوامي رليف کي پهرين ترجيح ڏني، تيل جي قيمتن کي وڌڻ کان روڪڻ لاءِ وفاقي حڪومت 125 ارب روپين جي وڏي رقم، مختلف بجيٽن ۽ ترقياتي بجيٽ مان ڪٽوتي ڪري ڏني ته جيئن عوام عالمي سطح تي چڪتاڻ جي سڌي ريت اثرن کان محفوظ رهي. اجلاس ۾ عوام کي اپيل ڪئي وئي ته بچت مهم ۾ حڪومت جو ساٿ ڏي ۽ غير ضروري سفر کان پاسو ڪري. آفيسن ۾ ڪم وارين جاين تي ٽيلي ڪانفرنسنگ کي ترجيح ڏني وڃي. وزيراعظم صوبائي حڪومتن تي پڻ زور ڀريو ته موٽرسائيڪلن ۽ رڪشا مالڪن کي رجسٽريشن انهن جي پنهنجي نالن تي ڪرائڻ لاءِ سموريون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ان قدم ذريعي سڄي ملڪ ۾ موٽرسائيڪلن ۽ رڪشائن جي ڊيٽا ڊجيٽلائيز ٿي ويندي ۽ انهن جي مالڪن کي مستقبل ۾ حڪومت پاران ڏني ويندڙ رليف مان فائدو حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو. وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي چئني صوبن سميت آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي چيف سيڪريٽرين سان ان سلسلي ۾ رابطا تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس کي ڪفايت شعاري ۽ بچت جي قدمن تي عملدرآمد جي اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ويو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته پيٽروليم شين جي گهرج ۽ پهچ ۽ پوري سپلائي چين جي باقاعدگي سان نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ ان سلسلي ۾ هڪ ڊجيٽل ڊيش بورڊ به تيار ڪيو ويو آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته اپريل لاءِ پيٽروليم جي درآمد جو انتظام ٿي چڪو آهي، ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان ۾ ٻارڻ جي فراهمي جي حوالي سان نه ته ڪٿهين قطارون آهن ۽ نه ئي بدانتظامي آهي، جيڪو حڪومت جي بهترين انتظام جو ثبوت آهي. اجلاس ۾ ڏنل بريفنگ موجب وقت سر حڪومتي قدمن جي ڪري ملڪ ۾ تيل جي صورتحال کي بهترين طريقي سان مينيج ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ موٽرسائيڪل سوارن ۽ رڪشا هلائيندڙن لاءِ تجويز ڪيل فيول سپورٽ پروگرام لاءِ تيار ٿيل ايپ تي به بريفنگ ڏني وئي.

بقايا 35 شڪست

شڪست ڏئي ڇڏي. قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ ڪوئيٽا ٽاس کٽي اڳ ۾ بيٽنگ ڪئي ۽ مقرر اوورن ۾ 8 وڪيٽن جي نقصان تي 175 رنسون ٺاهيون. ڪوئيٽا طرفان شمائل حسين 54 ۽ حسن نواز 53 رنسن جي شاندار اننگز کيڏي، جڏهن ته ٽوم ڪرن 31 رنسون ٺاهيون. حيدرآباد طرفان ريلي ميريڊٿ 3، عاڪف جاويد ۽ مهيش ٿيڪشانا 2-2 وڪيٽون ورتيون. جواب ۾ حيدرآباد جي ٽيم 8 وڪيٽن جي نقصان تي 134 رنسون ٺاهي سگهي، عرفان نيازي 33 رنسن سان ٽاپ اسڪورر رهيو حسان خان 31، ڪپتان مارنس لبوشين 23، عثمان خان 14 رنسون ٺاهيون. گليڊيئيٽرز طرفان ابرار احمد 3، احمد دانيال 2، عثمان طارق، الزاري جوزف ۽ سعود شڪيل هڪ هڪ وڪيٽ ورتي.

بقايا 36 23زخمي

موجب باهه جو واقعو اتر چين جي صوبي شانشي جي گادي واري شهر تائي يوان ۾ پيش آيو جتي هڪ عمارت ۾ لڳل باهه جي نتيجي ۾ ٽي ماڻهو فوت ۽ 23 زخمي ٿي پيا. ميونسپل اختيارين موجب باهه رات جو نائين وڳي شياو ديان ضلعي ۾ لڳي. اختيارين موجب زخمين مان 9 جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. باهه لڳڻ جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا 37 [illegible]

ايڊيشنل سيشن جج جناب حسن علي ڪلوڙ جي عدالت ميهڙ ۾ 17جنوري 2018 تي قتل ٿيل ڪرم الله چانڊيو ۽ سندس 2 پٽن مختيار چانڊيو ۽ قابل چانڊيو جي ٽيڻي قتل جو فيصلو اڄ ٻڌايو ويندو. ٽيڻي قتل جي ڪيس ۾ ايم پي اي سردار خان چانڊيو برهان خان چانڊيو سميت مرتضيٰ چانڊيو علي گوهر چانڊيو سڪندر چانڊيو ذوالفقار چانڊيو ستار چانڊيو ايس ايڇ او عبدالڪريم چانڊيو جوابدار ڄاڻايل آهن. جڏهن هن ٽيڻي قتل ڪيس کي وڏي اهميت حاصل آهي. ٽيڻي قتل ڪيس جو فريادي پرويز چانڊيو آهي ۽ ڪيس جي پوئواري سنڌ جي بهادر ڌيءَ ام رباب چانڊيو ڪري رهي آهي. ڊسٽرڪٽ سيشن جج جي حڪمن تي ضلعي پوليس ايس او پيز ۽ سيڪيورٽي پلان جاري ڪري ڇڏيو آهي. ميهڙ ۾ ام رباب چانڊيو جي گهر تي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي، جڏهن ته انڊس هاءِ وي تي عارضي چيڪ پوسٽن سان گڏ سنيپ چيڪنگ جاري آهي. حساس ڪيس جي پيش نظر قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي، 5 کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ تي پابندي لڳائي وئي آهي. 6 ڊي ايس پيز ۽ 33 ايس ايڇ اوز جي نگراني هيٺ 539 پوليس اهلڪار ۽ ليڊي پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. ريسڪيو 1122، فائر برگيڊ ۽ خاص سرچ ٽيمون به الرٽ آهن. عدالتي ٻڌڻي دوران عدالت جي احاطي ۾ هٿيار کڻي وڃڻ تي مڪمل پابندي لاڳو آهي، جڏهن ته ٻڌڻي واري ڏينهن حامين ۽ عوامي هجوم کي عدالت ۾ اچڻ جي اجازت نه هوندي، ميڊيا ۽ ڪيمرامين کي به عدالتي حدن اندر داخل ٿيڻ جي اجازت نه هوندي.

بقايا 38 مهم جاري

واهپي جي شين ورهائڻ کان علاوه علاج جون سهولتون به فراهم ڪيون پيون وڃن. پرڏيهي خبررسان اداري مطابق شاهه سلمان امدادي مرڪز جي ٽيمن يمن ۾ ڪمشنري شبوه ۾ کجور جا 500 ڪارٽن ورهايا جن مان 3000 ماڻهن فائدو حاصل ڪيو. امدادي مهم تحت جمهوريه سوڊان جي رياست خرطوم جي علائقي ڪرري ۾ اٽي جون 2800 ٻوريون ورهايون ويون جن مان فائدو حاصل ڪندڙن جو انگ 23 هزار کان وڌيڪ هو. طبي امدادي مهم جي مصنوعي عضون جي پروگرام ۽ بحالي مرڪز گذريل مهيني دوران يمن جي ڪمشنري مارب ۾ مختلف نوعيت جون طبي خدمتون مهيا ڪيون جن مان 612 ماڻهن کي فائدو حاصل ٿيو. يمن جي ڪمشنري حجه ۾ موبائل ميڊيڪل ڪيمپ ذريعي 856 مريضن رابطو ڪيو جن ۾ 121 ايمرجنسي ڪيسز هئا جڏهن ته 82 مريضن انٽرنل ميڊيسن جي شعبي ۾ آيا. ڇهن مريضن لاءِ سرجري جي سفارش ڪئي وئي، 402 مريضن نرسنگ سروسز جون خدمتون حاصل ڪيون جڏهن ته 851 ماڻهن کي دوائون پڻ ڏنيون ويون.

بقايا 39 وينزويلا صدر

فلورس خيريت سان، مضبوط ۽ پرسڪون آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق هلندڙ سال جنوري ۾ آمريڪي فوج جي ڪارروائي دوران گرفتار ٿيل وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو پنهنجي گرفتاري بعد پهريون ڀيرو سوشل ميڊيا تي پيغام جاري ڪيو. ٽيليگرام ۽ ايڪس اڪائونٽ تي جاري پيغام ۾ نڪولس مادورو ۽ سندس زال چيو ته هاڻي اڳ کان وڌيڪ ضروري آهي ته ملڪ ۾ امن، قومي اتحاد، مفاهمت، درگذر ۽ گڏيل يڪجهتي کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي. پيغام ۾ چيو ويو ته ڪنهن کي به ڳالهين، گڏيل بقاءَ ۽ گڏيل احترام جي رستي تان نه هٽڻ گهرجي. ياد رهي ته هلندڙ سال 3 جنوري تي آمريڪي فوج هڪ وڏي آپريشن دوران نڪولس مادورو ۽ سندس زال کي گرفتار ڪري نيويارڪ منتقل ڪيو هو جتي کين ڪيس جو منهن ڏيڻو پيو آهي.

بقايا 40 گرفتار

نقصان جون وڊيوز ۽ تصويرون شيئر ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو آهي. برطانوي ميڊيا جي رپورٽن موجب، گرفتار ٿيلن ۾ سياح، يو اي اي ۾ رهندڙ برطانوي شهري ۽ هوائي عملو شامل آهن. ڪجهه ماڻهن کي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو آهي، پر انهن جا پاسپورٽ ضبط ڪيا ويا آهن ته جيئن اهي ملڪ ڇڏي نه سگهن. رپورٽن موجب، اماراتي قانون تحت، نه رڳو حساس تصويرون يا وڊيوز شيئر ڪرڻ، پر ڪجهه حالتن ۾ انهن کي وصول ڪرڻ به جرم آهي. اهڙن ڏوهن جي سزا 10 سالن تائين قيد ۽ 200,000 درهم تائين جرمانو ٿي سگهي ٿي. آفيسرن موجب، هي قدم قومي سلامتي ۽ حساس معلومات جي حفاظت لاءِ کنيو ويو آهي، خاص طور تي اهڙي وقت جڏهن خطي ۾ ايران سان تڪرار پنهنجي عروج تي آهي. برطانوي ميڊيا جو چوڻ آهي ته جنگ کان اڳ، لڳ ڀڳ 240,000 برطانوي شهري دبئي ۾ رهندا هئا، پر انهن مان هڪ وڏو انگ ايران سان تڪرار شروع ٿيڻ کان پوءِ برطانيه واپس آيو آهي.

بقايا 41 عملدار

آهي، جنهن سان عالمي سطح تي پريشاني جي هڪ نئين لهر پيدا ٿي آهي. ايراني ميڊيا جي رپورٽن موجب، ممڪن فيصلي جو مقصد آءِ اي اي اي انسپيڪٽرن پاران مبينا جاسوسي کي روڪڻ آهي. ايران جو چوڻ آهي ته ڪجهه انسپيڪٽر آمريڪا ۽ اسرائيل کي حساس معلومات منتقل ڪري رهيا آهن. رپورٽن موجب، ايراني پارليامينٽ ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا ان مسئلي تي غور ڪري رهيا آهن، ۽ هڪ وڌندڙ تاثر آهي ته اين پي ٽي ۾ رهڻ لاءِ ايران جو جواز موجوده حالتن ۾ ڪمزور ٿي ويو آهي. ايراني عملدارن جو چوڻ آهي ته اين پي ٽي تحت، آءِ اي اي اي ايران کي پرامن ايٽمي ٽيڪنالاجي ۽ سامان تائين رسائي فراهم ڪرڻ جي ذميوار آهي، پر انهن جي مطابق، آمريڪا ۽ اسرائيل ايراني ايٽمي سهولتن کي نشانو بڻائي رهيا آهن جڏهن ته آءِ اي اي اي مؤثر طريقي سان جواب ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ماهرن جي مطابق، جيڪڏهن ايران اين پي ٽي کان دستبردار ٿيڻ جو فيصلو ڪري ٿو ته اهو عالمي ايٽمي نظام لاءِ هڪ وڏو ڌڪ هوندو ۽ خطي ۾ تڪرار وڌيڪ وڌي سگهي ٿو.

بقايا 42 گرفتار ۽ آزاد

ڊاڪٽر آصف بالادي کي ڪالهه شام جو ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪرڻ کان اڳ ئي اتي صبح کان مقرر پوليس اٽالين سندن ڪار کي گهيرو ڪري گرفتار ڪري آرٽلري ٿاڻي تي نيو ويو. جتان کين ٻن ڪلاڪن بعد ان شرط تي آزاد ڪيو ويو ته هو ڪراچي پريس ڪلب نه ويندا ۽ صحافين سان نه ڳالهائيندا. جسقم بشير خان گروپ طرفان اها پريس ڪانفرنس ڊاڪٽر آصف بالادي طرفان جسقم بشير خان قريشي گروپ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ رکي وئي هئي، پر ان کان اڳ ٻنهي اڳواڻن سميت مرتضيٰ شاهاڻي ۽ ٻين ٻن کي گرفتار ڪيو ويو ان موقعي تي پوليس پريس ڪلب جي چوطرف گهيرو ڪري ڇڏيو هو، ڪلب جي مکيه گيٽ اڳيان پوليس بيهاري اتي موجود صحافين جا ڪارڊ پڻ چيڪ ڪيا. جسقم بشير خان قريشي گروپ ۾ شامل ٿيل اڳوڻي سياسي ڪارڪن آصف بالادي فيس بڪ وسيلي گروپ ۾ شامل ٿيڻ اعلان ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي سنڌ حڪومت سنڌ جي قومي تحريڪ کان ان ڪري خوف کائيندي اظهار جي آزاديءَ تي بندش وجهي رهي آهي، جو ته پيپلزپارٽي سنڌ جي زمين، معدني وسيلن جو وڪرو ڪندي ڪرپشن جي بنياد تي حڪومت ڪري رهي آهي. ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو ته رياست ۽ سنڌ جي حڪمرانن طرفان ڪيترا به رستا روڪ ڪيا وڃن، پر رهبر جي ايم سيد جي رستي تي هلندي سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ اڳتي وڌندي رهندي.

بقايا 43 مظاهرو

علائقي ٽن تلوار کان سائيڪل ريلي ڪڍي وئي، جيڪا مختلف شاهراهن مان ٿيندي ڪراچي پريس ڪلب پهچي ختم ٿي، جتي احتجاجي مظاهرو ۽ جلسو منعقد ڪيو ويو. فلسطين، لبنان ۽ ايران سان يڪجهتي لاءِ نڪتل هن ريلي ۾ سياسي ۽ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن، سماجي شخصيتن، سول سوسائٽي ۽ اقليتي برادري جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن ۾ ڊاڪٽر صابر ابو مريم، ڊاڪٽر معراج الهديٰ صديقي، علامه حيات نجفي، صاحبزاده ثاقب نوشاهي، اسرار عباسي، عرم بٽ، علامه مرزا طاهر بشير سدوزئي، جمشيد حسين ۽ پير معاذ نظامي شامل هئا. ريلي جي شرڪت ڪندڙن پاڪستان ۽ فلسطين جا جهنڊا کڻي رکيا هئا، جڏهن ته ايران، لبنان ۽ فلسطين جي شهيدن ۽ اڳواڻن جون تصويرون پڻ پلي ڪارڊن تي لڳل هيون. ان موقعي تي آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ۽ عالمي برادري سميت عرب ملڪن جي پاليسين تي تنقيد ڪئي وئي. پريس ڪلب ٻاهران ٿيل احتجاجي اجتماع کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پاڪستاني عوام پنهنجي فلسطيني ڀائرن سان گڏ بيٺل آهي ۽ بيت المقدس جي آزادي تائين جدوجهد جاري رهندي. هنن چيو ته دنيا جي مظلوم قومن، خاص طور فلسطين ۽ ڪشمير جي ماڻهن سان يڪجهتي ضروري آهي. مقررن آمريڪا ۽ اسرائيل تي انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين جا الزام لڳائيندي چيو ته فلسطين، لبنان ۽ ايران کي نسل ڪشي جو نشانو بڻايو پيو وڃي. ڪجهه اڳواڻن جو چوڻ هو ته عالمي طاقتون پنهنجي مفادن لاءِ خطي ۾ جنگ کي هوا ڏئي رهيون آهن. مختلف مذهبي ۽ سياسي اڳواڻن مسلم ملڪن تي زور ڏنو ته گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪري فلسطين جي مسئلي ۽ ايران خلاف آمريڪي ۽ اسرائيلي قدمن جي کليل مذمت ڪن. مقررن جو چوڻ هو ته امت مسلمه کي متحد ٿي مظلوم قومن جي حمايت جاري رکڻي پوندي ۽ خطي ۾ امن لاءِ آواز بلند ڪرڻو پوندو. ان موقعي تي مظاهرين آمريڪا، اسرائيل ۽ ڀارت خلاف نعرا پڻ هنيا ۽ عالمي سطح تي انصاف ۽ امن جي مطالبن کي ورجايو.

بقايا 44 گرفتار

گلشن اقبال جي علائقي منو ڳوٺ بلاڪ 12 مان فتنه الهندوستان سان لاڳاپيل هڪ انتهائي گهربل دهشتگرد کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ترجمان موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ عاصم ولد اصغر علي ڪلمتي بلوچ طور ٿي آهي، جنهن وٽان هٿيار ايمونيشن ۽ ڌماڪيدار مواد پڻ هٿ ڪيو ويو آهي. جاچ دوران دهشتگرد انڪشاف ڪيو ته هو سال 2023 ۾ فتنه الهندوستان (بي ايل اي) ۾ شامل ٿيو جتي کيس ڪمانڊر طارق عرف صوفي (جيڪو بعد ۾ مارجي ويو) ۽ سلمان ڪلمتي بلوچ طرفان شامل ڪرايو ويو هو. هن ٻڌايو ته هو 2016 ۾ ڪراچي مان بلوچستان جي علائقي پان وان جيوڻي منتقل ٿيو جتي تنظيم لاءِ هٿيار ايمونيشن ۽ راشن جي فراهمي ۽ سهولتڪاري ۾ ملوث رهيو. ذريعن موجب سال 2025 ۾ ڪمانڊر طارق عرف صوفي جي سڪيورٽي فورسز هٿان مارجي وڃڻ بعد جوابدار ايران جي علائقي ريمدان ۾ لڪي ويو هو. بعد ۾ هن ۽ سندس ساٿي سلمان بلوچ تنظيم جي قيادت خلاف ڪارروائين جو بدلو وٺڻ جو عهد ڪيو. وڌيڪ انڪشافن موجب جوابدار کي تنظيم جي ڪمانڊر ريحان بلوچ طرفان عسڪري تربيت لاءِ مجيد بريگيڊ ڏانهن موڪلڻ جي تياري هئي ۽ هو عيد کانپوءِ تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيمپ وڃڻ وارو هو. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار دهشتگرد سوشل ميڊيا تي پڻ سرگرم رهيو ۽ نوجوانن کي رياستي ادارن خلاف ڀڙڪائڻ ۾ ملوث هو. رينجرز موجب جوابدار جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن، جڏهن ته گرفتار دهشتگرد کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ سي ٽي ڊي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي. عوام کي اپيل ڪئي وئي آهي ته اهڙن عنصرن بابت اطلاع فوري طور ويجهي رينجرز چوڪي، هيلپ لائن 1101 يا واٽس ايپ نمبر 03479001111 تي فراهم ڪن، جڏهن ته اطلاع ڏيندڙ جو نالو ڳجهو رکيو ويندو.

بقايا 45 مذمت

آمريڪا جي جارحيت جي مذمت ڪندي دنيا ۾ امن، انصاف ۽ انسانيت کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ چيو ته اسان جو مقصد معاشرتي ڀائيپي ۽ مثبت سوچ کي اڳتي وڌائڻ جي شعوري ڪوشش آهي. انهن خيالن جو اظهار سنڌي ادبي سنگت (شاخ) گلشن معمار پاران گذريل ڏينهن بهار فائونڊيشن، ڳوٺ ڏتي بخش، گلشن معمار جي سهڪار سان منعقد ڪيل سنڌي-اردو مشاعري ۾ ڪيو ويو. منهنجي امڙ پبلڪ لائبريري ۾ ٿيل هن مشاعري ۾ مشهور شاعر ۽ شاهه عنايت شهيد فورم جي چيئرمين گل محمد منگي، الحاج نجمي، صديق راز، شاهد موسيٰ، افسر علي آفس، وحيد محسن، امتياز دانش، عنايت ڪٽيان، پنهل لاڙڪ، محمد سچل وڏو، ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر عابد مظهر، محمد قاسم پٺاڻ ۽ ساحل عباسي پنهنجو ڪلام پيش ڪيو. ان موقعي تي مظهر جميل ۽ زيب النساء زيبي جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو ۽ نامور دانشور پروفيسر محمد علي پٺاڻ ۽ مسلم شميم جي صحتيابي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ويو. شاعرن چيو ته سنڌي ادبي سنگت ۽ بهار فائونڊيشن سماج ۾ ادب سان محبت ۽ شعوري بيداري کي فروغ ڏيڻ چاهين ٿا ۽ اسان سڀ گڏجي اخوت ۽ انساني دوستي کي وڌايون. سنگت شاخ معمار جي سيڪريٽري ڊاڪٽر عابد مظهر سڀني آيل شاعرن کي ڀليڪار ڪيو.

بقايا 46 اعلان

ڪري ڇڏيو آهي. تفصيل موجب ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پوليس ڪارروائي دوران ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، آصف بالادي، پنهل ساريو، مرتضيٰ شاهاڻي، چاڪر شورو ۽ ڪاشف شر کي حراست ۾ وٺي نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو. اڳواڻ جيئن ئي پريس ڪانفرنس ڪرڻ لاءِ ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پهتا ته پوليس جي وڏي نفري کين گرفتار ڪري ورتو. اڳواڻن جي گرفتاري جي خبر جيئن ئي سڄي سنڌ ۾ پهتي، ڪارڪنن ۽ همدردن پاران سخت ردعمل ڏنو ويو. مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، جنهن بعد لڳ ڀڳ ٽن ڪلاڪن ڪانپوءِ اڳواڻن کي درخشان ٿاڻي تان آزاد ڪيو ويو. آزادي کان پوءِ اڳواڻن نامعلوم هنڌ تي پريس ڪانفرنس ڪئي، جتي آصف بالادي جسقم شهيد بشير خان گروپ ۾ شموليت جو باضابطه اعلان ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي خطاب ڪندي چيو ته "پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي پراڻن هٿڪنڊن ذريعي اسان کي رياستي طاقت سان هيسائڻ چاهي ٿي، جيڪو جمهوريت جي نالي تي بدترين آمريت آهي. اهڙين حرڪتن سان اسان جا حوصلا ڪمزور نه پر وڌيڪ مضبوط ٿيندا. هن وڌيڪ چيو ته آصف بالادي جهڙي پڙهيل لکيل ۽ متحرڪ اڳواڻ جي شموليت سان پارٽي ۾ نئون روح پيدا ٿيندو ۽ نوجوانن کي وڌيڪ موثر طريقي سان متحرڪ ڪري سگهجي ٿو. ان موقعي تي آصف بالادي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته گرفتاريون اسان کي پنهنجي مقصد تان هٽائي نٿيون سگهن. ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻين ساٿين سان گڏجي هڪ ڀيرو ٻيهر سڄي سنڌ ۾ تنظيم کي فعال بڻايو ويندو.

بقايا 47 ساراهه

کي ساراهيندي کين شاباش ڏني آهي. جاري ڪيل بيان موجب عيد جي ٻي رات پوليس ڪانسٽيبل عبدالله ڊيوٽي مڪمل ڪرڻ بعد گهر وڃي رهيو هو ته رستي ۾ ٻن ڦورن جي واردات ڪندي ڏٺو جوابدارن ڪانسٽيبل کي ڏسندي ئي جان سان مارڻ جي نيت سان فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ ڪانسٽيبل عبدالله ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو. واقعي جي اطلاع ملڻ تي ايس ايس پي سٽي فوري طور موقعي تي پهچي ڊي ايس پي جي سربراهي ۾ هڪ جاچ ڪميٽي جوڙي، جنهن جديد ٽيڪنيڪل بنيادن تي ڪارروائي ڪندي 48 ڪلاڪن اندر جوابدار کي پوليس مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ ياسر عرف ياسو طور ٿي آهي، جڏهن ته سندس قبضي مان فائرنگ ۾ استعمال ٿيل هٿيار ڦر ڪيل موبائل فون ۽ واردات ۾ استعمال ٿيل موٽر سائيڪل به هٿ ڪئي وئي آهي. ڪارروائي دوران جوابدار جو هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، جنهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. سنڌ جي گهرو وزير چيو ته پوليس اهلڪارن جي بهادري ۽ پيشيوراڻي ڪارڪردگي قابل تحسين آهي ۽ اهڙين ڪارروائين سان ڏوهارين خلاف قانون جو عمل وڌيڪ مضبوط ٿيندو.

بقايا 48 جوڙيو ويو

جي منتقلي ۽ ڪميونٽي جي صلاحيت ۾ اضافو ڪيو ويندو ته ڪميونٽي ايڪشنز فار دي مينيجمينٽ آف سسٽين ايبل ايڪو سسٽم، لائيو اسٽاڪ، لينڊ اينڊ لائيولي هڊ (THAR CAMELL)جي عنوان سان ان منصوبي جا تفصيل ويلٿ پاڪستان کي دستياب سرڪاري دستاويزن ۾ سامهون آيا آهن. پنج سالن وارو منصوبو جولاءِ 2026ع کان جون 2031ع تائين جاري رهندو ان تي عملدرآمد پاڪستان ايگريڪلچرل ريسرچ ڪائونسل (پي اي آر سي) تحت پارڪ — ايرڊ زون ريسرچ انسٽيٽيوٽ (AZRI)عمرڪوٽ ۾ ڪيو ويندو جڏهن ته ان جو دائره ڪار عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ضلعي جي 30 يونين ڪائونسلن تائين پکڙيل هوندو.منصوبي جو مقصد زرعي جدت، لائيو اسٽاڪ جي جينياتي بهتري، بيمارين جي ڪنٽرول جي نظام، قدرتي وسيلن جي پائيدار انتظام ۽ هارين تائين ٽيڪنالاجي جي منتقلي کي هٿي ڏيڻ آهي. ان کانسواءِ روانگي واپار ۾ ويليو ايڊيشن تي به ڌيان ڏنو ويندو جنهن ۾ ڊي هائيڊريشن پلانٽ، خشڪ پاچين ۽ بير (Ber)جو روانگي واپار شامل آهي، جڏهن ته اي پاڪستان قدمن تحت جديد ٽيڪنالاجيز جهڙوڪ جديد سڃاڻپ، جينوٽائپنگ ۽ آر ايف آءِ ڊي سسٽمز متعارف ڪرايا ويندا. هي منصوبو خاص طور تي غريب ڪميونٽيز کي هدف بڻائيندو ته جيئن غربت ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ۽ مقامي روزگار کي بهتر بڻائي سگهجي. ان مقصد لاءِ 2 هزار کان وڌيڪ هارين جي تربيت ۽ صلاحيت وڌائڻ جو منصوبو به شامل آهي. ماحولياتي قدمن ۾ ونڪاري، خشڪ علائقن جي باغباني ۽ TARAI ذريعي برسات جي پاڻي کي ذخيرو ڪرڻ شامل آهي، جيڪو ريگستاني ماحولياتي نظام ۾ موسمياتي مزاحمت کي بهتر بڻائيندا. منصوبي جي اهم مقصدن ۾ پارڪ — ايزري عمرڪوٽ ۾ لائيو اسٽاڪ ۽ باغباني جي تحقيقي ادارن جو قيام به شامل آهي ته جيئن لائيو اسٽاڪ جي پيداوار ۾ اضافو مقامي نسلن جي جينياتي بهتري، بيمارين جي سڃاڻپ ۽ ڪنٽرول کي مضبوط بڻائي سگهجي ۽ خشڪ علائقن ۾ باغباني لاءِ ڊيمانسٽريشن سائٽس قائم ڪري سگهجن. هي منصوبو پائيدار ماحولياتي نظام جي انتظام ۽ معاشي بهتري لاءِ ڪميونٽي جي صلاحيت وڌائڻ تي به ڌيان ڏي ٿو. دستاويزن موجب منصوبي تحت 180 ايڪڙ غيرآباد زمين کي پوکي جوڳو بڻايو ويندو ۽ منصوبي جي سائيٽ تي تحقيق ۽ عملي مظاهرن لاءِ بنيادي ڍانچو تيار ڪيو ويندو. تحقيقي سرگرمين ۾ لائيو اسٽاڪ، رينج مينيجمينٽ، زمين ۽ پاڻي جو انتظام ۽ خشڪ علائقن جي باغباني شامل هوندي، جنهن لاءِ مشينري ۽ فيلڊ اوزار به فراهم ڪيا ويندا. منصوبي تحت لائيو اسٽاڪ لاءِ سائيليج جي تياري کي هٿي ڏني ويندي ۽ مٽي، پاڻي ۽ ٻوٽن جي تجربي، لائيو اسٽاڪ خدمتن، مصنوعي نسل ڪشي ۽ بايو ٽيڪنالاجي ليبارٽريز قائم ڪيون وينديون، ته جيئن محققن، ايڪسٽينشن ورڪرن، اين جي اوز ۽ مقامي آبادگارن کي مشاورتي خدمتون فراهم ڪري سگهجن. انهن سهولتن ذريعي پاڻي جي درست استعمال جون سفارشون فراهم ڪيون وينديون، جنهن سان زرعي پيداوار ۾ 30 کان 35 سيڪڙو تائين اضافو ٿيندو جڏهن ته خطي ۾ تحقيق ۽ بنيادي ڍانچي کي به مضبوط بڻايو ويندو. دستاويزن موجب هي منصوبو قومي ترجيحن سان هم آهنگ آهي، جن ۾ فائيو ايز فريم ورڪ، 13 هون پنج سالن جو منصوبو، گڏيل قومن جي پائيدار ترقي جا هدف ۽ نيشنل ايگريڪلچر انوويشن اينڊ گروٿ پروگرام (NAIGP)شامل آهن.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

وچ اوڀر جي ڇڪتاڻ ۾ اسلام آباد جون سفارتي ڪوششون
صفحو 4

محمود شام
پاڪستان جي تياڪڙي ۾ آڌو ايندڙ چئلينج!
صفحو 4

چاڻ جو قيد ۾ تصور جي پرواز..!
امجد سيد
صفحو 4

راج ڪمار
استادن جي عزت ڪندڙ قومون ئي ترقي ڪن ٿيون!
صفحو 4

مورو سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ 15 ڏينهن ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو،ڌرڻو

مردن،عورتن، نياڻين، ٻارڙن،والدين، وڪيلن، سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن،شهرين احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

مورو ٻاءِ پاس تي آيل نوجوانن تي پوليس ۽ خانگي ماڻهن گوليون هڻي عرفان لغاري ۽ زاهد لغاري کي شهيد ڪري ڇڏيو،منور علي لغاري

ڳوٺ لغاري ٻجراڻي ۽ شهر مان 60 هارين پورهيتن مزدورن دڪاندارن استادن اهلڪارن شاگردن کي گرفتار ڪري دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا

10 مهينن کان مورو سانحي جا اسير جيڪي بي ڏوهي آهن انهن کي حڪمرانن معذوري ڪري ڇڏيا آهن اسيرن جا ٻار تعليم کان محروم آهن

مورو (ن ع)مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ ۽ شهيد نوجوانن جي خون سان انصاف ڪرڻ لاءِ 15 ڏينهن ۾ مورو پريس ڪلب آڏو وارثن مردن عورتن امڙين ڀينرن ڀائرن نياڻين ٻارڙن ٻيرسن والدين وڪيلن سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين ايڊووڪيٽ منور علي لغاري ايڊووڪيٽ سليم لغاري ايڊووڪيٽ گلزار ڄالناڻي ايس يو پي جي ياسين سومرو عوامي ورڪرز پارٽي جي امير علي شاهه محسن علي رستماڻي اسرار احمد پٽي نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو وسيم سجاد لغاري توڪل جويو طلا اعوان مسمات ڪبران لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جن جي هٿن ۾ پنهنجن پيارن جو تصويرون هيون جيڪي چئي رهيا هئا ته اسين جا گهرون ٿا آزادي پنهنجن جي گهرون ٿا آزادي پيارن جي گهرون ٿا آزادي ظالمو جواب ڏيو ظلم جبر بربريت ڏاڍ جو جواب ڏيو جا نعرا هڻي رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو سنڌو درياءَ مان 6 ڪينال ڪڍڻ ۽ سنڌ جي زمينن جي والار خلاف احتجاج ۽ آواز اٿارڻ لاءِ مورو ٻاءِ پاس تي آيل نوجوانن تي پوليس ۽ خانگي ماڻهن گوليون هڻي عرفان لغاري ۽ زاهد لغاري کي شهيد ڪري ڇڏيو ٻن نوجوانن محسن لغاري ۽ دلبر لغاري کي گوليون هڻي معذور ڪيو ويو لاش پوري نه ڏنا ويا ڳوٺ لغاري ٻجراڻي ۽ شهر مورو مان 60 هارين پورهيتن مزدورن دڪاندارن استادن پوليس اهلڪارن شاگردن کي گرفتار ڪري دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري انهن کي ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ واڙي ڇڏيو ملاقاتون بند ٿيل آهن ڏهن مهينن کان ضمانتون ڪرڻ نٿيون ڏنيون وڃن ڪيس ۾ نٿا هلايا وڃن عدالتن کي ٻه روڪيو ويو آهي سنڌ حڪومت ڳوٺ لغاري ٻجراڻي ۽ شهر مورو جي غريب ماڻهن سان ظلم ڪري مورو ۾ 20 مئي تي رتو چاڙ ڪئي وئي حڪمرانن جو اهو ڏينهن جبر بربريت ظلم جو تاريخ ۾ ڪارو ڏينهن لکجي ويو آهي 10 مهينن کان مورو سانحي جا اسير جيڪي بي ڏوهي آهن انهن کي حڪمرانن معذوري ڪري ڇڏيا آهن اسيرن جا ٻار تعليم کان محروم آهن بيمارين ۾ تڙپي رهيا آهن گهرن ۾ فاڪا ڪشي آهي هتان اقوام متحده ڏيهي توڙي پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن سنڌ دوست وڪيلن قومپرست اڳواڻن انسان دوست ماڻهن کي پرزور اپيل ڪئي آهي ته سنڌ حڪومت جي ظلم ڏاڍ بربريت جبر جو نوٽيس وٺن بيگناهه اسيرن جي آزادي لاءِ مظلوم ماڻهن جو ساٿ ڏين جيستائين اسان کي انصاف نه ملندو حڪمرانن جي ظلم خلاف احتجاج جاري رهندو

نوجوان سجاد ڪوڪر کي آزاد ڪيو

مورو مورو سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ 15 ڏينهن ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٺٽون ڪوٽ سب ڊويزن جي ڏڙيلو شاخ جو ڪو ٻه ڏٺي سائين نه ٿيو

ڪنيءَ جي پوڪائي شروع ٿيڻ شرط ٿي پان شاخ جو بيڊ ٻه پڌجي ويو

نفيس نگر(ن ع)ٺٽون ڪوٽ سب ڊويزن مان نڪرندڙ ڏڙيلو شاخ جو اڄاڻ تائين ڪو ٻه ڏٺي سائين نه ٿي سگهيو آهي جنهن ڪري آبپاشي عملدارن پنهنجي پاور جو استعمال ڪندي ٽيل جي واٽرن کي پٽرائي ڪين جهڪو ڪري ريڪر ۾ ٻه ٻه انچ جون رعايتون ڏيئي ڇڏيون آهن ان کان علاوه پان شاخ تي پڻ آبپاشي عملدار ڪوڪي پيا آهن عملدارن پارن منڊ جي آبادگارن کي خوش ڪرڻ لاءِ ريگيوليٽر وڌان منڊ ۾ لڳل ڊڪو ۽ بيڊ پڻ آبپاشي عملدارن وڏي رشوت عيوض پٽرائي ڇڏيو آهي ٺٽون ڪوٽ سب ڊويزن ۾ شاخن توڙي واٽرن تي هر روز هاڻڙون سان ڪتائي ڪري ٽوڙ ڦوڙ وارو عمل تيز ڪرڻ سبب پڇڙين ۾ پاڻي جي بحران جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي جنهن ڪري آبادگار ٻڌتر جو شڪار ٿي ويا آهن ان حوالي سان متاثر آبادگارن ٻڌايو ته ڪنيءَ جي پوڪائي وارو عمل شروع ٿيندي ئي آبپاشي عملدارن وڏي رشوت عيوض شاخن جي واٽرن توڙي بيڊن کي ٽوڙڻ وارو عمل تيز ڪري ڇڏيو آهي هنن ايم ڊي منصور ميمڻ ۽ ڊائريڪٽر ٽارا ڪئنال کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته رشوت خور عملدارن خلاف قدم کڻي انصاف ڪيو وڃي،هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي آبپاشي انجنيئر خان محمد ميمڻ ٻڌايو ته تمام جلد ڏڙيلو شاخ ۽ پان شاخ جو دورو ڪري ڪٽل واٽرن ۽ بيڊ واري معاملي جي جاچ ڪري ڪاروائي ڪئي ويندي

محرابپور ۾ سٽي گرائونڊ تي ساليانه عوامي تفريح ميلو لڳايو ويو

ميلي ۾ مٺائي راڻديگن سميت مختلف شين جا ننڍا وڏا دڪان سجايا ويا

محرابپور(ت-ر)محرابپور ۾ ريلوي اسٽيشن پرسان سٽي گرائونڊ تي ساليانه عوامي تفريح ميلو لڳايو ويو جنهن ۾ مٺائي راڻديگن سميت مختلف شين جا ننڍا وڏا دڪان سجايا ويا آهن ۽ ريل پيڙي جهولي جنبيگ موت جو کوهه سميت ڪيڏرائي جهولا چوڏيل پڻ لڳايا ويا آهن جتي شهر ۽ پسگردائي جي علائقن جا رهواسي ٻارڻ سميت شرڪت ڪندي لطف اندوز ٿي رهيا آهن جڏهن ته ميلي ۾ عوامي پيهه باوجود خريداري جو ريشو تمام گهٽ نظر آيو جنهن سبب دڪاندار انتهائي مايوسي جو شڪار ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ دڪاندارن توڙي شهرين مهانگائي پيٽرول اگهن ۾ واڌ جون دانهون ڪندي "عبرت" کي ٻڌايو ته ڳاتي توڙ مهانگائي زندگي وهنوار لب ڪري ڇڏيو آهي خريداري جي سگهه ناهي رهي ايتري قدر جو ٻه ويلا ماني کپي لاءِ پريشان آهيون هنن چيو ته ميلي ۾ لکين رپين جي سيڙپڪاري باوجود مثبت موٽ نه پئي ملي جنهن سبب مالي ذهني پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون عوامي پيهه صرف ميلو گهمي ڦري واپس وڃن ٿا

مانجهند ۾ ٻوڏ متاثرن جي گهر تعمير رقم ۾ مبينا ڪرپشن خلاف ريلي

ڪرپشن ۽ ايجنٽ ڪلچر خلاف شهرين ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو

ڊريپ عملو رقم مان پنج ڪان ڏهه هزار وٺي لسٽ ۾ نالو شامل ڪري رهيو آهي:شهري

مانجهند (ن ع)مانجهند ۾ ٻوڏ متاثرن کي گهر تعمير ڪرڻ لاءِ ملندڙ رقم ۾ مبينا ڪرپشن ۽ ايجنٽ ڪلچر خلاف شهرين طرفان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي سهيل احمد پٽي سرمد عمراڻي علي نواز ڪنڀر ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊريپ گهر سروي آفيس سن بينڪ عملي ۽ ايجنٽن جي ملي ڀڳت سان ٻوڏ متاثرن جي گهر تعمير لاءِ ملندڙ رقم مان مبينا طور پنج کان ڏهه هزار وٺي لسٽ ۾ نالو شامل ڪري رهيا آهن جڏهن ته ايجنٽ ڪي رشوت نه ڏيڻ تي متاثرن کي آفيس جا چڪر ڪٽرائي دربدر ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته آفيس عملو ايجنٽ معرفت فوتي متاثرن جي ڪاغذن جي مد ۾ وڏي اوڳاڙي ڪري رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته گهر سروي ۾ ميرٽ تي بينڪ لسٽ موڪلي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

مانجهند ٻوڏ متاثرن جي گهر تعمير رقم ۾ مبينا ڪرپشن خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪراچي پريس ڪلب تان قومپرست اڳواڻن جي گرفتاري خلاف مورو ۾ احتجاج

مورو(ن ع)ڪراچي پريس ڪلب تان قومپرست اڳواڻن ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي آصف ٻالادي، پنهل ساريو ۽ مرتضي شاهاڻي جي گرفتاري خلاف مورو ۾ قومپرست اڳواڻ جو پوليس خلاف احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي وئي،احتجاج جي اڳواڻي جسقم ضلعي نوشهروفيروز جي صدر ڪامريڊ امتياز آزاد ڪوسو جٿي سنڌ محاذ رياض چانڊيو گروپ جي ڊويزن شهيد بينظير آباد جي صدر ابرار موراڻي جسقم مرڪز جي اڳواڻ ڪامريڊ جگديش ڪمان جسقم مورو جي اڳواڻ سليم جان پٽي مثل مڪسي عمران مڪسي ۽ محسن اعوان سميت مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندڙن چيو ته بنا جواز قومي اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا انهن مطالبو ڪيو ته گرفتار ٿيلن کي فورن آزاد ڪيو وڃي

ٽرياڪر ۾ مختلف ايس ايڇ اوز ۽ ٻين پوليس اهلڪارن جون مقررين ۽ بدليون

ملي (ڊ-ر)ايس ايس پي ٽرياڪر عبدالله ميمڻ پاران ٽر ۾ مختلف ايس ايڇ اوز ۽ ٻين پوليس اهلڪارن جون مقررين ۽ بدليون ڪيون آهن،خبر مطابق ذوالفقار حيدري سي آءِ اي پوليس انچارج ٽرياڪر مقرر ڪيو ويو آهي.ايس ايڇ او ملي قادر بخش ٻهراڻي کي هٽائي سبحان ميمڻ کي ايس ايڇ او ملي مقرر ڪيو ويو. ايس ايڇ او ڪلوئي غلام رسول جنجهه کي هٽائي ايس ايڇ او ڊيبلو مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته سراج ساند کي ايس ايڇ او ڪلوئي مقرر ڪيو ويو آهي وڏي منشي ڪيشو کي چيلهار کان هٽائي ڊيبلو ٿاڻي تي مقرر ڪيو ويو وڏي منشي سارنگ کي ڊيبلو ٿاڻي تان هٽائي چيلهار مقرر ڪيو ويو

مسڻ وڏي ۾ جونئير مخدوم امين فهيم جي پهرين سالگره تقريب،ڪيڪ ڪٽيو ويو

مسڻ وڏي(ن ع)يوسي سلطان آباد جي ڳوٺ حاجي محمد پلهه ۾ مخدوم جميل الزمان جي پوٽي ۽ مخدوم محبوب الزمان جي فرزند جونئير مخدوم محمد امين فهيم جي سالگره جي خوشي جي هڪ پُروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي معزز شخصيتن ۽ سروري جماعت ۽ ٻين ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران سالگره جي مک مهمانن ايڊووڪيٽ حبيب الله پلهه وڏيرو مشتاق حلن پلهه پاران ڪيڪ ڪٽي خوشيون ملهايون ويون ۽ جونئير مخدوم محمد امين فهيم لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪرڻ سان گڏ سندن حق ۾ دعائون گهريون ويون

محرابپور ۾ ڪٽڪ مارڪيٽ ۾ پهچڻ سان واپارين جي هڪ هٽي قائم،اگهه ۾ لاٿ،آبادگار پريشان

ڪوٽڙي محمد ڪبير، محرابپور، لاکارود، هالاڻي، ڀهلاڻي ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪٽڪ جو فصل پچي تيار ٿي ويو

ڪٽڪ جي فصل ۾ لابارو شروع،ٿريشرن لڳڻ جو سلسلو جاري،ڪٽڪ 28 سو کان 3 هزار رپيا في مڻ وڪرو ٿيڻ لڳي

سنڌ حڪومت ۽ خوراڪ کاتي طرفان ڪٽڪ جو في مڻ 35 سو رپيا سرڪاري اگهه مقرر ڪيو ويو آهي: آبادگار / هاري

محرابپور تعلقي ۾ سرڪاري ڪٽڪ خريداري جا مرڪز کولي ڪٽڪ سرڪاري اگهه تي خريد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع)تعلقي محرابپور جي ڪوٽڙي محمد ڪبير، محرابپور، لاکارود، هالاڻي ، ڀهلاڻي ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪٽڪ جو فصل پچي تيار ٿي ويو آهي، جڏهن ته ڪٽڪ جي فصل ۾ لابارو ڏاڍو ڏاڍ شروع ٿي ويو آهي ۽ ٿريشرن جو پڻ لڳڻ جاري آهي،ڪٽڪ کليل مارڪيٽ ۾ پهچڻ سان واپارين جي هڪ هٽي قائم اگهه 28 سو کان 3 هزار رپيا في مڻ وڪرو ٿيڻ لڳي اگهه گهٽ هئڻ سبب آبادگار توڙي هاري پريشان آهن جڏهن ته سنڌ حڪومت ۽ خوراڪ کاتي طرفان ڪٽڪ جو في مڻ 35 سو رپيا سرڪاري اگهه مقرر ڪيو ويو آهي .ان ڏس ۾محرابپور تعلقي جي آبادگارن توڙي هارين حاجي محمد ايوب ٿيٻو ياسين چنا دين محمد ٿيٻو قربان سهتو عطا حسين سهتو امام بخش ڪيريو ۽ ٻين پاران محرابپور تعلقي ۾ سرڪاري ڪٽڪ خريداري جا مرڪز کولي ڪٽڪ سرڪاري اگهه تي خريد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

مورو ۾ شادي شده ناري پاران پيرسن ناني سان گڏ مڙس خلاف احتجاج

الطاف لغاري بي رحمائي تشدد ڪيو آهي،مهمان ٿي آيل ناني تي پڻ تشدد ڪيو،روزينه

نشي ۾ڌت ٿي ظلم ڪندو پيو اچي،جنهن سان سندس گهرڀاتي پڻ مليل آهن

مورو(ن ع)مورو پريس ڪلب تي شادي شده ناري پنهنجي پيرسن ناني سان گڏ پهچي مڙس جي تشدد ظلم خلاف احتجاج ڪيو جتي ناري روزينه پنهور ٻڌايو ته منهنجي شادي الطاف لغاري سان ٿيل آهي جنهن منهنجي مٿان بي رحمائي تشدد ڪيو آهي ۽ منهنجي مهمان ٿي آيل ناني مهناز پنهور تي پڻ تشدد ڪيو آهي هو نشو ڪندو آهي جيڪو نشي جي حالت ۾ ڌت ٿي مسلسل ظلم ڪندو پيو اچي جنهن سان سندس گهرڀاتي پڻ مليل آهن موڪي ڪن مهينن جو سندس ٻار پيٽ ۾ ٻار پڻ آهي پر ڪو رحم نه آيو هن چيو ته ظلم ڪندڙ مڙس ۽ سندس ٻين ساٿ ڏيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته شادي شده ناري روزينه پنهنجي ناني مهناز پنهور سان گڏ ڊي ايس پي مورو فائزه سودر وٽ شڪايت ڪئي پهتي جنهن بروقت ايس ايڇ او کي حڪم جاري ڪيو ته انهي ظلم ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي

مورو شادي شده ناري پيرسن ناني سان گڏ مڙس خلاف احتجاج ڪندي

انڊس سوشل فورم پاران سماج سڌارڪ آفتاب ڪيريو سان سرهڻي سانجهه ملهائي وئي

سڪرنڊ (س ر)انڊس پبلڪ سوشل فورم پاران سماج سڌارڪ آفتاب علي ڪيريو سان سندس سياسي سماجي خدمتن عيوض انڊس اوطاق تي سرهڻي سانجهه ملهائي وئي جتي ڪيس لفظن جي پيدا ڪرڻ سان گڏ ڪيس لنگين ، اجرڪن ۽ هارن جا تحفا پيش ڪيا ويا ان موقعي تي انڊس جي ضلعي صدر محمد بچل ڪيريو ، تعلقه صدر شوڪت حسين ڪيريو، سٽي صدر مجيد عباسي ، سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح ، شهري اتحاد جي سرپرست نياز لاشاري ، ايڊووڪيٽ نويد سومرو ، ڪائونسلر جاويد سومرو ۽ قاضي جاويد سنائي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته آفتاب علي ڪيريو انڊس جي محنتي ڪارڪنن ۾ شامل آهي جڏهن ته انڊس جي قيادت سردار عبدالستار ڪيريو جن جو وفادار ساٿي آهي ڪيس تنظيم لاءِ هميشه جاکوڙيندي ڏٺو آهي پروگرام دوران آفتاب علي ڪيريو ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گذار آهيان انڊس پبلڪ سوشل فورم جي دوستن جو جن محبتون ڏنيون آهن آخر ۾ آفتاب ڪيريو جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو ان کان اڳ منصور عباسي ۽ نعيم شيخ آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

ٽنڊوالهيار سردار خير محمد ڪوڪر سان فرخ تاجي ڪوڪر ملاقات ڪري رهيو آهي

سردار خير محمد ڪوڪر سان فرخ تاجي ڪوڪر جي ملاقات

پاڪستان جي سياسي صورتحال تي،گفتگو،پاڪ فوج جي ساراهه

پاڪ فوج جي الاقوامي ڪردار سان ملڪ جو مورال بلند ٿيو آهي:خير محمد ڪوڪر

دنيا جي هر ملڪ ۾ پاڪستاني کي احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو،فرخ تاجي ڪوڪر،ٽنڊوالهيار(ڊ ر)پي پي اڳواڻ آل پاڪستان ڪوڪر برادري جي چيف سردار حاجي خير محمد ڪوڪر سان ٽنڊوالهيار جي ڪوڪر هائوس ۾ اسلام آباد جي نالي واري شخصيت فرخ تاجي ڪوڪر جي خصوصي ملاقات ٿي گڏجي ملاقات دوران پاڪستان جي موجوده سياسي صورتحال تي،گفتگو ۾ ملڪ ۾ پاڪستان جي پاڪ فوج جي بهترين ڪارڪردگي کي پڻ ساراهيو ويو پاڪستان ۾ امن ڀائي چاري کي فروغ ڏيڻ ۽ محبت ۽ رواداري کي عام ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش جاري رکڻ جي عزم ورجايو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پاڪ فوج جون بين الاقوامي سطح تي ڪردار سان ملڪ جو مورال وڌيڪ بلند ٿيو آهي اسين پنهنجي پاڪ فوج تي فخر ڪريون ٿا اهو ڏينهن پري نه آهي وطن عزيز پاڪستان جي عظيم تر رياستن جي صفن ۾ بيٺل هوندو دنيا جي هر ملڪ ۾ پاڪستاني قوم کي وڌيڪ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو ان تي آيل معزز مهمانن کي نوابزاده ذوالقرنين ڪوڪر، ڊاڪٽر حسين ڪوڪر، زين العابدين ڪوڪر، شڪور ڪنڀار ۽ ٽنڊوالهيار جي ڪوڪر برادري جي معزز ۽ ميزبانن طرفان آيل مهمانن جو شاندار آڌرڀاءُ ڪري سنڌ جي سوکڙي اجرڪن سنڌي ٽوپي جا تحفا پيش ڪيا

ٽنڊو محمد خان ۾ ميڊيڪل اسٽور تان ڦرمزاحمت تي 2 ڄڻا زخمي

ايوبيه بس اسٽاپ پرسان ميڊيڪل اسٽور تان50 هزار،موبائيل فون ڦر

اسٽور مالڪ شاهزيب ڪوسو ۽ منصور ڪوسو چاقو ۽ هٿيارن جا بٽ لڳڻ سبب زخمي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان جي ايوبيه بس اسٽاپ پرسان قائم ميڊيڪل اسٽور تان هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي 50 هزار روڪ رقم هڪ سوني چين ، موبائيل فون ڦر ڪئي جنهن جي مزاحمت تي ميڊيڪل اسٽور جو مالڪ 30 سالا نوجوان شاهزيب ڪوسو ۽ 15 سالا منصور ڪوسو چاقو ۽ هٿيارن جا بٽ لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا ، زخمين کي ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال پهچايو ويو ، جتان فوري طبي امداد ڪانپوءِ ڪين حيدرآباد ريفر ڪيو ويو ، زخمي ميڊيڪل اسٽور جي مالڪ شاهزيب ڪوسو ٻڌايو ته شهر جا اوباش نوجوان صمد سمون ، حبيب شاهه ، زين خاصخيلي ۽ 5 نامعلوم هٿيارٻندن ميڊيڪل اسٽور تي چڙهائي ڪري 50 هزار روپيه روڪ رقم ، گچي ۾ پاتل هڪ سوني چين ، موبائيل فون ڦر ڪئي مزاحمت تي اسان مٿان چاقو ۽ هٿيارن جا بٽ هڻي زخمي ڪيو ويو آهي ، اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل روڪ رقم ۽ سامان واپسي ڪرائي حملي آورن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

ٽنڊومحمدخان ڦرجي مزاحمت دوران زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهن

جسقم تعلقو ڪيرو طرفان امن امان جي بحالي لاءِ پيادل امن مارچ

گرهوڙ شريف کان ڪاهي شهر تائين 10 ڪلو ميٽر پيادل امن مارچ ڪيو ويو

انتظاميه هٿ وٺي منشيات ۽ قبيلائي تڪرارن ۾ واڌارو ڪرائي رهي آهي:اڪبر مري

پڳورو (ن ع)جسقم تعلقو ڪيرو طرفان امن امان جي بحالي لاءِ پڳورو لنڪ گرهوڙ شريف کان ڪاهي شهر تائين 10 ڪلو ميٽر پيادل امن مارچ ڪيو ويو جنهن ۾ جسقم مرڪزي جنرل سيڪريٽري محمد رمضان خاصخيلي، مرڪزي پريس سيڪريٽري آزاد ڪنڀر سميت ضلعي اڳواڻ شوڪت ٻڙدي، جسقم شهيد بشيرخان قريشي جي ضلعي صدر اڪبر مري ۽ غلام رسول شر غني ڪنڀر الهداد مري ۽ تعلقي اڳواڻ رحمان شر معشوق ڪنڀر بهادر ڪنڀر سميت قومي ڪارڪنن ۽ باشعور ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،امن مارچ دوران اڳواڻن علائقي ۾ وڌندڙ بدامني منشيات ۽ قبائلي جهيڙن خلاف سخت احتجاج ڪندي چيو ته ڪاهي ۽ گرهوڙشريف جهڙن پرامن علائقن ۾ انتظاميه پاران هٿ وٺي منشيات ۽ قبيلائي تڪرارن ۾ واڌارو ڪرائي رهي آهي جنهن ۾ سڌي يا اڻ سڌي ريت هتان جا بااثر سياسي ماڻهون آهن جيڪي حڪومت ڌر جو حصو بڻيل آهن هنن مطالبو ڪيو ته علائقي مان منشيات جو خاتمو ڪيو وڃي قبائلي تڪرارن کي ختم ڪرائي امن قائم ڪيو وڃي ۽ عوام کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي،اڳواڻن چيو ته جيڪڏهن بدامني ۽ منشيات خلاف سنجيده قدم نه کنيا ويا ته جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو،امن مارچ ۾ شرڪت ڪندڙن امن سلامتي ۽ سماجي سڪون جي حق ۾ نعرا هنيا ۽ علائقي ۾ امن جي بحالي جو پيغام ڏنو

پڳورو جسقم تعلقو ڪيرو طرفان امن امان جي بحالي لاءِ پيادل امن مارچ بعد هنيل ڌرڻي جو ڏيک

ڪڪڙ شهر ۾ ترقياتي ڪمن ۽ سهولتن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

شهر کي نظرانداز ڪري بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي:ارباب سومرو

عرفان لغاري ٻه ڀيرا ووٽ وٺڻ لاءِ آيو ان کانپوءِ شهرين کي نظر نه آيو آهي

ڪڪڙ(ن ع)ڪڪڙ شهر ۾ ڪيترن سالن کان ترقياتي ڪم ۽ بنيادي سهولتن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف شهرين احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي شهرين ارباب علي سومرو برڪت علي جويو احسان مري نديم، نثار احمد ممتاز علي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪڪڙ شهر کي ڪيترن سالن کان نظرانداز ڪري بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي شهرجا 4 اهم بنيادي مسئلا سالن کان حل نه ٿي سگهيا آهن جيڪي جيئن جو تيئن رهيل آهن حل ڪرڻ لاءِ ڪير به تيار ناهي جڏهن ته چونڊيل نمائندا اليڪشن ڪانپوءِ شهرين کي نظر ڪري شهر جي مسئلن طرف ڏسن ٻه نه ٿا هنن وڌيڪ چيو ته لاڳيتو 7 سال ايم اين اي رهندڙ عرفان ظفر لغاري ٻه ڀيرا ووٽ وٺڻ لاءِ شهرين وٽ آيو ان کانپوءِ شهرين کي نظر نه آيو آهي ۽ نه وري ترقياتي ڪم ڪرائي رهيو آهي چونڊيل نمائندن شهر کي مڪمل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب شهر وڌيڪ مسئلن جي ور چڙهي ويو آهي هنن چيو ته ڪڪڙ قديمي شهر آهي ۽ پراڻي دور ۾ تعلقو رهي چڪو آهي جيڪو هن وقت يونين ڪائونسل سطح تائين محدود ٿي رهجي ويو آهي جڏهن ته هيٺ شهر جي آبادي 50 هزار کان وڌيڪ آهي شهر جي پراڻي حيثيت ۽ آبادي کي نظر ۾ رکي شهر جو پراڻو تعلقو وارو درجو بحال ڪرايو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته ڪڪڙ شهر ۾ صحت جي ڪا به سهولت ميسر ناهي شهر ۾ لوڪل ڊسپينسري 50 سال پراڻي تعمير ٿيل آهي 50 سال گذرڻ کانپوءِ به اسپتال اپگريڊ ناهي ڪئي وئي جنهن سبب ڊسپينسري ۾ علاج جون ڪي به سهولتون موجود نه آهن ۽ نه وري اسپتال ۾ ايمرجنسي وارڊ آهي جنهن ڪري شهر کي آر سي ايڇ اسپتال ڏني وڃي جنهن ۾ علاج جون مڪمل سهولتون موجود هجن ان دوران هنن چيو ته شهر جو ڊرينيج سسٽم زبون ۽ ناڪارا بڻجي ويو آهي جنهن سبب نالين جو گندو پاڻي گهٽين ۾ اٿلي پيو ٿو جنهن سبب شهر ۾ گندگي جو آزار وڌي ويو آهي شهر جي ملاح پاڙي، سيد پاڙي ۽ نوڌاڻي ملاح پاڙي ۽ ٻين ڪيترن پاڙن ۾ گندگي ڦهلجڻ سان مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي جنهن سبب ننڍا ٻار توڙي وڏا ماڻهون مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن،هنن وڌيڪ چيو ته تعميراتي ڪم جي انڪوائري ڪرائي بند پيل اسڪول کولي فرنيچر ,فيميل ٽيچر ۽ ٻيو عملو مقرر ڪري جلد ڪلاس شروع ڪيا وڃن ۽ گرلس مڊل اسڪول کي اپگريڊ ڪري گرلس هاءِ بڻايو وڃي

آيل سمورن مهمانن کي

سڪرنڊ انڊس سوشل فورم پاران سماج سڌارڪ آفتاب ڪيريو سان سرهڻي سانجهه ملهائي پئي وڃي

عوام جي ترقياتي ڪمن ذريعي خدمت ڪري رهيا آهيون:جام شبير علي

پ پ خلاف سنڌ ۾ سياسي هلچل هلائيندڙ کي عوام ڪڏهن ٻه موٽ نه ڏني آهي

عوامي طاقت سان ملڪ جو ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري کي ڪرائينداسين

سنجهورو(ت ر)پ پ عوامي خدمت جو نالو آهي تڪ جي عوام جي ترقياتي ڪمن ذريعي خدمت ڪري رهيا آهيون اهڙو اظهار پ پ ايم پي اي جام شبير علي رڪن بڙا جعفر لغاري ۾ پارٽي اڳواڻن سان سندن عزيزن جي وفات تي تعزيتون ڪرڻ دوران ڳالهائيندي ڪيو جام شبير علي چيو ته پ پ هڪ عوامي سمنڊ آهي ۽ پ پ خلاف سنڌ ۾ هلائيندڙ سياسي هلچل وارن کي سنڌ جي عوام ڪڏهن ٻه سياسي طور تي ڪا ٻه موٽ نه ڏني آهي ۽ سنڌ جو عوام چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ جيئي ڀٽو جي نعري هيٺ پ پ سان گڏ آهي ۽ عوامي طاقت سان ملڪ جو ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري کي ڪرائينداسين ان موقعي تي يوسي چيئرمين رئيس نواب خان ٻبر، سردار چاڪر خان ملوڪاڻي، سائين بخش لغاري، ڊاڪٽر معشوق بروهي، راڻا انور راجپوت، ڊاڪٽر اسلم آرائين، راڻا محمد علي راجپوت، گلشير خاصخيلي، ياسين لغاري، نواب ڀٽو چنيسر ٻبر ۽ ٻيا اڳواڻ گڏ هئا

2021 ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن کي آفر آرڊر نه مليا،حيدرآباد ۾ احتجاجي مظاهرو

بي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ميل ۽ في ميل ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن جي 280 ڏينهن تي ٻڌل جدوجهد تي سنڌ حڪومت ڪو به ڌيان نه ڏنو

عورت ۽ مرد اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف پريس ڪلب سامهون ڊاڪٽر عارف ڪليڙي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو

سنڌ اسيمبلي ۾ اسان جي حق ۾ قائم ڪيل ڪميٽي بابت سنڌ حڪومت جو ڪو به ذميوار نمائندو سنجيدگي سان ڳالهائڻ لاءِ اڳتي ناهي آيو:اميدوار

سنڌ سرڪار عيد جي ڏينهن ڪئمپ پٽرائي احتجاج ختم ڪرايو،تشدد ۽ گرفتارين باوجود اسان جو حوصلو ٽٽڻ بدران وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)سال 2021 آئي بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي ميل ۽ في ميل ٽيچر اميدوارن جي 280 ڏينهن تي ٻڌل جدوجهد تي سنڌ حڪومت ڪو به ڌيان نه ڏنو آهي جنهن سبب ڪالهه ماستري جي عورت ۽ مرد اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڊاڪٽر عارف ڪليڙي،ظهير لغاري،فهد شيخ، سمينه، ذاڪر علي، سونيا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته پنهنجو حق وٺڻ جي اميد ۾ پنهنجو وقت، سکون ۽ زندگيون قربان ڪري ويٺا آهيون پر افسوس ته هڪ مهينو گذرڻ باوجود سنڌ اسيمبلي ۾ اسان جي حق ۾ قائم ڪيل ڪميٽي بابت سنڌ حڪومت جو ڪو به ذميوار نمائندو سنجيدگي سان ڳالهائڻ لاءِ اڳتي ناهي آيو. هنن چيو ته ڪراچي پريس ڪلب سامهون اسان جي احتجاجي ڪئمپ به سنڌ سرڪار عيد جي ڏينهن زبردستي پٽرائي احتجاج ختم ڪرايو تشدد ۽ گرفتارين باوجود اسان جو حوصلو ٽٽڻ بدران وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي. هنن چيو ته اسان پنهنجي حق خاطر جنگ وڙهي رهيا آهيون ۽ ايندڙ وقت ۾ به وڙهنداسين پر پنهنجي جائز حق تان ڪنهن به صورت ۾ هٽي نه ڪنداسين.هنن چيو ته ظلم جي حد اها آهي ته سنڌ جا وزير پنهنجا ماڻهو ڀرتي ڪرائڻ لاءِ هارڊ ايريا جي آڙ ۾ 30سيڪڙو مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي ڀرتي ڪرائي ڇڏيو جڏهن ته 40پلس مارڪون کڻندڙ تعليم يافته اهل نوجوان نوڪرين لاءِ احتجاج تي مجبور آهن. هنن چيو ته هاڻ وڌيڪ دير برداشت نه ڪئي ويندي، فوري نوٽيفڪيشن جاري ڪري سيٽي ويٽنگ اميدوارن کي سندن حق ڏنو وڃي.ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ جي هر ضلعي ۾ اينٽي ڪرپشن آفيسن ۾ پنهنجي ڪيس جون درخواستون ثبوتن سميت جمع ڪرايون وينديون ۽ اينٽي ڪرپشن آفيسن اڳيان پرامن احتجاج ۽ ڪئمپ لڳايا ويندا جنهن جي مڪمل ذميواري سنڌ حڪومت تي هوندي

حيدرآباد آءِ بي اي پاس اميدوار آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

راڌڻ(ن ع)راڌڻ ريلوي اسٽيشن پليٽ فارم تي سماجي ڪارڪن صحافي حسين بخش بروهي شوڪت جانوري،سجاد جوکيو جي اڳواڻي ۾ ڪوٽڙي سيوهڻ دادو راڌڻ لاڙڪاڻو حبيب ڪوٽ ريلوي سيڪشن (ايم ايل-2) تي بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

مسوبرگڙي شهر ۾پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي نه هجڻ سبب رهواسي سخت تڪليفن ۾ مبتلا

1985ع ۾ ٺهيل واٽر سپلائي اسڪيم مڪمل طور ناڪاره بڻيل40 سال گذرڻ باوجود ٻه اسڪيم هڪ ڏينهن لاءِ ٻه فعال نه ٿي سگهي

شهرين کي مجبور ٿي جر (زميني) آلوده پاڻي استعمال ڪرڻو پئجي رهيو آهي، جنهن سبب خطرناڪ بيماريون تيزي سان پکڙجي رهيون آهن:ذريعا

شهر ۾ لڳايل پاڻي صاف ڪرڻ وارو پيوريفڪيشن پلانٽ ۽ آر او پلانٽ پڻ ڪيترن سالن کان خراب پيل آهن:شهري

نوٽيس وٺي شهر ۾ صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ خراب واٽر سپلائي ۽ فلٽريشن منصوبن کي جلد بحال ڪيو وڃي

مسوبرگڙي (ن ع)مسوبرگڙي شهر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي نه هجڻ سبب رهواسي سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن شهرين کي مجبور ٿي جر (زميني) آلوده پاڻي استعمال ڪرڻو پئجي رهيو آهي جنهن سبب خطرناڪ بيماريون تيزي سان پکڙجي رهيون آهن.مقامي ذريعن موجب شهر ۾ هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جا ڪيس وڌي رهيا آهن جڏهن ته ڪيترن ئي ماڻهن ۾ جگر جي بيمارين سبب پيٽن ۾ پاڻي ڀرجي وڃڻ جهڙا سنگين مسئلا سامهون اچي رهيا آهن جيڪي صحت عامه لاءِ انتهائي ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي.شهر جي پاڻي فراهمي لاءِ 1985ع ۾ ٺهيل واٽر سپلائي اسڪيم مڪمل طور ناڪاره بڻيل آهي. حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته لڳ ڀڳ 40 سال گذرڻ باوجود ٻه هي اسڪيم هڪ ڏينهن لاءِ ٻه فعال نه ٿي سگهي آهي. ان سان گڏ شهر ۾ لڳايل پاڻي صاف ڪرڻ وارو پيوريفڪيشن پلانٽ ۽ آر او پلانٽ پڻ ڪيترن سالن کان خراب پيل آهن. جنهن سبب صاف پاڻي جي فراهمي مڪمل طور بند آهي.ان صورتحال ۾ رهواسي مجبور ٿي پري پري علائقن مان مٺو پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ سفر ڪن ٿا. جيڪو نه صرف وقتائتو پر مالي بار پڻ بڻجي رهيو آهي.متاثر شهرين حڪومت، چونڊيل نمائندن ۽ ضلعي انتظاميا حيدرآباد کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شهر ۾ صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ خراب واٽر سپلائي ۽ فلٽريشن منصوبن کي جلد بحال ڪيو وڃي.رهواسين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن مسئلو حل نه ڪيو ويو ته هو احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا

مسوبرگڙي پاڻي صاف ڪرڻ وارو پيوريفڪيشن پلانٽ ۽ آر او پلانٽ خراب پيل نظر ايندي

قاضي احمد ٻاءِ پاس تي تيز رفتار ٽرالر معصوم ٻار کي چيپاٽي ڇڏيو

روڊ ڪراس ڪندڙ 10 سالا محسن علي ولد معشوق مهر فوت ٿي ويو

ٽرالر کي تحويل ۾ ورتو آهي،ڊرائيور جاءِ موقعي تان فرار ٿي ويو:پوليس

قاضي احمد(ن ع)قاضي احمد ٻاءِ پاس تي تيز رفتار ٽرالر روڊ ڪراس ڪندڙ 10 ورهين جي معصوم ٻار کي چيپاٽي ڇڏيو،اطلاع قاضي احمد پوليس ۽ علائقي واسين جاءِ موقعي تي پهچي فوتي ٻارڙي جو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي قاضي احمد اسپتال منتقل ڪيو فوتي ٻارڙي جي سڃاڻپ 10 سالا محسن علي ولد معشوق مهر نبي بخش ڪالوني جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي اهڙي اطلاع تي وارثن ۾ روڄ راڙو مچي ويو ٻئي پاسي پوليس موجب ٽرالر کي تحويل ۾ ورتو آهي جڏهن ڊرائيور جاءِ موقعي تان فرار ٿي ويو

ڄامشورو جي صحافين کي پوتار پاران ڌمڪائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سڪرنڊ ۾صحافين قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڌمڪيون ڏيندڙن کي لغام نه ڏنو ويو ته احتجاج جي دائري کي وڌايو ويندو:اڳواڻ

سڪرنڊ (س ر)ڄامشورو جي ٻن صحافين ڏٺي بخش باريجو ۽ عظيم باريجو کي مقامي پوتار پاران ڌمڪائڻ خلاف ميڊيا سينٽر جي صدر قربان عمراڻي جي اڳواڻيءَ ۾ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ صحافين ڪائونسل مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سڪرنڊ پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر مير محمد ڪيريو ، شهري اتحاد جي صدر ساتول ڪيريو، ايس ڪي پي جي راشد ملاح ، شهري اتحاد جي سرپرست نياز لاشاري ۽ ايس يو پي جي ايوب ڪوسو الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته رياستون جڏهن ناڪام ٿينديون آهن يا پنهنجون ذميواريون نڀائي نه سگهنديون آهن تڏهن پوتار سردار ۽ وڏيرا پنهنجون مستيون ڪندا آهن پر اسين ڪين ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته صحافين هميشه حق سچ لکيو آهي جنهن تي هنن شهادتون ٻه قبول ڪيون آهن پر حق جو ساٿ نه ڇڏيو آهي ان ڪري اسين انهن سردارن ۽ حڪومتي نمائندن کي چتاءُ ٿا ڏيون ته جيڪڏهن ڌمڪيون ڏيندڙن کي لغام نه ڏنو ويو ته احتجاج جي دائري کي وڌايو ويندو مظاهري ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح ، غلام قادر چانڊيو، نياز چانڊيو، شبير راجپوت، امجد خانزاده ، مجيد عباسي ، نويد سومرو، جاويد سومرو ، حيدر خانزاده سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون

سڪرنڊ ڄامشورو جي صحافين کي پوتار پاران ڌمڪائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

بوزدارواڏا ۾جونيئر مخدوم امين فهيم جي پهرئين سالگره تقريب

ڳوٺ دوست محمد سوڍڙو ۾پهرئين سالگره جي تقريب منعقد ڪئي وئي

خليفي فقير ذوالفقار علي سوڍڙو ۽ ٻين ڪاٽيو،صوفياڻي ڪلامن جي محفل

بوزدارواڏا (ن ع)بوزدارواڏا پرسان ڳوٺ دوست محمد سوڍڙو ۾ سروري جماعت جي خليفو فقير ذوالفقار علي سوڍڙو جي رهائش گاهه تي سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جي پوٽي ۽ درگاهه جي ولي احد صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي پٽ جونيئر مخدوم محمد امين فهيم عرف سرڪار علي سائين جي پهرئين سالگرهه جي هڪ رنگا رنگي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي سالگره جي تقريب ۾ سروري جماعت جي مريدن شهرين سياسي سماجي اڳواڻن علائقي واسين صحافين شاعرن اديبن ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي جونيئر مخدوم محمد امين فهيم جي سالگره جو ڪيڪ سروري جماعت جي خليفي فقير ذوالفقار علي سوڍڙو ڊاڪٽر غلام اڪبر سوڍڙو سروري جماعت جي اڳواڻ ۽ يوسي ٽلي ائنٽ صبڙ رند جي چيئرمين پيار علي سوڍڙو استاد شير محمد ابوپوٽو سيٺ سومر دزڪاڻي استاد علي اصغر بوزدار استاد نورالدين مهر سروري جماعت جي اڳواڻ استاد علي گل سوڍڙو وڏيرو محرم علي سوڍڙو استاد ممتاز حسين ملاح وڏيرو عبدالستار سيال رٽائرڊ هيڊ ماستر لطيف ڏنو بوزدار منشي گل حسن سوڍڙو حاتم علي سوڍڙو ڪامريڊ مظهر سوڍڙو ۽ ٻين ڪاٽيو ۽ خوشي ۾ صوفياڻي ڪلامن جي محفل پڻ ٿي جنهن ۾ فنڪار اختيار چاڪراڻي پاران مخدوم طالب المولي ۽ مخدوم امين فهيم جي شاعر ڪلام ڳائي خوب داد حاصل ڪيو ۽ مٺس نوٽن جي ورڪا ڪئي وئي ۽ سروري جماعت جي مريدن پاران خوشي ۾ جهمريون هنيون



بوزدارواڏا بوزدارواڏا ۾جونيئر مخدوم امين فهيم جي پهرئين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ٺٽون آباد پرسان موٽر سائيڪل سوار ٽرڪ هيٺيان اچي چيپاٽجي فوت

ٺٽون آباد(ن ع)ٺٽون آباد پرسان پٺاڻ ڪالوني وٽ تيز رفتار موٽر سائيڪل ۽ چنگچي رڪشا ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ سبب افسوسناڪ حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ڪري پيو ۽ مٿان گذرندڙ ٽرڪ هيٺ اچي چيپاٽجي موقعي تي فوت ٿي ويو حادثي ۾ فوت ٿيندڙ نوجوان جي سڃاڻپ 26 سالا محمد ريحان ولد عبدالرزاق عباسي طور ٿي آهي جنهن جو تعلق سانگهڙ شهر سان ٻڌايو پيو وڃي اطلاع ملڻ تي بيراڻي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي تعلقا اسپتال ٽنڊوآدم منتقل ڪري ڇڏيو. پوليس موجب موٽر سائيڪل ۽ چنگچي جي ٽڪر بعد نوجوان ٽرڪ هيٺ اچي فوت ٿيو پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته حادثي ۾ ملوث ٽرڪ جي ڊرائيور کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي هوڏانهن فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي

ماتلي پوليس ايس يو پي اڳواڻ ارسلان خاصخيلي کي ٽن مائٽن سميت گرفتار ڪري ورتو

ماتلي(ن ع)ماتلي پوليس ايس يو پي تعلقي ماتلي جي سرگرم اڳواڻ ارسلان خاصخيلي سندس ڀاءُ شان چاچي نثار خاصخيلي سميت چئن ڄڻن کي گرفتار ڪري مٿن منشيات رکڻ ۽ سرڪاري ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ جا ٻه الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري ورتا آهن ان حوالي سان ماتلي پوليس دعوي ڪئي آهي ته ماتلي ٽنڊو محمد خان روڊ تي معمول جي چيڪنگ دوران ڊاٽسن گاڏي مان شراب جون 24 بوتلو هٿ ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ته جوابدارن مزاحمت ڪئي ۽ پوليس تي حملو ڪيو جنهن بعد ڪين گرفتار ڪري مٿن ٻه الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن هوڏانهن گرفتار ٿيلن جي وارثن جو چوڻ آهي ته ارسلان خاصخيلي ۽ سندس پٽن کي پوليس ذاتي دشمني جي تحت گرفتار ڪري مٿن شراب رکڻ ۽ ڊيوٽي اٽڪاءُ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي هوڏانهن ارسلان خاصخيلي ۽ سندس پٽن جي گرفتاري خلاف ايس يو پي ڪارڪن پاران ڪاوڙ جو اظهار ڪندي احتجاجي تحريڪ ڪو چتاءُ ڏنو ويو آهي

ڏگهڙي شهر ۾ بدامني،مختلف واقعن ۾ هڪ ڄڻو زخمي

ڏگهڙي(ن ع)شهر جي مين بازار ۾ هڪ ئي رات دوران چوري جون ٻه وارداتون پيش آيون. نامعلوم چور شاهه بازار جي پوسٽ آفيس واري گهٽي ۾ واقع دڪانن جا تالا ٽوڙي نقد رقم ۽ قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. متاثر دڪاندار راڻا احسان راجپوت موجب چور سندس دڪان مان 35 هزار رپيا نقد، بيٽري ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا. جڏهن ته زاهد ساجد جي دڪان ٻاهران رکيل شوڪيس جا تالا ٻه ٽوڙيا ويا، پر سامان محفوظ رهيو. چور تالا پاڻ سان گڏ کڻي ويا. دڪاندارن جو چوڻ آهي ته واردات واري هنڌ تان شراب جون بوتلون ۽ ٿيلهيون پڻ مليون آهن.ٻئي طرف ياسين برهماڻي جي برف ڊيو پرسان تختي سان ٻڌل بڪرو نامعلوم موٽر سائيڪل سوار چور کڻي فرار ٿي ويا.هوڏانهن ڏگهڙي جي موبائل مارڪيٽ ۾ صفائي جي معاملي تي ٻن دڪاندارن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ پوڻ ولد ميگهو سخت زخمي ٿي پيو. زخمي کي فوري طور تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو. اطلاع ملڻ تي ڏگهڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي حسين گجر کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي، اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 30 مارچ 2026ع

وچ اوڀر جي ڇڪتاڻ ۽ اسلام آباد جون سفارتي ڪوششون

وچ اوڀر هن وقت هڪ نازڪ ۽ حساس مرحلي مان گذري رهيو آهي جتي سياسي تڪرار، فوجي ڇڪتاڻ ۽ طاقت جي مقابلي سڄي خطي کي بيچينيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسلام آباد ۾ پاڪستان، سعودي عرب، مصر ۽ ترڪيه جي پرڏيهي وزيرن جي اهم ويهڪ رڳو هڪ سفارتي سرگرمي نه پر امن جي ڳولا ۾ هڪ سنجيده ۽ اميد جوڳي قدم طور ڏٺي پئي وڃي. هي چار طرفي اجلاس ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته خطي جا اهم ملڪ هاڻي تڪرار بدران ڳالهين ۽ سهڪار ذريعي مسئلن جو حل ڳولڻ چاهين ٿا. پاڪستان هميشه کان عالمي ۽ علائقائي معاملن ۾ هڪ ذميوار ۽ متوازن ڪردار ادا ڪندو آيو آهي. موجوده صورتحال ۾ به اسلام آباد طرفان اهڙي اهم اجلاس جي ميزباني اهو ظاهر ڪري ٿي ته پاڪستان نه رڳو هڪ اسٽيڪ هولڊر آهي پر امن جي قيام لاءِ سرگرم سفارتي پليٽفارم فراهم ڪندڙ ملڪ به آهي. سعودي عرب، جيڪو اسلامي دنيا ۾ اهم حيثيت رکي ٿو ان جي هن اجلاس ۾ شموليت خاص اهميت رکي ٿي، چو ته رياض هميشه خطي ۾ استحڪام لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. ترڪيه ۽ مصر جهڙا ملڪ به هن عمل ۾ شامل ٿي رهيا آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي حيثيت ۾ نه رڳو علائقائي پر عالمي سياست ۾ به اثر رکن ٿا. ترڪيه جو ڪردار خاص طور تي ان ڪري اهم آهي، جو اهو اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ هڪ پل طور ڪم ڪري ٿو جڏهن ته مصر عرب دنيا ۾ هڪ تاريخي ۽ سياسي مرڪز جي حيثيت رکي ٿو انهن ملڪن جون گڏيل ڪوششون اهو امڪان پيدا ڪن ٿيون ته وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽائي سگهجي ٿو

اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ملاقاتن دوران پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار طرفان ترڪيه ۽ مصر جي پرڏيهي وزيرن سان الڳ الڳ ملاقاتون به انتهائي اهم رهيون. انهن ملاقاتن ۾ نه رڳو ٻه طرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو ويو پر علائقائي صورتحال، خاص طور تي ايران سان لاڳاپيل معاملن تي به سنجيده خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اها ڳالهه قابلِ غور آهي ته سڀني ڌرين ڳالهين، سفارتڪاري ۽ مسلسل رابطا برقرار رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو جيڪو ڪنهن به تڪرار جي حل لاءِ بنيادي اصول آهي. پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ تاريخي، ثقافتي ۽ برادرانه لاڳاپا اڳ ئي مضبوط آهن ۽ انهن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ لاءِ ٻنهي ملڪن جي قيادت جو عزم هڪ مثبت اشارو آهي. ساڳئي وقت، مصر سان واپار، سيڙپڪاري، صحت ۽ دفاع جي شعبن ۾ وڌندڙ تعاون به اهو ظاهر ڪري ٿو ته پاڪستان پنهنجي سفارتي دائري کي وسيع ڪري رهيو آهي ۽ مختلف شعبن ۾ شراڪتداري کي فروغ ڏئي رهيو آهي.

موجوده صورتحال ۾ فلسطين جو مسئلو به مرڪزي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي، جتي غزه ۽ اولهه ڪناري ۾ جاري تشدد عالمي ضمير لاءِ هڪ وڏو امتحان بڻيل آهي. پاڪستان طرفان فلسطيني عوام جي بي لوث حمايت ۽ اسرائيلي جارحيت جي مذمت هڪ اصولي موقف آهي، جيڪو نه رڳو اسلامي دنيا، پر عالمي امن جي حمايت ڪندڙ حلقن ۾ به ساراهيو وڃي ٿو مصر جو انساني امداد جي فراهميءَ ۾ ڪردار به قابلِ تعريف آهي، جيڪو هن بحران ۾ اميد جي ڪرڻي وانگر آهي. اها به حقيقت آهي ته صرف بيانن ۽ ملاقاتن سان مسئلا حل نٿا ٿين پر انهن لاءِ عملي قدم، اعتماد جي بحالي ۽ مستقل سفارتي ڪوششن جي ضرورت هوندي آهي. اسلام آباد ۾ ٿيندڙ هي اجلاس جيڪڏهن هڪ مستقل ڊائلاگ جي شروعات بڻجي وڃي ته اهو خطي لاءِ هڪ مثبت تبديليءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو آخر ۾ اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته دنيا هن وقت جنهن غير يقيني صورتحال مان گذري رهي آهي، ان ۾ اهڙيون گڏجاڻيون انتهائي اهم آهن. پاڪستان لاءِ به اهو هڪ موقعو آهي ته هو پنهنجي مثبت ۽ تعميري ڪردار کي وڌيڪ اجاگر ڪري ۽ عالمي برادريءَ ۾ هڪ ذميوار ملڪ طور پنهنجو مقام مضبوط بڻائي. جيڪڏهن هن قسم جون سفارتي ڪوششون جاري رهن ٿيون ته اميد ڪري سگهجي ٿي ته وچ اوڀر جلد ئي امن ۽ استحڪام ڏانهن واپس موٽي سگهي ٿو

سمارٽ لاڪ ڊائون سان حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون!



ايڊووڪيٽ عبيدالله چاچڙ

سال 2019ع ۾ ڪرونا وبا کان بچڻ لاءِ ان وقت جي حڪومتن پاران سڄي ملڪ ۾ شروعاتي طور سمارٽ لاڪ ڊائون ۽ ٿوري عرصي بعد مڪمل لاڪ ڊائون لاڳو ڪيو ويو هو. وقت جي رفتار سان اهي ڏکيون گهڙيون ملڪي عوام برداشت ته ڪيون پر سڃاڻ ڏرين کان علاوه معاشي ماهرن جو اهو به چوڻ هو ته ڪجهه مهينن تائين لڳل لاڪ ڊائون جو بحران ايندڙ ويهن سالن تائين پنهنجا اثر ظاهر ڪندو رهندو. اسان ڏٺو ته يقيناً ائين ئي ٿيو. اڄ انهيءَ لاڪ ڊائون کي ست سال ٿي چڪا آهن پر معاشي حالتون اڃا تائين ساڳيون ٿي آهن.

آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ ٿيل جنگي حالتن ڪانهيءَ دنيا جي ٻين ملڪن سميت پاڪستان تي به انهيءَ جنگ گهرا اثر پيا آهن. وفاقي حڪومت پاران هن وقت ڏتڙيل عوام تي پيٽرول بم اڇلائيندي هڪ ئي ڌڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي قيمت ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. اهڙي ريت نه رڳو تعليم کي هفتن تائين تالو لڳايو ويو پر عدالتي نظام جي متاثر ٿيڻ کان وٺي پوري سرڪاري سسٽم ۾ مايوسي ڇانئجي وئي آهي.

ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته هلندڙ جنگ جا خطرناڪ اثر پئجي رهيا آهن. هن وقت سڄي دنيا چاهي ٿي ته اها جنگ ڪنهن به صورت ۾ بند ٿيڻ گهرجي. ان حوالي سان عرب ملڪن جا تازا بيان به ان ڳالهه جي گواهي ڏين ٿا ته اهي هاڻ خطي ۾ وڌيڪ جنگ نٿا چاهين. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيانن مان به محسوس ٿئي ٿو ته هو وڌيڪ جنگ کان بيزار ٿي چڪو آهي ۽ اهڙي صورتحال مان نڪرڻ چاهي ٿو، پر ساڳئي وقت اسرائيل شايد دنيا جو اهو ملڪ آهي، جيڪو اهڙي جنگ ايستائين جاري رکڻ چاهي ٿو، جيستائين ايران کي مڪمل طور ڪمزور نه ڪيو وڃي. اسرائيل شايد اهو وساري ويٺو آهي ته هو هڪ اهڙي قوم سان مقابلو ڪري رهيو آهي، جنهن جو ماضي عظيم فتحن سان ڀريل آهي.

ان ڪري اسرائيل نه رڳو پنهنجي نقصان تي هوڏ مٿان قائم آهي پر هن سڄي دنيا کي تباهيءَ جي ڪناري تي اچي بيهاريو آهي، جتي ڪا هڪ به غلطي سڄي انسانيت لاءِ بدترين الميو بڻجي سگهي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جي حڪمرانن کي سوچي سمجهي فيصلا ڪرڻ گهرجن ۽ اهڙا اعلان نه ڪرڻ گهرجن، جن سان عوام ۾ انتشار ۽ پريشاني پيدا ٿئي.

گذريل ڪجهه ڏينهن دوران سنڌ سميت بلوچستان جي وزيراعليٰ، وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، جتي ٻين سياسي معاملن سان گڏ سمارٽ لاڪ ڊائون لڳائڻ تي به غور ڪيو ويو. وفاقي حڪومت سان گڏ سنڌ حڪومت جي ذميوارن پاران به اهڙي صورتحال ۾ سمارٽ لاڪ ڊائون جو اشارو ڏنو ويو آهي.

هڪ پاسي وچ اوڀر ۾ صورتحال انتهائي نازڪ ٿي چڪي آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ پاران پنجن ڏينهن جي جنگ بنديءَ جو اعلان سامهون آيو هو پر ان جي باوجود اسرائيل پاران ايران جي توانائيءَ واري انفراسٽرڪچر، خاص طور اصفهان ۽ خرم شهر جي پاور پلانٽن کي نشانو بڻائڻ عالمي امن جي ڪوشش تي وڏو سواليه نشان آهي.

آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ پاڪستان پاران اڳتي وڌي ٿياڪڙي ڪرڻ هڪ مثبت ۽ ذميوارانو سفارتي قدم آهي. وزيراعظم شهباز شريف پاران ڳالهين جي ميزباني ۽ ان تي صدر ٽرمپ جو ردعمل پاڪستان جي اهم ڪردار جي عڪاسي ڪري ٿو.

جڏهن به دنيا ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿينديون آهن ته ان سان متاثر ٿيندڙ ملڪ جنگ بنديءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن، جيئن اڄڪلهه پاڪستان ڪري رهيو آهي. پر اهو به وسارڻ نه گهرجي ته هن ملڪ جا ماڻهو اڳ ئي هزارين مشڪلاتن جو شڪار آهن. اهڙي صورتحال ۾ سمارٽ لاڪ ڊائون لڳائڻ سان حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون.

جيڪڏهن ويجهي ماضيءَ تي نظر وجهجي ٿي ته 2019ع جي لاڪ ڊائون جا اثر اڄ تائين موجود آهن. ان کان علاوه 2022ع جي مها برساتي ٻوڏ ماڻهن جي زندگين ۾ وڌيڪ تڪليفون آنديون هيون. جڏهن ته 2010ع جي ٻوڏ جا اثر به اڃا تائين ختم ناهن ٿي سگهيا.

هن وقت ملڪ اندر جيڪي سمارٽ لاڪ ڊائون جون خبرون هلي رهيون آهن تهن جا اصل آواز به پاڻ سنڌ حڪومت جي واتان ائين ٻڌي رهيا آهيون جيئن ماضي جي لاڪ ڊائون جو مشورو به ان وقت جي سنڌ حڪومت ئي ڏنو هيو پر سنڌ حڪومت وقت جي رفتار سان جيڪي اعلان ڪرايا هن ڏتڙيل ۽ مشڪلاتن جي ماريل عوام کي اڄ سوڌو ڪيتري حد تائين جي بحالي ته پنهنجي جاءِ تي پر هر طرف کان جيڪا پينگ لڳي پئي آهي سا ڇا بحال ٿي چڪي آهي، سنڌ جي تباهه ٿيل تعليم، صحت، روينيو سان گڏوگڏ اها بيروزگاري ۽ مهانگائي عوام سان ڪهڙو حشر ڪيو آهي. هاڻ هڪ دفعو ٻيهر عوام جي جنجال ٿيل زندگين کي عذاب ۾ وجهڻ ۽ تعليم کي تالا سميت پوري سرڪاري نظام کي متاثر ڪرڻ سان گڏوگڏ سمارٽ لاڪ ڊائون لڳائي مهانگائي جا نوان رنگ نرالا ڪرڻ جا اعلان ڪيا پيا وڃن. يقيناً خبر ناهي ته اهڙن ٿيندڙ اعلانن ڪانهيءَ هن ديس جا مسڪين ماروئڙا ڪهڙين حالتن کي منهن ڏيندا. اسين سمجهون ٿا ته حڪومت پاران نه رڳو تعليم کي تالو پر پوري سرڪاري سسٽم کي متاثر ڪري سمارٽ لاڪ ڊائون واري عمل سان ملڪي وهنوار بهتر نه ٿيندو پر حالتون اڃان وڌيڪ بدتر ٿينديون.

پاڪستان جي ٿياڪڙي ۽ آڏو ايندڙ چئلينج!



محمود شام

هن وقت ته ايران جا پنج نقطا آمريڪا جي پندرهن نقطن تي غلب اچي ويا آهن تازي جنگ جون سڀ ڌريون امن چاهين ٿيون پر پنهنجن پنهنجن شرطن تي. ايران جا پنج نقطا ڏسو:

1- ايران تي لڳايل پابنديون فوري طور ختم ڪيون وڃن
2- آمريڪا اهو مڃي ته ايران کي پرامن ايٽمي توانائي حاصل ڪرڻ جو حق آهي ۽ يورينيم جي افزودگي جي اجازت ڏني وڃي
3- علائقائي معاملن ۾ مداخلت بند ڪئي وڃي ۽ ايران جي خودمختياري جو احترام ڪيو وڃي
4- علائقي مان غير ملڪي فوجون نيڪالي وٺن. آمريڪا عراق ۽ شام سميت هن علائقي مان پنهنجا فوجي واپس گهرائي
5- نقصانن جو معاوضو: آمريڪا کي گهرجي ته پنهنجي فوجي حملن ۽ پابندين سبب ايران کي جيڪي نقصان پهتا آهن انهن جو معاوضو ادا ڪري.

اهي نقطا نهايت جامع ۽ حقيقت پسند آهن هي ڪنهن شڪست کاڌل قوم جا شرط ناهن پر آخري رت جي ڦڙي تائين مزاحمت ڪندڙ هڪ بهادر قوم جا فخر ڀريا مطالبا آهن

هاڻي اچو ته ڏسون آمريڪا جا 15 نقطا ڪهڙا هئا:

1- ايران پنهنجو ايٽمي پروگرام محدود ڪري.
2- يورينيم جي افزودگي بند ڪري.
3- افزوده يورينيم انٽرنيشنل ايٽمي ايجنسي حوالي ڪري.
4- ايران علائقي ۾ پنهنجي مليشيا (هٿياربند گروهن) جي حمايت بند ڪري.
5- ايران ٻين ملڪن تي حملا بند ڪري.
6- ايران آبنائي هرمز تان پنهنجو ڪنٽرول هٽائي ۽ ان کي سڀني ملڪن لاءِ کليل رکي.
7- آمريڪا ايران تي لڳايل پابنديون ختم ڪندو
8- آمريڪا ايران کي بوشهر پلانٽ ۾ ايٽمي توانائي فراهم ڪندو
9- ايران انٽرنيشنل ايٽمي ايجنسي کي پنهنجي ايٽمي تنصيبات جي جاچ جي اجازت ڏيندو
10- ايران علائقي ۾ پنهنجي پراڪسيز جي حمايت بند ڪندو
11- 30 ڏينهن جي جنگ بندي ڪئي ويندي، جنهن دوران ڳالهيون جاري رهنديون
12- ايران پنهنجي ميزائل پروگرام جي حد محدود ڪندو
13- مستقبل ۾ ميزائل رڳو دفاع لاءِ استعمال ڪيا ويندا
14- جيڪڏهن ايران انهن نقطن تي عمل نه ڪيو ته پابنديون پاڻمرادو ٻيهر لاڳو ٿي وينديون
15- سيڪيورٽي جون ضمانتون: سڀني پابندين جي خاتمي سان گڏ اها ضمانت ڏني ويندي ته جنگ ٻيهر شروع نه ٿيندي.

علمي تجزيه نگار چون ٿا ته آمريڪا اهي ئي شرط اڳ به 2025ع ۾ ايران کي پيش ڪري چڪو هو، جن کي ايران ان وقت به رد ڪري ڇڏيو هو هاڻي اهي نقطا پاڪستان وسيلي ايراني قيادت تائين پهچايا ويا آهن پاڪستان صرف هڪ قاصد جو ڪردار ادا ڪيو آهي، بغير ان ڳالهه جي جاچ ڪرڻ جي ته شرط نوان آهن يا تازين حالتن مطابق تبديل ڪيا ويا آهن

آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران خلاف شروع ڪيل جنگ نه رڳو خليج ۽ ڏکڻ ايشيا کي متاثر ڪيو آهي، پر سڄي دنيا جي معيشت کي به لوڏي ڇڏيو آهي واپاري ۽ معاشي اثر تمام شدت سان ظاهر ٿي رهيا آهن تنهن ڪري ڳالهين لاءِ دٻاءُ وڌي رهيو آهي پاڪستان ٿياڪڙي جو ذمو کڻي هڪ تاريخي چئلينج قبول ڪيو آهي الحمدلله پاڪستان واحد اسلامي ايٽمي طاقت هجڻ جو اعزاز رکي ٿو، پر اهو به ڏسڻو آهي ته ڇا اسان جي سياسي قيادت وٽ اهڙي عالمي سطح جي ٿياڪڙي جو ڪو تجربو آهي؟ ۽ ڇا اندروني طور تي مفاهمت پيدا ڪرڻ ۾ هن قيادت ڪو ڪردار ادا ڪيو آهي؟ ٿياڪڙي جي هن تاريخي ذميواريءَ ۾ اهو به نظر ۾ رکڻو پوندو ته هن جنگ ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ۽ مظلوم ملڪ ڪهڙو آهي ايران هن جنگ ۾ اڪيلو وڙهي رهيو آهي. تنهن ڪري ان جا جاني ۽ مالي نقصان به وڌيڪ آهن اعليٰ سطحي ايراني اڳواڻ شهيد ٿيا آهن ۽ ٽي هزار کان وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن اسرائيل ۽ آمريڪا ايران جي گهٽ ۾ گهٽ 200 شهرن تي لڳاتار حملا ڪيا آهن يونيسڪو جي تاريخي ورثي ۾ شامل عمارتون به تباهه ٿي ويون آهن فوجي تنصيبات، اسپتالون ۽ اسڪول تباهه ڪيا ويا آهن

آمريڪا کي به خليج ۾ پنهنجن فوجي اڏن تي 800 ملين ڊالر جو نقصان ٿيو آهي، 13 اڏا ناقابل استعمال ٿي ويا آهن ۽ 15 فوجي مارجي ويا آهن مهانگائي 4.2 سيڪڙو تائين وڌي وئي آهي اسرائيل ۾ به جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي. جڏهن ته گڏيل عرب امارات، سعودي عرب، قطر ۽ ٻين ملڪن ۾ به توانائي ۽ انفراسٽرڪچر تي حملا ٿيا آهن هوابازي ۽ سياحت جي صنعت کي وڏو ڌڪ لڳو آهي

لبنان، ڪويت، اردن، بحرين عمان ۽ ٻين ملڪن ۾ به جاني نقصان ٿيو آهي، جڏهن ته غزه ۾ گذريل ٻن سالن دوران 75 هزار کان وڌيڪ ماڻهو شهيد ٿيا آهن جن ۾ گهڻا ٻار ۽ عورتون شامل آهن اسرائيل کي هيستائين 112 بلين ڊالر جا جنگي خرچ ۽ 77 بلين ڊالر جو معاشي نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي تنهن ڪري اسرائيلي عوام به پنهنجي حڪومت تي جنگ بندي لاءِ دٻاءُ وڌائي رهيو آهي حقيقت ۾ اسرائيل جو هي نقصان آمريڪا جو نقصان به آهي، ڇاڪاڻ ته آمريڪا ئي ان جا خرچ برداشت ڪندو رهيو آهي

يهودين جو خواب 'گريٽر اسرائيل' آهي هن خواب جي راهه ۾ عرب ملڪ ڪا وڏي رڪاوٽ ناهن ڇاڪاڻ ته ڪيترن ئي ملڪن اسرائيل کي تسليم ڪري ڇڏيو آهي اصل رڪاوٽ ايران آهي، جنهن کي اسرائيل ڪليل نموني ختم ڪرڻ چاهي ٿو ٻئي طرف ايران به اهو عزم ڪري چڪو آهي ته اسرائيل کي اهڙو نقصان پهچايو وڃي جو هو پنهنجا توسيعي خواب وساري ڇڏي

هن جنگ جي شدت ۾ علائقي ۾ آمريڪي فوجي اڏن جي موجودگي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، خاص ڪري قطر، بحرين، گڏيل عرب امارات، ڪويت ۽ عراق ۾. ماهرن جو خيال آهي ته جلد جنگ بندي ممڪن نظر نٿي اچي، ڇاڪاڻ ته اسرائيل پنهنجي تاريخي هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آخري حد تائين وڃڻ چاهي ٿو

آمريڪا هن وقت اسرائيل جي اثر هيٺ نظر اچي رهيو آهي آمريڪي صدر جو لهجو ۽ رويو به ان ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿو ته هو دٻاءُ هيٺ آهن اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان کي گهرجي ته پنهنجي عوام کي اعتماد ۾ وٺي، قومي اسيمبليءَ ۾ بحث ڪرائي ۽ قومي مفادن کي سامهون رکي فيصلا ڪري اهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ايران ۽ افغانستان اسان جا پاڙيسري آهن، جڏهن ته آمريڪا هزارين ميل پري آهي

استادن جي عزت ڪندڙ قومون ئي ترقي ڪن ٿيون!

راج ڪمار

تاريخ بار بار اهو ثابت ڪيو آهي ته اهي قومون، جيڪي پنهنجن استادن کي عزت ڏين ٿيون ۽ تعليم کي اهميت ڏين ٿيون، اهي ئي تيزيءَ سان ترقي ڪن ٿيون. استاد اصل ۾ قوم جا معمار هوندا آهن. اهي ذهنن کي سنوارين ٿا، سوچ کي طاقت ڏين ٿا ۽ مستقبل جا اڳواڻ تيار ڪن ٿا. استاد پاڻ شايد بادشاهه نه هوندو آهي پر هو بادشاهه ناهيندڙ ضرور هوندو آهي. سائنسدانن، انجنيئرن، ڊاڪٽرن ۽ ٻين ماهرن جو خالق. هن حوالي سان هڪ اهم مثال جاپان جو آهي، جيڪو پنهنجي شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي آمريڪا پاران بم هڻڻ کان پوءِ مڪمل طور تباهه ٿي ويو هو جڏهن ايٽمي بمباري جاپان کي سخت نقصان پهچايو. تڏهن ملڪ وڏي بحران ۾ هو. ان وقت جاپان جي قيادت تعليم کي ٻيهر تعمير جو بنياد بڻايو. استادن کي خاص اهميت ڏني وئي ته جيئن نئين نسل کي جديد علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان ليس ڪري سگهجي. ٿورن ئي ڏهاڪن ۾ جاپان دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ شامل ٿي ويو اها ڪاميابي ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته استادن جي عزت ۽ تعليم تي سيڙپڪاري قومن کي عروج ڏانهن وٺي وڃي ٿي. پاڪستان ۾ به ڊاڪٽر عبدالسلام جهڙو عظيم سائنسدان استاد جي اهميت جو بهترين مثال آهي. سندس استادن سندس صلاحيتن کي سڃاتو ۽ هن کي اڳتي وڌڻ لاءِ همٿايو. نتيجي طور هو دنيا جو مشهور فزڪس جو ماهر ٿي گذريو ۽ نوبل انعام حاصل ڪيائين اهو ڏيکاري ٿو ته هڪ سٺو استاد شاگرد جي زندگي بدلائي سگهي ٿو ساڳي طرح علامه اقبال جي شخصيت به سندس استادن کان گهڻو متاثر هئي. سندس استاد سَر ٿامس آرنلڊ هن کي علم، فڪر ۽ فلسفي ڏانهن راغب ڪيو. اقبال جي سوچ نه رڳو ادب ۾ پر پاڪستان جي قيام ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو سڀ ڪجهه هڪ استاد جي اثر جو نتيجو هو. جديد دور ۾ ملالا يوسفزئي به تعليم ۽ استادن جي اهميت جو وڏو مثال آهي. هن دنيا آڏو تعليم جي حق لاءِ آواز بلند ڪيو. ملالا هميشه پنهنجي استادن ۽ پنهنجي والد کي ڪريڊٽ ڏئي ٿي، جيڪي پاڻ به استاد هئا. اڄ هو عالمي سطح تي تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪري رهي آهي.

استاد رڳو سبق پڙهائڻ وارا نه هوندا آهن پر اهي قوم جي مستقبل جا معمار هوندا آهن. اهي شاگردن ۾ نظم، سوچ ۽ تخليق پيدا ڪن ٿا. دنيا جا ڪامياب ملڪ جهڙوڪ فنلينڊ ۽ ڏکڻ ڪوريا استادن کي وڏي عزت ڏين ٿا ۽ انهن کي بهتر تربيت ۽ سهولتون فراهم ڪن ٿا. ان جو نتيجو اهو آهي ته انهن جا شاگرد عالمي سطح تي نمايان ڪارڪردگي ڏيکارين ٿا. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پاڪستان سميت ڪيترن ئي ترقي پذير ملڪن ۾، استادن کي اها عزت ۽ سهولتون نٿيون ملن جيڪو انهن جو حق آهي. گهٽ پگهار، محدود وسيلا ۽ گهٽ توجهه تعليم جي معيار کي متاثر ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪا قوم پنهنجي استادن کي نظرانداز ڪري ٿي ته اها پنهنجي مستقبل کي ڪمزور ڪري ٿي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته استاد جي حيثيت کي بلند ڪيو وڃي. حڪومت کي گهرجي ته استادن کي بهتر تربيت، مناسب پگهار ۽ جديد سهولتون فراهم ڪري. سماج کي به پنهنجو رويو تبديل ڪرڻو پوندو ۽ استاد کي عزت جي نظر سان ڏسڻو پوندو آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته استاد ڪنهن به قوم جي ترقيءَ جو بنياد هوندا آهن. جاپان جي بحالي، ڊاڪٽر عبدالسلام جي ڪاميابي، علامه اقبال جو فڪر ۽ ملالا يوسفزئيءَ جي جدوجهد سڀ ان ڳالهه جا واضح ثبوت آهن ته استاد قومن کي عروج ڏيارين ٿا. جيڪڏهن اسان ترقي ڪرڻ چاهيون ٿا ته سڀ کان پهرين پنهنجي استادن کي عزت ڏيڻي پوندي.

ڄاڻ جو قيد ۽ تصور جي پرواز..!

امجد سيد

اسين هڪ اهڙي دور ۾ رهون ٿا، جتي دنيا جي سموري ڄاڻ اسان جي آڱرين جي اشاري تي، يعني سمارٽ فون ۾ موجود آهي پر ڇا رڳو ڄاڻ هجڻ ئي ڪافي آهي؟

ڄاڻ جو مطلب آهي اهو سڀ ڪجهه، جيڪو اڳ ئي موجود آهي، جيڪو ٻين دريافت ڪيو آهي يا جيڪو ڪتابن ۾ لکيل آهي. ڄاڻ اسان کي "ماضي" سان جوڙي ٿي. اڄ جو نوجوان گوگل تان هر سوال جو جواب ته ڳولي سگهي ٿو پر اهو جواب اڳ ئي ئي ڪنهن ٻئي جو سوچيل هوندو آهي. جڏهن اسين رڳو ڄاڻ تي ڀاڙيون ٿا، ته اسان جو ذهن هڪ "اسٽور روم" بڻجي وڃي ٿو پر "ليبارٽري" نٿو بڻجي.

البرٽ آئنسٽائن (Albert Einstein) چيو هو ته 'تصور ڄاڻ کان وڌيڪ اهم آهي.' اڄ جو نوجوان ڄاڻ جي ڍير تي ته ويٺو آهي پر ڇا ان وٽ تصور جي اها سگهه موجود آهي؟

تصور جو مطلب آهي 'اڻ ڏٺل کي ڏسڻ' اها هڪ اهڙي طاقت آهي، جيڪا انسان کي موجوده حالتن کان مٿانهون ٿي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُرن ۾ جيڪو 'ڏورانهون' ۽ 'ڳولا' جو عنصر آهي، اهو اصل ۾ تصور جي ئي هڪ شڪل آهي. جڏهن اسان وٽ تصور هوندو آهي، تڏهن ئي اسين نوان نظريا، نيون ايجادون ۽ نوان ادبي شاهڪار پيدا ڪري سگهندا آهيون. اها ئي "Imagination" آهي، جيڪا اسان کي نيون دنيائون تخليق ڪرڻ جي سگهه ڏئي ٿي.

تصور لاءِ ضروري آهي ته انسان اڻڄاتل رستن تي نڪري پر اڄ جو ٽيڪنالاجي نظام کيس رڳو 'ڄاتل سڃاتل' حدن تائين محدود ڪري ٿو. بدقسمتيءَ سان اڄ جو نوجوان گوگل، سوشل ميڊيا ۽ اي آءِ (AI) جي ذريعي هر وقت معلومات سان گهيريل آهي. جڏهن ذهن هر وقت تيار ٿيل معلومات حاصل ڪرڻ ۾ مصروف هجي ته ان کي پنهنجي طور ڪجهه تخليق ڪرڻ يا تصور ڪرڻ جو وقت ۽ موقعو نٿو ملي.

تصور ۽ تخليق لاءِ صبر ۽ اڪيلائي (Solitude) گهربل هوندي آهي. اڄ جي تيز رفتار دور ۾ نوجوانن وٽ اڪيلائيءَ ۾ ويهي سوچڻ جو وقت گهٽجي ويو آهي. جڏهن اسين بور ٿيندا آهيون، تڏهن اسان جو ذهن تصوراتي دنيا تخليق ڪندو آهي پر هاڻي بوريت کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان وٽ سمارٽ فون موجود آهي.

اسان جو موجوده تعليمي نظام به صرف ياداشت (Memory) ۽ 'ڄاڻ' تي زور ڏئي ٿو، نه ڪي 'تخيل' تي. اهو شاگردن کي رٽيبازيءَ ڏانهن ڌڪي ٿو. ڇو ته امتحانن ۾ اهي ئي سوال پڇيا ويندا آهن، جن جا جواب اڳ ئي ڪتابن ۾ موجود هوندا آهن. گهٽ ئي ڪڏهن اهو سوال پڇيو ويندو آهي ته: 'جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته ڇا ٿئي ها.'

اڄ جو نوجوان اڪثر اهو سوال ڪري ٿو ته گوگل جي دور ۾ شاعري، افسانو يا تاريخ پڙهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ڇا اهو وقت جو زيان ناهي؟ پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي، ادب انساني روح جو کاڌو آهي. ڄاڻ اسان کي مادي دنيا ۾ بقا جا طريقا سيکاري ٿي، جهڙوڪ نوڪري ڪيئن ڪجي يا مشين ڪيئن هلائجي پر ادب اسان کي جيئڻ جو ڍنگ سيکاري ٿو.

ادب انسان کي همدردي، احساس ۽ اخلاقيات جي انهن گهرائين تائين وٺي وڃي ٿو جتي ڪا به ڊيٽا نٿي پهچي سگهي. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته ادب وقت جو زيان ناهي پر وقت کي سمجهڻ ۽ پڪڙڻ جو ذريعو آهي. اسين صدين کان پوءِ به جيڪڏهن پنهنجي ماضيءَ جي عظيم ڪردارن ۽ فلسفن کان واقف آهيون ته اهو ادب جي ئي بدولت آهي. ادب کان ڪٽيل نوجوان وٽ ڄاڻ ته هوندي پر ان وٽ پاڙون (Roots) نه هونديون.

ادب ئي اهو ذريعو آهي، جيڪو اسان جي 'تصور' کي زنده رکي ٿو. جڏهن اسين ناول پڙهون ٿا يا شاعري ٻڌون ٿا ته اسان جو ذهن پنهنجي هڪ نئين ڪائنات تخليق ڪري ٿو اهو عمل ذهن کي ايترو ته سگهارو بڻائي ٿو جو انسان ناممڪن کي به ممڪن تصور ڪرڻ لڳي ٿو

تصور کي ٻيهر زنده ڪرڻ لاءِ نوجوانن کي ڪلاسيڪي ادب، شاعري ۽ عالمي فلسفو پڙهڻ گهرجي، جيڪو ذهن کي رڳو معلومات نه ڏيندو پر ان کي پرواز ڪرڻ سيکاريندو. سوال ڪرڻ جي عادت پيدا ڪرڻ گهرجي، ڇو ته هر وڏو تصور هڪ ننڍڙي سوال مان جنم وٺندو آهي.

جڏهن اسين ادب پڙهون ٿا، تڏهن اسين صرف لفظ ناهيون پڙهندا پر اسين زندگيءَ جا اهي تجربا حاصل ڪندا آهيون، جيڪي شايد اسان کي سڄي عمر ۾ به نه ملي سگهن. تنهنڪري جيڪو نوجوان ادب سان جڙيل آهي، ان جو 'تصور' ڪڏهن به بنجر نٿو ٿئي.

آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته نوجوانن کي گهرجي ته هو ڄاڻ کي پنهنجي طاقت بڻائين پر ادب ۽ تصور کي پنهنجو روح بڻائين، ڇو ته بغير روح جي طاقت، انسان کي رڳو هڪ مشين بڻائي ڇڏيندي آهي. نتيجو اهو نڪري ٿو ته ڄاڻ ضروري آهي پر اها صرف هڪ ڏاڪڻ آهي، منزل تائين پهچڻ لاءِ 'تصور' جو هجڻ لازمي آهي. جيڪڏهن اسان جو نوجوان رڳو ڄاڻ تائين محدود رهيو ته هو هڪ 'زنده روبوٽ' بڻجي ويندو. اسان کي اهڙن ذهنن جي ضرورت آهي، جيڪي ڄاڻ جي ڏيئي مان تصور جي روشني پيدا ڪري سگهن.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

مندَ ٿِي مَنڊَلَ مَنڊِيا، ڪِي اوهِيڙِنِ اوڪَ؛
چاچَرِ ٿِي چَنَنِ ۾، مينهِيُون چَرَنِ موڪَ؛
سَرَهِيون ٿِيُون سَنگهارِيُون، پُويو پائِنِ طَوقَ؛
ميها، ڇيڙَ، ڦنگيُون، جِتِ ٿِيَنِ سَيِيئي ٿوڪَ؛
لاهِئين مَٿان لوڪَ، ڏولائي جا ڏِينهَڙا.

(سُر سارنگ)

اڄوڪو ڏينهن - 30 مارچ

مختيار اڙ

خانبهادر محمد صديق ميمڻ

اڄ مشهور تعليمي ماهر، سماج سڌارڪ ۽ ليکڪ محمد صديق ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 30 مارچ 1890ع تي حيدرآباد ۾ حاجي محمد يوسف ميمڻ جي گهر ۾ پيدا ٿيو هن علي ڳڙهه مان گريجوئيشن ڪئي هن حيدرآباد ۾ رهندڙ مسلمانن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا. عملي زندگيءَ جي شروعات 1916ع ۾ هڪ اسڪول ٽيچر طور ڪيائين ۽ 1943ع ۾ رٽائر ٿيو 1931ع ۾ هن سنڌي مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو انهيءَ سوسائٽيءَ پاران هن هڪ پرنٽنگ پريس پڻ قائم ڪئي ته جيئن سنڌي ادبي ڪتاب سولائيءَ سان ڇاپي سگهجن انهيءَ ئي سوسائٽيءَ پاران هن حيدرآباد جي مسلمان ڇوڪرين کي علم جي زيور سان آراسته ڪرڻ لاءِ مدرسته البنات اسڪول جو بنياد رکيو. اهو حيدرآباد ۾ مسلمان نياڻين جو پهريون اسڪول هو، جنهن جو افتتاح پهرين اپريل 1940ع تي ٿيو هن مختلف موضوعن تي لڳ ڀڳ 15 ڪتاب لکيا هو رياضي ۽ جاميٽريءَ جو به ماهر هو. سندس لکيل ڪتاب "انگي حساب" ۽ "جاميٽري" اڄ به مشهور آهن هو 1940ع کان 1947ع تائين ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جو پرنسپال پڻ رهيو. جڏهن سنڌ سرڪار سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ جوڙيو ته هن کي به انهيءَ بورڊ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو انهيءَ بورڊ اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ جو روپ ڌاريو سندس تعليمي ۽ سماجي ڪم کي مڃتا ڏيندي 1946ع ۾ انگريز سرڪار کيس "خان صاحب" ۽ "خان بهادر" جا لقب ڏنا هن 20 نومبر 1958ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي

الهه بخش نظاماڻي

اڄ مشهور تعليمي ماهر الهه بخش نظاماڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 30 مارچ 1905ع تي ماتلي تعلقي جي شهر ٽڙيءَ ويجهو نظاماڻين جي ڳوٺ ۾ ڄائو بي ٽي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين بعد ۾ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو نور محمد هاءِ اسڪول جي هيڊماستر ۽ حيدرآباد جي تاريخي مسلم ڪاليج پرنسپال طور به ڪم ڪيائين عمر جي آخري حصي ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي اعزازي سيڪريٽريءَ طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن کي سنڌي لوڪ ادب سان خاص دلچسپي هئي سندس ڪتاب "سنڌي لوڪ ادب جي ابتدائي تاريخ" لوڪ ادب سان دلچسپي رکڻ وارن لاءِ هڪ انمول ڪتاب آهي هن 15 آگسٽ 1980ع تي وفات ڪئي

عبدالحميد آخوند



اڄ مشهور انتظامي سربراهه ۽ سنڌي ثقافت جي پارکوءَ عبدالحميد آخوند جي جنم جو ڏينهن آهي هن 30 مارچ 1945ع تي حيدرآباد شهر ۾ اکيون کوليون. پاڻ مٽياريءَ جي مشهور آخوند خاندان جو چشم ۽ چراغ آهي ۽ شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جو ڏوهٽو آهي هن عملي زندگيءَ جي شروعات 1968ع ۾ نيشنل سينٽر حيدرآباد جي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر طور ڪئي 1976ع ۾ تعليم کاتي سنڌ جي ڪلچرل ونگ ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو اڳتي هلي سنڌ جي ثقافت کاتي جو پهريون ڊائريڪٽر ۽ بعد ۾ ساڳئي کاتي جو سيڪريٽري مقرر ٿيو سندس دور ۾ سنڌ جي ثقافت کاتي ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا ۽ سنڌ جي ثقافت جي واڌاري لاءِ ساراهه جوڳا قدم کنيا ويا پاڻ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر ۽ سنڌ انڊوميٽ فنڊ جو سربراهه پڻ رهيو آهي هن ڪيترائي ڪتاب به تصنيف ڪيا.

حاجي خان تبسم



هن تلهواري شاعر ۽ ادب دوست انسان جو جنم 30 مارچ 1948ع تي سجاول ضلعي جي شهر دڙي ۾ ٿيو سندس والد جو نالو ناٿو خان جماڻي ميمڻ هو هن ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ٽپال کاتي ۾ نوڪري ڪئي ۽ پوسٽ ماسٽر طور لاڙ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ملازمت ڪيائين هن 1971ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ "تبسم" لقب اختيار ڪيائين هن ڪجهه ڪهاڻيون پڻ لکيون جڏهن عاجز ڪريم پوريءَ ملير پبليڪيشن جو بنياد وڌو ته حاجي خان تبسم سندس خاص ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪيو هن دڙي ۾ "شيرازي پبليڪيشن" جو بنياد وجهڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو هو سنڌي ادبي سنگت جي دڙو شاخ جو سرگرم ڪارڪن رهيو هن 8 آگسٽ 1994ع تي وفات ڪئي

ريحانه لغاري



اڄ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر ريحانه لغاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 30 مارچ 1970ع تي سجاول ۾ ٿيو هن جو ڏاڏو خانبهادر فضل محمد لغاري 1946ع ۽ 1947ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ 1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو هن بي اي جي سند ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل ايل بي ۽ ايم اي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون ريحانه لغاري عورتن جي مخصوص سيٽن تي 2013ع کان 2018ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر رهي ۽ 13 آگسٽ 2018ع تي سنڌ اسيمبليءَ جي چوٿين عورت ڊپٽي اسپيڪر مقرر ٿي ياد رهي ته سنڌ جي پهرين عورت ڊپٽي اسپيڪر جيٺي تلسيداس سپاهيملاڻي هئي هوءَ پهرين جون 1939ع کان 24 فيبروري 1945ع تائين ۽ ان کان پوءِ 13 مارچ 1946ع کان 5 نومبر 1946ع تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهي سنڌ اسيمبليءَ جي ٻي خاتون ڊپٽي اسپيڪر چونڊجڻ جو اعزاز راحيله ٽوانه کي حاصل آهي جنهن انهيءَ عهدي تي 14 ڊسمبر 2002ع کان 18 نومبر 2007ع تائين ڪم ڪيو سنڌ اسيمبليءَ جي ٽيون نمبر عورت ڊپٽي اسپيڪر سيده شهلا رضا هئي جنهن 2008ع کان 2018ع تائين ٻه ڀيرا اهو عهدو ماڻيو

ڊاڪٽر مخمور بخاري



اڄ مشهور ليکڪ، محقق ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر سيد مخمور بخاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو اصل نالو رشد الله شاهه بخاري آهي ۽ هن 30 مارچ 1979ع تي هالا پراڻا ۾ پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز علي شاهه بخاريءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون. هن سنڌيءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي هن سروري اسلاميه ڊگري ڪاليج ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اڄڪلهه سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي پاڻ سنڌي ادبي سنگت هالا جو سيڪريٽري ۽ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهي چڪو آهي. هن جا مختلف موضوعن تي 24 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ ڪيترائي اسڪرپٽ لکيا ۽ 400 کان وڌيڪ مضمون ۽ مقالا لکيا. سندس لکيل ٻه ڊراما "اڃايل آبشار" ۽ "جيئون سارو ڏک" پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچيءَ تان نشر ٿي چڪا آهن.

مير حسين علي خان حسين ٽالپر

مير حسين علي خان حسين ٽالپر مير نورمحمد خان اول جو فرزند هو ۽ حيدرآباد جي قلعي ۾ تولد ٿيو مخدوم طالب المولى پنهنجي ڪتاب يادرفتگان ۾ هن جي ولادت جي تاريخ 26 آگسٽ 1824ع ڄاڻائي آهي جڏهن ته انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا سميت ڪجهه حوالن ۾ سندس ولادت جو سال 1829ع ڄاڻايو ويو آهي شاهي خاندان جو فرد هجڻ سبب سندس تعليم ۽ تربيت به شاهاڻي انداز ۾ ٿي 1843ع ۾ مياڻيءَ جي جنگ ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ پنهنجي چاچي مير نصير خان ٽالپر سان گڏ کيس جلاوطن ڪري ڪلڪتي موڪليو ويو 1859ع ڌاري سندس جلاوطني ختم ٿي ۽ پاڻ حيدرآباد جي ٽنڊي مير نورمحمد ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين هو هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ ليکڪ هو هن سنڌي، فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي سندس ڪتابن ۾ "مناقب علوي" (فارسي نثر)، "ديوان حسين" (اردو ۽ فارسي غزل)، "شاهد الامامت" (فارسي نثر) ۽ "لب لباب" (فارسي نثر) شامل آهن هن 30 مارچ 1878ع تي وفات ڪئي

حاجي حقير ابن مگڻ



حاجي حقير ابن مگڻ خاصخيلي هڪ مشهور شاعر، نثر نويس ۽ حڪيم هو، جنهن جو جنم 18 اپريل 1901ع تي حيدرآباد تعلقي جي ڳوٺ ٽنڊي قيصر ۾ ٿيو غربت سبب گهڻي تعليم حاصل نه ڪري سگهيو، فقط قرآن شريف پڙهيو ۽ گڏوگڏ سنڌيءَ جا ڪجهه درجا پڙهيو. هو حڪمت جي پيشي سان لاڳاپيل هو. هن ويهن کان مٿي ڪتاب لکيا، جن ۾ ٻارن لاءِ ڪتاب، لوڪ داستان، گرامر ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هن جي شاعريءَ جو مجموعو "بلبل خوشگفتار" نامور ليکڪ تصير مرزا ترتيب ڏئي ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي هن 30 مارچ 1981ع تي حيدرآباد تعلقي جي ڳوٺ راول ڀهوڙ ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

ظفرالله قريشي



مرحوم ظفرالله قريشي پاڪستان جي ريلوي کاتي جو هڪ باصلاحيت آفيسر هو. هن جو جنم 11 آڪٽوبر 1918ع تي سکر ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پراڻي سکر جي ميونسپل هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) مان پاس ڪيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان جاگرافي ۽ پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون ۽ برائفورڊ يونيورسٽي انگلينڊ مان ٽرانسپورٽيشن ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪئي سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ 1963ع ۾ ريلوي کاتي ۾ ملازمت شروع ڪيائين هن ريلوي کاتي ۾ جن اهم عهدن تي ڪم ڪيو، تن ۾ ڊويزنل ٽرانسپورٽ آفيسر، ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ ڪراچي ۽ سکر، پاڪستان ريلويز اڪيڊمي لاهور جو ڊائريڪٽر جنرل، پاڪستان ريلويز جو ٻه ڀيرا جنرل مئنيجر ۽ پاڪستان ريلوي جي صلاحڪاري بورڊ جو چيئرمين شامل آهن تاريخ 30 مارچ 1996ع تي ريلويز هيڊڪوارٽر لاهور ۾ هڪ اهم گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندي کيس اچانڪ دل جو دورو پيو ۽ سنڌ جو هيءُ باصلاحيت آفيسر اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. کيس ڪراچيءَ ۾ عبد الله شاهه غازيءَ واري قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

روشن عطا

اڄ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪاره روشن عطا جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 1940ع ڌاري شڪارپور ضلعي جي شهر سلطان ڪوٽ ۾ آغا دلمراد جي گهر ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي هن 1964ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي هڪ ڊراما آرٽسٽ طور پنهنجي فني سفر جي شروعات ڪئي گڏوگڏ اسٽيج ڊرامن ۾ به ڪم ڪندي هئي هن لڳ ڀڳ 20 سنڌي فلمن ۾ ڪم ڪيو، جن ۾ ڌرتي دل وارن جي، فيصلو ضمير جو، ڌرتي لال ڪنوار، رت ۽ اجرڪ ۽ ٻيون فلمون شامل آهن هن ڪن اردو فلمن ۾ به ڪم ڪيو هن 1972ع کان ڪيترن ئي ٽيليويزن ناٽڪن ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيا. آخرڪار 30 مارچ 2011ع تي ڪراچيءَ ۾ سندس زندگيءَ جو ڏيئو وسامي ويو.

عبدالقادر جوڻيجو

اڄ سنڌ جي مشهور ڊراما نويس ۽ ڪهاڻيڪار عبدالقادر جوڻيجي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم مٺي تعلقي جي ڳوٺ جنجهاڻ ۾ 1945ع ڌاري ٿيو هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي سندس والد مريد حسين هڪ پوليس آفيسر هو. عبدالقادر مئٽرڪ جو امتحان ڏيپلي جي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي (سوشالاجي) جون سندون حاصل ڪيون هن عملي زندگيءَ جي شروعات 1962ع ۾ پوليس کاتي ۾ اي ايس آءِ طور ڪئي پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي پهريائين پرائمري استاد ۽ پوءِ سيڪنڊري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو هو 1976ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ پبليڪيشن آفيسر مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري سنڌالاجيءَ جو پهريائين ايڊيشنل ڊائريڪٽر ۽ پوءِ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو هو 2005ع کان 2008ع تائين سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين رهيو. عبدالقادر جوڻيجي جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي چوٽيءَ جي ڪهاڻيڪارن ۽ ڊراما نويسن ۾ ٿئي ٿو هن جي پهرين ڪهاڻي "مٽ مٽ سور" 1963ع ۾ روح رهاڻ رسالي ۾ ڇپي هن کي اصل مقبوليت ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ لکيل ڊرامن سان ملي سندس پهريون ريڊيو ڊرامون 1970ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيو ٽيليويزن لاءِ سندس پهريون سنڌي ڊرامون تلاش 1976ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو ان کان پوءِ هن جا لکيل ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما ٽيليويزن تان ٽيليڪاسٽ ٿيا، جن پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. انهن يادگار ڊرامن ۾ ديوارين، سيڙهيان، ڇوٽي سي دنيا ۽ جنگل وغيره شامل آهن ڊرامن کان علاوه هن مختلف موضوعن تي 12 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا. هن کي ٻه ڀيرا صدارتي ايوارڊ، بهترين ليکڪ جو پي ٽي وي ايوارڊ ۽ ٻيا به ڪيترائي ايوارڊ ڏنا ويا. هيءُ انمول انسان 30 مارچ 2020ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II ڪي اين شاه
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات شهناز ڌيءِ غلام رسول ٻگهيو ونيل سيٽا روڊ تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو .. پلينٽف ..بخلاف .. نورمحمد ولد سائين بخش گوپانگ ونيل ڳوٺ مبارڪ شر تعلقوميرواه ضلعو خيرپورميرس ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف رڪوري آف ڏهه لک روپيا ، رڪوري آف حق مهر ٽي تولا سون ، رڪوري آف ڏاج ۽ مينٽيننس آف عدت پيرڊ -/225000 روپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 12 سال 2026

مسمات سجنا ڌيءِ اعجاز علي مڱڻهار رهندڙ شڪر مل روڊ تعلقو قاضي احمد .. پلينٽف ..بخلاف ذوالفقار ولد محرم مڱڻهار رهندڙ ڪاڇيرو روڊ ٻائي پاس مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهرو فيروز ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II قاضي احمد

بقايا 1 مارجي ويو

معرفاڻي تڪرار تان پيش آيو ڳڙهي ياسين لڳ ڪيرٿر ڪئنال ويجهو نظام پناڻ جي باغ وٽ هٿيارٻندن جي ڊوزر رڪشا تي فائرنگ 34 سالن جو هڪ جٽو سائٽ پٽ نادر معرفاڻي مارجي ويو.جڏهن ته هڪ جٽو نديم بروهي زخمي ٿي پيو. پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي رورل هيلٿ سينٽر ڳڙهي ياسين منتقل ڪيا. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو مهر مارفاڻي پراڻي تڪرار تان پيش آيو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.جڏهن ته اسپتال ۾ موجود مقتول جي وارثن جو چوڻ هو ته اسان جو مهر مارفاڻي تڪرار سان ڪو تعلق نه هو پر ان باوجود به هٿيارٻندن فائرنگ ڪري نوجوان قتل ڪري ظلم ڪيو آهي

بقايا 2 پيادل مارچ

مرڪزي جنرل سيڪريٽري محمد رمضان خاصخيلي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري آزاد ڪنير،شوڪت ٻرڙي، غني ڪنير،رحمان شر۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 10 ڪلوميٽر پيادل امن مارچ ڪيو ويو.مارچ جي اڳواڻن چيو ته پوليس سميت ادارن جي سرپرستي هيٺ تعلقي جي ننڍن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ منشيات جا اڏا هلڻ سبب نوجوان وڏي انگ ۾ منشيات واپرائي جسماني۽ ذهني صلاحيت وڃائي رهيو آهي ۽ ڏوهن۾ اضافو ٿيڻ سبب غريب ماڻهون جو سفر۽ ڪاروبار ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي ان کان علاوه تعلقي اندر مختلف برادرين جي وچ ۾ هلندڙ تڪرارن جو نبيرو ڪرڻ لاءِ سياسي۽ سماجي ڌرين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪري علائقي جو امن ۽ رونقون بحال ڪرايون وڃن .

بقايا 3 سخت زخمي

گڏ ٿي وڏي جدوجهد ۽ ڪوشش بعد ٻار کي مين هول مان ٻاهر ڪڍيو. جنهن کي مقامي اسپتال ۾ پهچايو ويو. ڊاڪٽرن موجب، مين هول ۾ ڪرڻ سبب ٻار سخت زخمي ٿيو آهي هن کي مٿي جو زخم آهي ۽ گندو پاڻي ڦڦڙن ۽ پيٽ ۾ داخل ٿيڻ سبب سندس حالت ڳڻتي جوڳي آهي. وارثن کي ٻار کي سول اسپتال کڻي وڃڻ جو چيو آهي. واقعي جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد صارفين پاران سخت ردعمل ظاهر ڪيو ويو ۽ انتظاميا جي لاپرواهي تي شديد تنقيد ڪئي پئي وڃي. ٻئي پاسي، شهرين ۾ به هن واقعي سبب سخت ڇتاءُ پکڙيل آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته مين هول کليل هجڻ بابت ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون ڪيون ويون، پر ان باوجود ڪو به سنجيده نوٽيس نه ورتو ويو. هنن مطالبو ڪيو ته ذميوارن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا واقعا ٻيهر پيش نه اچن. سي ايم او ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوڄام شاهجهان پنهور پنهنجي بيان ۾ چيو ته مين هولز تي ڍڪڻ لڳائڻ يونين ڪميٽين جي ذميواري آهي، پر ڪجهه يونين ڪميٽيون ذميواري نڀائين نٿيون. علائقي ۾ به ٽي ايم سي پاران ٻه دفعا ڍڪڻ لڳايا ويا آهن. هن وڌيڪ چيو ته علائقي مان اڪثر مين هول جا ڍڪڻ چوري ٿي وڃن ٿا، جنهن جي ايف آءِ آر پڻ ڊائريڪٽر سينٽيشن جي فرياد تي داخل ڪرائي وئي آهي ٻئي طرف يوسي 66 جي چيئرمين نعيم ميمڻ جو چوڻ آهي ته ڪجهه ڏينهن پهرين مين هول جا ڍڪڻ لڳايا هئا، اهي چوري ٿي ٿا وڃن ته انهي ۾ ڪنهن جو به ڏوهه ڪونهي. پاڙي وارن جي به ذميواري آهي (ته هنن تي نظر رکن.) شهرين مطالبو ڪيو آهي ته لاپرواهي جي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کليل مين هولز کي فوري طور تي بند ڪيو وڃي ته جيئن انساني جانين کي وڌيڪ نقصان کان بچائي سگهجي

بقايا 4 تلهه سڙي رک

تي بيٺل آهي پوءِ به نه پهچي سگهي آهي نوٽيس وٺي مالي مدد ڪئي وڃي

بقايا 5 آبادگار پريشان

بمپر فصل تيار ٿي چڪي آهي ۽ ڪٽائي جاري آهي ڪڻڪ جي ڪٽائي ۾ عورتون به مردن سان گڏ حصو وٺن ٿيون. سرڪار طرفان ڪڻڪ جو اگهه 3500 رپيا في مڻ مقرر ڪيو ويو آهي، پر مارڪيٽ ۾ اچڻ سان اهو گهٽجي 3000 رپيا في مڻ ٿي ويو آهي. آبادگار اڳواڻ اختيار احمد پنهور ايڊووڪيٽ، سجاد حسين پنهور، عمران علي پنهور ۽ محمد اسماعيل جو چوڻ آهي ته ڪڻڪ جو ٽارگيٽ ۽ اگهه وڌايو وڃي ۽ ختم ٿيل خريداري مرڪز ٻيهر کوليا وڃن. هنن چيو ته سنڌ ۾ سرڪار طرفان 10 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته آبادگارن تي ڪڻڪ جي پوک تي وڏو خرچ اچي ٿو. تنهن ڪري سرڪار کي گهرجي ته 30 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪري. هنن وڌيڪ چيو ته حڪومت صرف 25 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ آبادگارن کان ڪڻڪ خريد ڪندي، جنهن سبب وڌيڪ زمين وارن آبادگارن کي نقصان ٿيندو ڇو ته سندن ڪڻڪ خريد نه ٿيڻ سبب اگهه گهٽجي 2000 رپيا في مڻ تائين اچي سگهي ٿو هنن ٻڌايو ته خيرپور ضلعي ۾ 10 سرڪاري خريداري مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. جڏهن ته ختم ڪيل 55 مرڪز ٻيهر بحال ڪيا وڃن. اڃا تائين ڪڻڪ جي خريداري شروع ناهي ڪئي وئي، سرڪار اعلان ڪيو آهي ته آبادگار پنهنجو باردانو پاڻ آڻيندا، جنهن تي 50 ڪلو واري ٻوري تي 60 رپيا ۽ 100 ڪلو واري ٻوري تي 100 رپيا اضافي ڏنا ويندا، آبادگارن چيو ته مارڪيٽ ۾ 100 ڪلو واري ٻوري 200 رپين ۽ 50 ڪلو واري ٻوري 80 رپين ۾ ملي ٿي. محڪمي خوراڪ موجب آبادگارن کان في ايڪڙ 5 ٻورين (12 مڻ) ڪڻڪ خريد ڪئي ويندي ۽ صرف 25 ايڪڙ کان گهٽ زمين وارن کان خريداري ڪئي ويندي. جڏهن ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ڪل پيداوار لڳ ڀڳ 60 لک ميٽرڪ ٽن آهي. هنن چيو ته سرڪار رڳو 20 سيڪڙو کان به گهٽ ڪڻڪ خريد ڪندي، جنهن سان آبادگارن کي وڏو نقصان ٿيندو. هنن وڌيڪ چيو ته پاسڪو جيڪو اڳ خيرپور سميت سڄي سنڌ مان ڪڻڪ خريد ڪندو هو، هاڻي خساري سبب خريداري نه ڪندو. محڪمي خوراڪ خيرپور وٽ هن وقت هڪ لک 20 هزار ٻورين موجود آهن جيڪي بارش پوڻ سبب ڪجهه خراب به ٿي ويون آهن.

بقايا 6 ٻارڙي فوت

سميرا بنگلاڻي تجي اسپتال ٽل ۾ فوت ٿي وئي آهي.جڏهن ته علائقي جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ارڙي سميت مختلف بيمارين ۾ ٻارڙا ورتل آهن .فوتي معصوم جي گهر ۾ خوشي بدران ماتم متل آهي جڏهن ته ڳوٺ نامدار بنگلاڻي ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ 10 کان وڌيڪ ٻارڙا ارڙي ۾ مبتلا آهن. ڳوٺاڻن سنڌ جي وڏي وزير ،صحت جي وزير،سيڪريٽري صحت سنڌ ۽ ڊي سي جيڪب آباد کي اپيل ڪئي آهي ته ٽل جي مختلف ڳوٺن ۾ وڌندڙ ارڙي سميت ٻين بيمارين جي روڪٿام لاءِ ڳوٺن ۾ ڊاڪٽر جون ٽيمون موڪلي فري ميڊيڪل ڪيمپون لڳرائي بيمارين جو خاتمو آندو وڃي ،

بقايا 7 ڏنڊ مقرر

۾ ڌرين جون ڳالهيون ٻڌيون ويون جنهن دوران واپاري سڪندر خاصخيلي ٻڌايو ته ڌاڙيل ڌاڙي دوران 3تولا سون،2 نچ 2 بنڊ واريون موبائل فونون ۽ موٽرسائيڪل ڌاڙي دوران ڪٽي ويا هئا.جڏهن ته جوابدار عبدالوحيد گائينچو عقيل خاصخيلي جي ڌر جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد رئيس علي دوست گائينچو ، ڊاڪٽر علي مرادن گائينچو ۽ ٻين تي مشتمل مشير ڪاميٽي جوڙي وئي جنهن بعد فيصلي ڪندڙ خادم مارفاڻي فيصلو ٻڌائيندي جوابدار ڌر کي ڏوهي قرار ڏيندي جوابدارن مٿان 18 لک ڏنڊ مقرر ڪيا جڏهن ته فريادي ڌر پاران قرآن پاڪ کي مان ڏيندي جوابدارن کي ڏنڊ تي 10 لک معاف ڪري ڇڏيا جڏهن ته جوابدار 8 لک ٻن مهينن اندر ادا ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو ويو. فيصلي ۾ جوابدار عبدالوحيد گائينچو ۽ عقيل خاصخيلي جي وارثن سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت!

بقايا 8 پاڻ پيو

ڏوهاري مختلف ڪيسن ۾ گهربل اشتهاري ڏوهاري ڪبير بوزدار خانپورمهر پوليس وٽ گرفتاري پيش ڪري ڇڏي آهي ايس ايڇ او خانپور مهر انسپيڪٽر برڪت علي پٽي موجب ڪبير بوزدار مٿان گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي قتل، دهشتگردي، ڦر، چوري، ڌاڙي، پوليس مقابلن سميت 20 سنگين نوعيت جا ڪيسن داخل آهن پوليس موجب سندس وڌيڪ ڪيسن بابت ٻين ٿاڻن تان جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 9 منظوري ڏني وئي

تعليمي شعبن جي سربراهن جون مقرريون ۽ ڪيمپس جي ڍانچي توڙي شاگردن جي سهولتن جي بهتري لاءِ قدم شامل آهن. اجلاس ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري سمورن ميمبرن کي ڀليڪار ڪندي يونيورسٽي جي گورننس ۽ تعليمي معيار کي مضبوط بڻائڻ ۾ سندن لاڳيتي سهڪار کي ساراهيو. اجلاس ۾ سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز ڊپارٽمينٽ محمد عباس بلوچ، سيد سهيل اڪبر شاهه، پروفيسر آصف قاضي، پروفيسر ڊاڪٽر جاويد چانڊيو، پروفيسر ڊاڪٽر ليڇمڻ داس ڏوميجا، پروفيسر ڊاڪٽر عرفانه ملاح، بينظير جوڻيجو، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالاحد ابڙو سليمان احمد، ڊاڪٽر عقيل احمد پٺو، امين علي رند، عبدالرحمان ٽانگراج، ساجد قيوم ميمڻ ۽ مولانا اصغر درس سميت اڪيڊيميا، حڪومت ۽ سول سوسائٽي سان لاڳاپيل ٻيا معزز ميمبر پڻ شريڪ ٿيا. اجلاس جي شروعات اڳوڻي وائيس چانسلر مظهرالحق صديقي ۽ سيد غلام نبي شاهه جي پٽ جي وفات تي فاتحه خواني سان ڪئي وئي. سينڊيڪيٽ ميمبرن ڏک جو اظهار ڪندي انهي مرحومن جي مغفرت ۽ سندن پونئيرن لاءِ صبر جي دعا گهري. پنهنجي ابتدائي خطاب ۾ وائيس چانسلر جاري ترقياتي منصوبن تي روشني وڌي ۽ سنڌ حڪومت پاران يونيورسٽي جي اندرئين روڊ رستن ۽ هاسٽلن جي مرمت ۽ بحالي لاءِ ڪيل سهڪار کي ساراهيو. هن چيو ته اهڙا قدم ڪيمپس جي مجموعي ماحول ۽ شاگردن جي سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ انتهائي اهم آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته صوبائي حڪومت ڊاڪٽر اين اي بلوچ ماڊل اسڪول حيدرآباد ۽ سيد پناهه علي شاهه ماڊل اسڪول ڄامشورو جي ترقي لاءِ پڻ سهڪار جو يقين ڏياريو آهي، جيڪو تعليمي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ ۽ رسائي وڌائڻ جي عزم جو عڪاس آهي. سينڊيڪيٽ تعليمي، انتظامي ۽ انساني وسيلن سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي غور ويچار ڪيو ۽ سليڪشن بورڊ جي سفارشن تحت مختلف آفيسرن جي ڪارڪردگي ۽ خدمتن کي تسليم ڪندي سندن ترقين جي منظوري ڏني. سنڌ يونيورسٽي جي قانونساز اداري ڪجهه استادن کي ضابطن موجب ليئن ۽ غيرمعمولي موڪل پڻ منظور ڪئي ته جيئن اهي تعليمي ۽ تحقيقي موقعن مان فائدو وٺي سگهن. ان کان علاوه ٻن استادن جي لازمي رٽائرمينٽ جي پڻ منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ اهم تعليمي مقرريون پڻ منظور ڪيون ويون، جن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر طارق حسن عمراڻي کي انسٽيٽيوٽ آف انگلش لئنگويج اينڊ لٽريچر جو ڊائريڪٽر ۽ پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار حيدر زيدي کي پبلڪ ايڊمنسٽريشن شعبي جو چيئرمين مقرر ڪرڻ شامل آهي. انهي پروفيسرن جي مقرري ٽن سالن لاءِ ڪئي وئي آهي. سينڊيڪيٽ ميمبرن اميد ظاهر ڪئي ته اڪيڊمڪ شعبن ۾ ڪيل مقررين تعليمي قيادت کي وڌيڪ مضبوط بڻائينديون ۽ تدريسي ۽ تحقيقي سرگرمين کي هٿي ڏينديون

بقايا 10 گهر ۾ ڪهرام

پاڙي پراڻي خالي پيل گهر جي ديوار ڪرڻ سبب ٻه ڀائر پنج ورهين جو گٽيس اڍائي ورهين جو پاڃو ولد بادل ميگهواڙ پيل گهر جي پراڻي پٽ ڪرڻ سبب دٻجي پيا. واقعي کان پوءِ علائقي وارن ٻارن کي ڪڍي ترت تعلقي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران ٻنهي ٻارن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي ٻنهي فوتي ڀائرن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي. هٿونگو پوليس موجب، خالي پيل گهر جي پراڻي ۽ ڪمزور پٽ ڪرڻ سبب هوا سبب ڪرڻ سبب واقعو پيش آيو آهي. فوتي ٻارڙن جي والدين کي بيهوشي جا دورا پئجي رهيا آهن.

بقايا 11 ڪيس داخل

ٽنگ جي فرياد تي پنج جوابدارن خلاف جاويد شانا،شهزاد،ذيشان مسيح،ذوالفقار گجر،مسمات شبانه مسيح مٿان 365 بي جا قلم لڳائي ڪيس داخل ڪيو ويو پوليس مڪ جوابدار جاويد شانا سميت ڪو به جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي متاثر خاندان طرفان جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو آهي ڪيس جي فريادي موقعف اختيار ڪيو ته ڄاڻايل جوابدار 17 مارچ تي گهر ۾ هٿيارن سان گڏجي داخل ٿي گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي منهنجو ڌيءُ 16 سالا اقراءُ ٽنگ کي اغوا ڪري کڻي ويا آهن پوليس کي گهرجي ته جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 12 ريلي

اڳواڻن ڪارڪنن جي گرفتارين خلاف قليلي پل کان قومي ڪارڪنن احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو. مظاهري دوران قومي ڪارڪنن فوري طور اڳواڻن ڪارڪنن کي آزاد ڪرڻ لاءِ نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي مظاهري کي جسقم شهيد بشير خان جي ضلعي صدر گل شير ڪولاچي ـ جاويد هاليپوٽو ـ آزان انصاري ـ اصغر ملاح ، جساف جي ذوهيب جمالي ـ صوفي حامد سنڌي ـ فقير سليم هاليپوٽو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته پرامن سياسي اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ ٻ پ سرڪار جي تنگي بربريت آهي اهڙين حرڪتن سان پنهنجي وطن جي مالڪي تان ڪڏهن به دستبردار نه ٿينداسين ، فوري طور قومي اڳواڻن ڪارڪنن کي بازياب ڪيو وڃي .

بقايا 13 هڪ ڄڻو فوت

لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ضروري ڪاروائي بعد سندس لاش وارثن حوالي لاش سانگهڙ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 14 راشد محمود

عبدالقيوم هاليجوي ۽ علامه راشد محمود سومرو چيو ته هن وقت نه رڳو سنڌ پر سڄو ملڪ بدامني جي لپيٽ ۾ آهي، سنڌ ۾ عوام قبيلائي تڪرارن، اسٽريٽ ڪرائم ۽ ڌاڙيل ڪلچر کان تنگ اچي چڪي آهي ۽ پنهنجي جان، مال ۽ عزت جي تحفظ جي گهر ڪري رهي آهي، جڏهن ته بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه به بدامني جو شڪار آهن. هنن چيو ته عالمي سطح تي به امن هڪ اهم مسئلو بڻجي چڪو آهي ۽ طاقتور ملڪ ڪمزور ملڪن تي پنهنجو اثر رسوخ وڌائي رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته جمعيت علماءِ اسلام شروع کان ئي امن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ ان لاءِ وڏيون قربانيون پڻ ڏنيون آهن هاڻوڪي حالتن ۾ به جمعيت جو قائد حضرت مولانا فضل الرحمان ملڪ ۾ امن جي قيام لاءِ سرگرم ڪوششون ڪري رهيو آهي هنن اعلان ڪيو ته مارچ 2027 ۾ 19، 20 ۽ 21 تاريخن تي سنڌ ۾ هڪ وڏو "امن عالمي اجتماع" منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ سنڌ سميت سڄي ملڪ ۽ دنيا مان ماڻهو شرڪت ڪندا اجتماع ۾ اندازي موجب پنجاهه لک ماڻهو شريڪ ٿيندا جڏهن ته عالمي سطح تي وفود کي به دعوت ڏني ويندي ان سان گڏ مسجد اقصيٰ، مسجد نبوي ۽ مسجد حرام جي ائمه ڪرام کي پڻ دعوت ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو هنن چيو ته مولانا فضل الرحمان جي قيادت ۾ ملڪ جي امن، استحڪام ۽ سالميت لاءِ جدوجهد جاري رهندي اجتماع کي مولانا شمس الدين پيرزي، مولانا جمال الدين اوڳاهي، مولانا عبدالعزيز سميجو، مولانا محمد الياس چنه، مولانا جمال مصطفيٰ تنيو، مولانا فردوس احمد چاچڙ مولانا مجيب الرحمن اوڳاهي، مولانا خان محمد ملڪ ۽ ضلعي ترجمان عرفان الله ڪوسو سميت ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 15 زائرين جي آمد

عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان شروع ٿي ويو. جنهن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن کان عقيدتمندن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جڏهن ته عرس جي تقريبات جو افتتاح اوقاف کاتي ، عشر زڪوات ۽ مذهبي معاملن واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ۽ ايم پي اي شاهه حسين شيرازي درگاهه تي حاضري ڀري، گلن جون چادرون چاڙهي ڪيو ۽ فاتحه خواني ڪئي تقريب دوران ڊي سي سجاول زاهد حسين رند، ايس ايس پي ميڊم عليته راڄپر ، اوقاف کاتي سنڌ جي سيڪريٽري، ٻين سرڪاري عملدارن، معززين ۽ وڏي انگ ۾ عقيدتمندن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير اوقاف چيو ته سنڌ صوفين، بزرگن ۽ اوليائن جي سرزمين آهي، جتي سدائين محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو ويو آهي. هن چيو ته اهڙا عرس نه رڳو مذهبي اهميت رکن ٿا پر سنڌ جي ثقافت کي به اجاگر ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت طرفان درگاهن تي ايندڙ زائرين لاءِ بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص اپاءَ ورتا ويا آهن عرس مبارڪ جي موقعي تي محفل سماع، مذهبي تقريبون، ميلو ۽ ثقافتي پروگرام پڻ منعقد ڪيا ويندا، جن ۾ فنڪارن ۽ قوال پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا ٻئي طرف عرس دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن. جڏهن ته پوليس ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا چوڪس آهن ته جيئن عقيدتمندن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف پيش نه اچي هوڏانهن زائرين جي تفريح لاءِ جهولا موت جا کوه توڙي بازارون سجايون ويون آهن

بقايا 16 مرڻنگ ڪري ڇڏيو

جتان ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ناري جي والد ليمون بليدي الزام هڻندي چيو ته منهنجي ڌي تي سندس مڙس علي حسن بليدي، سان گڏجي نور محمد بليدي ۽ آصف بليدي تشدد جو نشانو بڻايو. رات کان وٺي چوڪري تي تشدد ڪندا رهيا، مون کي ڳوٺاڻن اطلاع ڏنو اتي پهتيس ته نياڻي بيهوشي واري حالت ۾ هئي، دماغ سميت جسم جي مختلف هنڌن تي تشدد ڪيو ويو آهي، چوڪري تي بلاجواز تشدد ڪري وڏو ظلم ڪيو ويو آهي انصاف ڪيو وڃي، جڏهن ته ٺٽون ڪوٽ پوليس اڃان تائين ڪابه ڪارروائي نه ڪئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته اسان ليٽر ڏئي ناري کي ٺٽون ڪوٽ اسپتال منتقل ڪيو آهي وارث ايندا ته ڪيس داخل ڪيو ويندو. پوليس

بقايا 17 احتجاج

بٺيل آهيون پر ڪير ب داد رسي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته اسان جي عمر وڏي رهي آهي ۽ ڪنهن بي نوڪري ۾ ب اپلاءُ ن ٿا ڪري سگهون تعليم واري وزير پنهنجي علائقي جي اميدوارن جي 33 مارڪون کڻندڙن کي ب نوڪريون ڏنيون آهن پر اسان 40 پلس وارن اميدوارن جي نوڪريون ن ڏنيون وڃن هنن مطالبو ڪيو آهي ت نوڪريون ڏئي بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 18 دعوي

عمر پيو پل وٽان ڪاروائي ڪندي مقتول نظير چانڊيو قتل ڪيس ۾ ملوث ٻن جوابدارن راجا ابڙو ۽ فرحان ابڙو کي قتل ۾ استعمال ڪيل ڇرين سميت گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ جاچ ڪئي وئي وڃي

بقايا 19 احتجاج جاري

ڪري ويٺا آهيون، پر افسوس جو هڪ مهينو گذري ويو سنڌ اسيمبلي ۾ اسان جي حق ۾ جوڙيل ڪاميٽي بابت سنڌ حڪومت جو ڪو به ذميوار نمائندو سنجيدگي سان ڳالهائڻ لاءِ به سامهون ناهي آيو ڪراچي پريس ڪلب واري ڪيمپ به عيد جي ڏينهن ۾ زبردستي ختم ڪرائي وئي، تشدد ۽ گرفتارين باوجود اسان جو حوصلو ٽٽڻ بدران وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي. اسان واضح طور اعلان ڪريون ٿا ته اسان هر جنگ وڙهي آهي ۽ اڳتي به وڙهنداسين، پر پنهنجي جائز حق تان ڪنهن به صورت ۾ هٽ نه ڪنداسين.اسان پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت کان مطالبو ڪيون ٿا ته فوري نوٽيفڪيشن جاري ڪري سيني ويٽنگ اميدوارن کي سندن حق ڏنو وڃي

بقايا 20 تشدد، احتجاج

نشان ڏينهن ڏٺي جو ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي بروهي چوڙنڪ تي مبينا موٽر سائيڪل ڦر جي ڪوشش ۾ ڦورن موٽر سائيڪل سوار لاشاري قبيلي سان تعلق رکندڙن نوجوانن تي مبينا ڦر دؤران سخت تشدد جو نشانو بنايو نوجوانن جي مزاحمت تي ڦر ڪندڙ ٽولو فرار واقعي جو ٻڌي لاشاري خاندان جا ماڻهو ۽ رهواسي زخمي نوجوانن سان گڏجي رستن تي نڪري آيا ايڊمور پمپ ويجهو ڊي،سي آفيس روڊ تي سخت احتجاج نعريبازي زخمي نوجوانن الزام هڻندي ٻڌايو ته اسان ڪنهن ڪم سانگي وڃي رهيا هئاسين ته سجاد چانڊيو جاني چانڊيو ۽ ٻيا جيڪي انهن سان گڏ هئا موٽر سائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسان کي سخت تشدد ڪندا رهيا ۽ گڏو گڏ موٽر سائيڪل کي به ڌڪ هڻندا رهيا جنهن سبب موٽر سائيڪل ڌڪن هڻڻ جي ڪري ڇيهي ٿي ويئي ۽ بعد ۾ اسان جي مزاحمت جي ڪري ڄاڻايل جوابدار فائرنگ ڪندي فرار ٿي ويا جنهن بعد اهڙو اطلاع اسان پوليس پوسٽ تي ڏنو ۽ پوليس کي ساڻ وٺي جوابدارن سجاد چانڊيو ۽ جاني چانڊيو جي گهرن تي وياسين جتان سخت فائرنگ سبب پوليس اهلڪار به ڀڄي ويا ۽ هاڻي پوليس به تعاون نه ٿي ڪري هنن چيو ته جوابدارن ڪجهه ڏينهن پهريان به اسان جي دڪانن مان چوري ڪئي هئي جن کي اسان خوب سڃاڻون ٿا هنن وس وارن کان مدد جي اپيل ڪئي آهي ۽ ايس،ايس،پي ڄامشورو کان جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيون ٿا ٻئي طرف پوليس پنهنجو مؤقف ڏيندي چيو آهي ته ڌرين جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿيو آهي ايف آءِ آر جي لاءِ اسان انڪار به آهي ڪيو

بقايا 21 لاڏاڻو ڪري ويو

جدوجهد جي علامت، سنڌ جو عاشق، حق سچ جو گوريلو ڪامريڊ جوشيلو سنڌي 72 ورهين جي ڄمار ۾لاڏاڻو ڪري ويو آهي ڪامريڊ جوشيلو سنڌي ڪيترن ئي ورهيه کان مختلف موذي بيمارين سان جهيڙيو هڪ مهيني کان لمس اسپتال ڄامشورو ۾علاج هيٺ هو عيد الفطر کان اڳ کيس گهر منتقل ڪيو ويو هو جتي ڇنڇر ۽ جمعي جي رات دم ڏئي حوالي ڪيو مرحوم جي جنازي نماز مهراڻ يونيورسٽي جي جامع مسجد ۾ جمعي نماز بعد ادا ڪرڻ ڪانپوءِ سندس مڙهه کي سيوهڻ ويجهو منڇر جي ڪنڌيءَ تي قائم ڳوٺ ٺهٽي واري اباڻي قبرستان ۾مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. ڪامريڊ جوشيلو سنڌي جي جنازي نماز ۽ تدفين ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر طه علي بلوچ، مهراڻ پبلڪ اسڪول جي پرنسپل پروفيسر محمد جڙيل سانگي، سئي گيس آفيسر حقنواز ڏاهري، ايڊووڪيٽ فهيم ٽوناري، پروفيسر محمد صديق جويو، جسقم جي مرڪزي اڳواڻ ديدار شام، سيوا اڳواڻ امداد ڪوسو، غلام نبي پلاٽي، قادر بخش پلاٽي، سڪيل جوڻيجو، ميوا اڳواڻ علي محمد شورو، عبدالقيوم ملاح، ڄامشورو ضلعي ڪائونسل جي ميمبر خليق الرحمان تگڙو، شاهنواز برفت، راڳي سڪندر ٻرڙي، لطيفي قمرالدين پنهور، شاعر هاشم ڏاهاڻي، ساگر الاهي بخش عالماڻي، حاجي واحد بخش پلاٽي، علي گل بليدي، جبل سنڌي، صاحب خان نوحاڻي، صحافين حاڪم چانڊيو، عرفان برفت، غلام اڪبر برفت، غلام رسول برفت، علي محمد مگسي سوڊو مهراڻ يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي جي آفيسرن، استادن، ملازمن، سياسي سماجي ۽ قومپرست تنظيمن جي ڪارڪنن، اڳواڻن، شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته مرحوم جو ٽڏو مهراڻ يونيورسٽي جي رهائشي ڪالوني ۾رکيو ويو هو ڪامريڊ جوشيلو سنڌي جو اصل نالو حاجي حسين بخش هو. پاڻ 1954ع ۾ سيوهڻ ويجهو منڇر جي ڪنڌيءَ تي ڳوٺ ٺهٽي ۾ پيدا ٿيو پورهيي سانگي ڪوٽڙي ۾ لڏي آيو جنهن دوران مهراڻ يونيورسٽي ۾ ملازم طور ڊيوٽي ورتي، جتي پورهيت يونين جو سرگرم ڪارڪن ۽ اڳواڻ رهيو سدائين اڇو پٽڪو ۽ اجرڪ اوڍيندڙ ڪامريڊ جوشيلو سنڌي شروعاتي سياسي سفر جيئي سنڌ هلچل کان ڪيو بعد ۾سنڌ ترقي پسند پارٽي جي پورهيت ونگ سان سلهاڙجي ويو ڄامشورو ۾سنڌ ترقي پسند پارٽي کي سرگرم ڪيو جنهن بعد 30 ورهيه اڳ 26 آگسٽ 1996ع تي پنهنجي ساٿين رفيق سولنگي، قادر بخش پلاٽي، سڪيل جوڻيجو، وزير پناڻ، حاڪم چانڊيو ۽ ٻين ساٿين سان گڏجي سماجي تنظيم شاهه لطيف ويلفيئر ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو، جنهن جو پاڻ باني چيئرمين مقرر ٿيو جنهن جو مرڻ گهڙي تائين چيئرمين رهيو، پنهنجي قوم جوانيءَ کان پيرسني تائين سنڌ کي ارپيندڙ ڪامريڊ جوشيلو سنڌ سان بي انتها عشق ۽ ڌارين کي سنڌ مان نيڪالي ڏيارڻ واري جدوجهد جو حصو بڻجڻ جي ڏوهه ۾پوتارن ۽ انهن جي ونگارين جي سازش جي ڪري جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ رهيو پر سندس جدوجهد ماٺي نه ٿي، دهشتگردي جي مڙهيل ڪوڙي ڪيس ۾بيماري ۽ پيرسني باوجود ڪيترن ڪيسن کي منهن ڏنو، ڪامريڊ جوشيلو سنڌي جيل کان ٻاهر توڙي جيل اندر ويهي سنڌ جي تباهي، برسات متاثرن جي واهر نه ٿيڻ، وڌندڙ مهانگائي توڙي سنڌ ۽ عوام دشمن فيصلن تي وقت جي ڪرپٽ حڪمرانن خلاف سراپا احتجاج بڻيل رهيو. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾2012 ع دوران ملازمن جي احتجاجي تحريڪ دوران ملازمن جي وارث عورتن ۽ ٻارڙن طرفان ڪيل احتجاج جي سرواڻي ڪري تاريخ رقم ڪئي اهوئي سبب آهي جو پاڻ هر سنڌ دشمن توڙي عوام دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ۾ اول دستي جو ڪردار ادا ڪيو. پاڻ 2014 ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي مان رٽائرمينٽ ورتي، پاڻ پنهنجي زندگيءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ حج جي سعادت پڻ حاصل ڪئي. پاڻ 2 شاديون ڪيون، ڪيس ٻن پٽن ۽ هڪ نياڻي ۽ هڪ گهر واري کي سوڳوار ڇڏيو آهي، ٽڏو مهراڻ يونيورسٽي جي ملازمن جي رهائشي ڪالوني ۾ ڪيو ويو آهي جتي سندس پٽن غلام مصطفيٰ ۽ ڪاشف سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 22 گهر ۾ ڪهرام

ريحان ولد عبدالرزاق عباسي چيپاٽجي ٿڌي تي ئي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي هيراٽي پوليس پهچي لاش کڻائي تعلقا اسپتال ٽنڊوآدم ۾ آندو جنهن بعد وارثن کي اطلاع ڏنو ويو جيڪي اسپتال ۾ پهتا فوتي جو لاش ضروري ڪاروائي ڪانپوءِ ڀاءُ حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي فوتي جي ڀاءُ عامر سهيل عباسي ٻڌايو ته سندس ڀاءُ سانگهڙ شهر ۾ ليٿ مشين جي شاپ تي ڪم ڪندو هو جيڪو ڪنهن ڪم سان موٽر سائيڪل تي چڙهي حيدرآباد وڃي رهيو هوته رستي ۾ اهو واقعو پيش آيو ٻئي طرف هيراٽي پوليس ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو آهي فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 23 احتجاجي مظاهرو

ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي پورهيت امام الدين گاڏهي پنهنجي پٽ غلام مصطفيٰ، ڌيءُ دعا بتول، پائرن طارق حسين ۽ قمرالدين گاڏهي سان گڏجي ميڊيا آڏو داتهيندي چيو ته آئون انتهائي غريب مسڪين آهيان، جڏهن ته چنگچي رڪشا جو شوروم هلائي گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان. هن الزام لڳايو ته سال 2022ع دوران شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد ۾ منهنجي بااثر ڀيڻيوي محمد نواز گاڏهي پنهنجي نوجوان ڌيءُ ماروي کي ڪارنهن الزام تحت قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويو هو، جنهن واقعي جو ڪيس سرڪار جي فرياد تي حد جي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو، جنهن بعد بااثر ڀيڻيوي عدالت سگهوري مان ضمانت لاءِ موتڪان منهنجي جڳهه جا ڪاغذ وٺي عدالت ۾ جمع ڪرائي ضمانت حاصل ڪئي، جڏهن ته گذريل ڏينهن ڪاغذ آزاد ڪرائڻ ڏيڻ لاءِ آئون ڀيڻيوي ڏانهن ميهڙ شهر ويس، جتي هن ڪاغذ آزاد ڪرائي ڏيڻ کان انڪار ڪندي موتسان جهيڙو ڪري قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر ڀيڻيوي خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان جڳهه جا ڪاغذ آزاد ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 24 گڏجي احتجاج

واري جي زير دستي لجالت ڪئي آهي هن چيو ته هو ڪوٽڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ويا پر پوليس جوابدار خلاف ڪيس نه ورتو ۽ کين واپس موڪلي ڇڏيو هنن اعليٰ اختيارين کي نوٽيس وٺي زميندار خلاف جوڳي ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 25 شهنشاهه نقوي

دبئي . آمريڪا هاڻ پهرين جهڙا نه رهندا جن ملڪن آمريڪا ۽ اسرائيل کي پنهنجا اڏا ڏنا آهن اهي مسلمانن کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿا اهڙي خيالن جو اظهار هن ٽنڊوالهيار ۾ تعمير ٿيندڙ خيام حسين ۽ طالب المولا ڪالوني ۾ مسجد قائم آل محمد جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته پاڪستان جنگ بندي ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو آهي ايران جي ڪفر سان جنگ آهي ايران هن جنگ ۾ ڪامياب ٿيندو دنيا ۾ اسرائيل جو نقشو ڌرتي تان ختم ٿيڻ وارو آهي جتي فلسطيني آباد ٿيندا آبنائي هرمز ايران جي در تي آهي ايران چاليهه سال ڪجهه نه ڪيو پر هن وقت آبنائي هرمز بند ڪرڻ وقت جي ضرورت هئي هن چيو ته ايران جي اسرائيل ۽ آمريڪا سان جنگ اسلامي جهاد آهي ترمپ جي ڳالهايل نازيبا لفظن جي مزمت ڪريون ٿا هاڻ مسلمان ملڪن کي سمجهي وڃڻ گهرجي ته ڪير دشمن آهي ۽ ڪير دوست آهي نه ته تمام گهڻي دير ٿي ويندي هن وڌيڪ چيو ته اسان چئون ٿا ته عزت سان جيئو ۽ عزت سان مرو جيڪو اسان ڪربلا وارن کان سکيو آهي ذلت جي موت کان عزت واري شهادت بهتر آهي پاڪستان ۾ تيل جو وڏو ذخيرو موجود آهي حڪومت غير ضروري احتياط ڪري رهي آهي ان موقعي تي زوار پرويز سمون . دلدار علي ميرجت . محمد علي ميرجت . شاهد علي ميرجت ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 26 انعقاد ڪيو ويو

شرڪت ڪئي.چيمپيئن شپ جي افتتاحي تقريب جي مهمان خصوصي اسسٽنٽ ڪمشنرٽئون سکر بشريٰ منصور هيون، جڏهن ته ٻين مهمانن ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر K.V.T.Cعامر شهاب، صدر سنڌ پيرا ٽائيڪوانڊو ونگ ماسٽر محمد صديق، ضلعي اسپورٽس آفيسر سکر محمد اخلاق ميمڻ، ميڊم عذرا جمال، ڊاڪٽر سعيد اعوان، عزيز ميمڻ، حاجي احسان لاشاري، اظهر علي اعوان، فرحان، عابد گل، محمد اعظم شيخ، قربان علي، ڊي ايس او گهوٽڪي نثار احمد چانڊيو، وجاهت خان، اصغر بشير ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.ڪوچز ۾ عبدالرحيم خان، جبار احمد، مراد بلوچ، عدنان اڪمل، محمد شاهه، اشعر عامر ۽ ٻيا شامل هئا. هن چيمپيئن شپ جا چيف آرگنائيزر ماسٽر عبدالرزاق هئا، جن ايونٽ جي ڪامياب انعقاد ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. تقريب دوران پيرا رانديگرن شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو، خاص طور تي KVTCجي رانديگرن نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندي حاضرين کان خوب داد حاصل ڪئي ۽ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي، جڏهن ته ميرپورخاص ٻي ۽ سکر ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي ايونٽ جي پڇاڙي تي ڪامياب رانديگرن ۾ انعام، اسناد ۽ مهمانن کي سنڌ جي روايتي تحفي اجرڪ ۽ اعزازي شيلڊز پيش ڪيون ويون. شرڪاءِ تقريب ۽ مهمانن پيرا رانديگرن جي حوصلا افزائي ڪندي ايونٽ جي انعقاد کي ساراهيو.واضح رهي ته هي چيمپيئن شپ سنڌ پيرا ٽائيڪوانڊو ونگ ۽ سکر پيرا ٽائيڪوانڊو ونگ جي زير اهتمام منعقد ڪئي وئي، جڏهن ته ان ۾ سکر اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرس ڊپارٽمينٽ جو به ڀرپور سهڪار شامل هو. اختتامي تقريب جا مهمان خصوصي ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ هئا.

بقايا 27 مظاهرو

ٿي ويا واقعي خلاف لاشاري برادري جي ماڻهن احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ متاثر ڌر پاران جوابدارن جاني چانڊيو ۽ سجاد چانڊيو جي نالي تي سڃاڻپ ڪندي سندن خلاف ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي آهي پر پوليس جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري هنن چيو ته علائقي ۾ امن امان هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي ۽ پوليس جويدارن خلاف قدم کڻڻ لاءِ تيار نه آهي هنن چيو ته جويدار گرفتار نه ڪيا ويا ته ڀرپور احتجاج ڪنداسين

بقايا 28 4 اسٽور سيل

اطلاع تي بنا لائيسنس ۽ عطائي ڊاڪٽرن پاران هلائيل اسٽور وارن اسٽور بند ڪري فرار ٿي ويا ڊرگ انسپيڪٽر افضل ميمڻ موجب نه مذڪوره ميڊيڪل اسٽورن تي مدي خارج دوائون مليون آهن جنهن سبب ڪين سيل ڪيو ويو مدي خارج دوائون ڪنهن به صورت ۾ هلڻ نه ڏنيون وينديون ۽ نه وري انساني زندگين سان ڪنهن کي به کيڏڻ جي اجازت ڏني ويندي

بقايا 29 ٽريفڪ متاثر

ذريعن موجب، ڦاٽڪ تي مقرر گيٽ مين ڪجهه دير لاءِ واش روم ويو، جنهن دوران جوابدارن موقعي جو فائدو وٺندي تالو ٽوڙي چابي کڻي ويا ٻي پاسي سگنل مين اڪبر ٻڌايو ته جوابدار ڪار ۾ سوار ٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا اهڙي قسم جي واقعي ڪانپوءِ لڳ ڀڳ ٽن ڪلاڪ تائين ڦاٽڪ بند رهيو، جنهن سبب ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي ۽ شهري پريشاني جي منهن ڏيندا رهيا واضح رهي ته ملڪ ۾ ريلوي سامان جي چوري جا واقعا اڳ به رپورٽ ٿيندا رهيا آهن، خاص طور سنڌ ۾ اهڙا ڪيس وڌڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي آهي واقعي جي اطلاع ملڻ بعد پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته ڇڏي آهي هوڏانهن چئو هول آهن ته گيٽ مين رات جو ڦاٽڪ بند ڪري پنهنجي گهر هليو ويندو آهي جنهن سبب رات جي ٽائيم ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڦاٽڪ بند هجڻ معمول بڻجي ويو آهي ،

بقايا 30 2قتل 3 زخمي

هٿيارٻندن صادق لهر جي گهر تي رات دير سان حملو ڪري اڌاڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني ۽ راڪيٽ لانچر جا فائر پڻ ڪيا جنهن جي نتيجي گهر اندر موجود نوجوان صدام لهر ۽ ٽينگري ساجده لهر موقعي تي مارجي ويا، جڏهن ته ٽينگر محمد حنيف لهر ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا هٿيارٻند ڪجهه دير تائين فائرنگ ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ حد جي پوليس ۽ لهر برادري جا ماڻهون وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا جنهن بعد پوليس معصوم ٽينگري سميت مقتول صدام جا لاش ۽ زخمين کي کڻائي تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن زخمي کي طبي امداد ڏيڻ بعد ٻنهي مقتولن جي لاشن جو پوسٽ مارٽم ڪري لاش وارثن حوالي ڪيا جيڪي لاش ايمبوليٽس ذريعي سندس گهر کڻائي ويا، لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو اهڙي واقعي خلاف سردار طارق جاويد لهر، عاطف لهر جي اڳواڻي ۾ لهر برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪري جيڪب آباد ڳڙهي خيرو روڊ تي ڌرڻو هڻيو ويو جنهن ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿي وئي. ان موقعي تي مظاهرين مطالبو ڪندي چيو ته ڳوٺ مٿان حملو ڪندڙ سيني جوابدار کي جلد کان جلد گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو جنهن بعد جي خاطري بعد مظاهرين ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. هوڏانهن حد جي دوداپور پوليس حملو ڪرڻ جي الزام هيٺ ميراڻي برادري جي ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته واقعو پئيسن جي ڏيتي، ليتي تان پيش آيو ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب ارباب ميراڻي واري ڌر پئسا نه ڏيڻ تان صادق لهر جي گهر تي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ واقعو پيش آيو. آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 31 جهيڙو 10 زخمي

منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ ادريس چاچڙ عبدالڪريم چاچڙ ساجد چاچڙ عبدالواحد چاچڙ ستار چاچڙ بخش چاچڙ غلام شبير سبزوئي ۽ ٻيا شامل آهن جن مان ٽن ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي جنهن کي سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻئي ڌريون مورچا بند ٿي ويون آهن ڪنهن به وقت خونريزي وڌڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي ۽ نه وري گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي

بقايا 32 ريلي ڪڍي وئي

ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪڍي وئي، ريلي شهر جي ڪچهري روڊ کان ٿيندي شاهي بازار پهتي نه جي يو آءِ اڳواڻ مير مبين بلو به اچي شامل ٿي ويو سگا جا ساٿي پڻ سگا صدر مجتبا دايو، مجيب شيخ، امداد ڪريم شيخ ، ريٺواز ميراڻي، سائين بخش ۽ ٻيا به گڏجي ان طرح قبيلائي جهيڙا ختم ڪرايو ،پنوعاقل کي امن ڏيو " جا نعرا هڻندي ريلي عيد گاهه چوڪ تي پهچي جلسي ۾ تبديل ٿي وئي، جنهن کي خطاب ڪندي عبدالمجيد جسڪاڻي، جمال ناصر بلو ، مير مبين بلو ، ايم اسحاق جسڪاڻي، فقير شبير احمد ڪورائي،انجنيئر عطا انڊڙ ۽ ٻين چيو ته" پنوعاقل مان چونڊيل نمائندا سنجيده ٿين ته هڪ ڏ ڏينهن ۾ فوري فيصلي ٿيڻ سان خوني ويڙهه ختم ٿي سگهي ٿي پر سرڪار توڙي سردار سنجيده ناهن جمال ناصر بلو" سردارن کي مخاطب ٿيندي چيو ته "پنهمجن ٻچن جي صدقي قبيلائي جهيڙن ۾ ٿيندڙ قتل عام بند ڪرايو" هن چيو سوڪالڊ نمائندا ههڙيون حالتون پيدا ٿيڻ جا ذميوار آهن. هن آڪاش انصاريءَ جي شعر پڙهندي ان جي حوالي سان چيو ته" پنهنجي گهرجا... پاڙيا نه هجن نه هي آڻ نه اجڙن، اسان کي لاش نه ملن _مير مبين بلو چيو ته، جلدي جهيڙا ختم ڪرايا وڃن، آئنده لاش مليا نه انهن سميت سرڪاري ڌر جي نمائندن جي گهرن آڏو ڌرڻا هڻبا ۽ لاش سندن بنگلن ۽ اوطاقن ۾ دفنائبا

بقايا 33 اسپتال داخل

روشن سولنگي ، صوبدار مگسي ۽ لعل محمد مگسي شامل آهن واقعي جي اطلاع تي همدرد فري ايمبوليٽس سروس جي ريسڪو ٽيم حادثي واري هنڌ پهچي زخمين کي تعلقہ اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد کين وڌيڪ علاج لاءِ همدرد ذريعي نواب شاهه نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي 35 ورهين جو نوجوان صوبدار مگسي فوت ٿي ويو لاش جي ضروري ڪاغذي ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو هوڏانهن لاش ڳوٺ پهچڻ بعد گهر ۾ روڄ راڙو پئجي ويو ٻڌايو پيو وڃي ته متاثر زخمي ۽ فوتي سڪرنڊ جي ڳوٺ دڙي مڱسي ۽ مجيد ڪيريو جا آهن

بقايا 34 ٽائي آڏو ڌرڻو

چڙهائي خلاف جسقم آريسر تعلقي سوڀوديرو جي اڳواڻن جو 2 ڪلو ميٽر ننهڻ اس ۾ عورتن، ٻارڙن ۽ مردن سان گڏجي ڏائي جي هوٽل کان قومي شاهراهه سان پيادل مارچ ڪري راڻيپور ٽائي جي مين گيٽ آڏو اچي ڌرڻو هڻيو ويو. ڌرڻي دوران مظاهرين ۽ پوليس ۾ ڇڪريون ٿي پيون. جنهن دوران پوليس جسقم آريسر سوڀوديرو جي اڳواڻ شبير منگنيجو کي ڌرڻي مان کڻي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو. جڏهن ته اڳوڻي ضلعي اڳواڻ سينئير قومپرست ڊاڪٽر نظير ڪوڪر کي کڻي جي پڻ ڪوشش ڪرڻ تي سندس جا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا. ان موقعي تي مظاهرين پوليس جي ناجائزين ۽ زيادتي خلاف سخت نعاري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙ ممتازخاتون، جمالا، هين، درياءِ خاتون، پروين، ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، تميز منگنيجو شبير مجيد، عبدالله، لياقت علي، اياز پٽو، ذاڪر دايو، پائي خان، مظهرالدين ۽ ٻين صحافي سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس زيادتي ڪندي اسان جي ٻن ڄڻن کي بيگناهه گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو آهي. جڏهن ته انهن جي آزاديءَ لاءِ اسان پرامن احتجاج ڪري رهيا هئاسين ته پوليس شبير ۽ ڊاڪٽر نظير کي کڻي ويا جنهن دوران کين سان جهڙپ ٿي پئي ۽ هنن ڊاڪٽر نظير کي ڇڏي ڏنو. هنن وڌيڪ ٻڌايو ته پوليس اسان جي ڳوٺ مٿان چڙهائي ڪري چادر چوڏيواريءَ جو تقدس پڻ پئمال ڪيو آهي. جڏهن ته گرفتار ٿنهي ڄڻن کي آزاد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج جاري رهندو. ٻئي پاسي پوليس اختيارين سان رابطو ڪرڻ تي هنن ٻڌارو ته پير آف راڻي پور پير سيد محي الدين شاهه جيلانيءَ جي فرياد تي قمرالدين منگنيجو راجا منگنيجو شبير منگنيجو ۽ مسمات ليلان منيٺجو مٿان حويليءَ مان 15 لک رپين جي چوري ڪري کڻي وڃڻ جو ڪيس داخل ٿيل آهي. جنهن ۾ کين کي اسان گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 35 اميدوارن جو احتجاج

ناانصافي ڪئي وئي آهي سيٽون لڪائي نوجوانن جي حق تي ڌاڙو هنيو ويو آهي هنن چيو ته ڪنڊيارو تعلقي جو لٽريسي ريشو ضلعي ۾ وڌيڪ هجڻ باوجود ڪنڊيارو تعلقي کي ايڊيشنل سيٽون تمام گهٽ ڏئي ميرٽ تي پاس ٿيل نوجوانن سان ناانصافي ڪئي وئي آهي هنن تڪ جي ايم پي اي سيد سرفراز حسين شاهه کان مطالبو ڪيو ته سڄي ضلعي ۾ ڪنڊيارو جي نوجوانن سان ٿيل ناانصافي نوٽس وٺي نوجوانن جو مستقبل بچايو وڃي اميدوارن چيو ته سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي قيادت ۾ جوڙيل ڪاميٽي ۾ شامل ضلعي نوشهروفيروز مان چونڊيل ايم پي اي صوبائي وزير ضياء الحسن لنجار کي اپيل ڪريون ٿا ته نوشهروفيروز ضلعي جي ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر ڏيارڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو وڃي سڄي ضلعي ۾ ڪيترائي ميل فيميل اميدوار اوورايج ٿي ويا آهن جن وٽ هي آخري موقعو آهي اتڪري پاليسي کي ڊويزن ليول تي آڻي نوجوانن کي آفر آرڊر ڏياري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 36 انصاف جو مطالبو

جنهن ڪاوڙ ۾ منهنجي سهري منهنجو سهرو منهنجي گهر واري کي وٺي ويو ۽ طلاق وٺي منهنجا ٻارڙا ڌي افسانا عمر نو سال انيشا عمر ست سال پٽ عباس عمر 6 سال ۽ يوسف کي قيد ڪري ڇڏيو آهي موٽڪي ٻارڙن سان به ملڻ نٿا ڏين هن چيو ته ڪورٽ ڪيس پڻ هلندڙ اهي پر حاضري واري ڏينهن منهنجو سهرو هٿيارٻند وٺي اچي ڪري اسان جي گهر جو گهيراءُ ڪيو گهران نڪرڻ نٿا ڏين جنهن سبب حاضري تي نه وڃي سگهندو آهيان خدارا نوٽس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪري منهنجي جان بچائي وڃي.

بقايا 37 احتجاج جاري

ڪان احتجاج کي جاري رکندي ملازمن جي نمائيندا تنظيم ميوا جي سڏ تي ملازمن ڄامشورو شهر کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ملازم اڳواڻن ممتاز ڪلهوڙو، قادر برفت سبز علي بليدي شهاب نظير رانجهاڻي سيد سجاد شاهه رحيم بخش تاريجو ياسر پنهور سيوا ڳواڻ نجف سومرو صديق آمڙو جمن بليدي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان پورهيت ملازمن کي عيد بونس ليوانڪيشمنٽ عيد کان اڳ ملندڙ هو هن سال اسان کي انتظاميا عيد گذرڻ باوجود اسان کي ناهي ڏني هنن چيو ته اسان کي ملندڙ ليوانڪشمنٽ جي منظوري مهراڻ يونيورسٽي جي قانوني طور منظور ٿيل آهي سينڊيڪيٽ مان پاس ٿيل آهي پر اڃا تائين اسان کي انتظاميا پريشان ڪري رهي آهي هنن مطالبو ڪيو آهي اسان کي فوري تي ليوانڪشمنٽ ڏئي اسان جو مسئلو حل ڪيو وڃي

بقايا 38 ڳوٺ پاڻي هيٺ

گهاري سبب فصل پاڻي هيٺ اچي ويا آهن، خاص ڪري ڪڻڪ جي تيار فصل کي نقصان پهتو آهي، اطلاع باوجود آبپاشي عملو ناهي پهتو. گهاري سبب سهڻي ڊوري ۾ چاڙهه اچي وئي آهي

بقايا 39 چيپاٽجي فوت

سرڪاري اسپتال ٽنڊو محمد خان پهچايو ، جتي راهه ويندڙ پيرسن جي سڃاڻپ ٽنڊو محمد خان جي ٽنڊوسائينداد واسي 60 سالا محمود ملاح طور ڪئي وئي ، ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، جن فوتي جي لاش کي ٽنڊوسائينداد کڻائي ويا ، جتي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. جڏهن ته حادثي بعد مزدا ڊرائيور واقعي واري هنڌان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب واٿهڙو جي لاش کي ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي مزدا ڊرائيور جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن .

بقايا 40 رياض چانڊيو

تعليم ۽ معيشت ٻئي متاثر ٿينديون.پريس ڪانفرنس دوران هن عدالتي نظام تي به سوال اٿاريا ۽ چيو ته اڳ ئي ڪمزور نظام کي وڌيڪ ڪمزور ڪيو پيو وڃي، سندس چوڻ هو ته سنڌ جي زرعي معيشت ۽ هاري طبقو حڪومتي ترجيحن ۾ شامل ناهي،رياض چانڊيو سنڌو درياهه تي متنازع ڪينال منصوبن کي سنڌ خلاف سازش قرار ڏيندي جلالپور ڪينال ۽ گرين پاڪستان منصوبي تي به تنقيد ڪئي، هن موجب اهي منصوبا سنڌ جي وسيلن تي قبضي برابر آهن.هن وڌيڪ چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي زمينن ۽ ٻيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ڪچي جي ڏوهارين جون نمائشي گرفتاريون اصل مسئلن کان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش آهن.پريس ڪانفرنس دوران هن ڪراچي پريس ڪلب مان قومپرست اڳواڻن جي گرفتاري جي مذمت ڪئي .سنڌ ۽ بلوچستان وچ ۾ نفرت پکيڙڻ جي ڪوشش کي رد ڪيو.رياض چانڊيو چيو ته سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ نسل جا ماڻهو قومي طور سنڌي آهن جڏهن ته بلوچستان ۾ رهندڙ سنڌي قبيلا به قومي طور بلوچ آهن ۽ ٻنهي علائقن جا ماڻهو صدين کان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. هن واضح ڪيو ته سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام جو رشتو تاريخي ۽ ثقافتي طور مضبوط آهي انهن کي سازش تحت نه وڙهايو وڃي.آخر ۾ هن اعلان ڪيو ته 2 تاريخ تي سکر ۾ سنڌ قومي ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ سنڌ جي عوام کي گڏ ڪيو ويندو ۽ پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ پرامن مزاحمت جاري رکڻ جو عزم ورجايو ويندو.

بقايا 41 سامان ٻهاري ويا

چانورن جا ڪٽا جا ڪٽا پٽي گيهه ۽ ڪيش رقم سميت هڪ ئي رات 10 لکن کان وڌيڪ جو سامان چوري ڪري آساني سان سوزوڪي لوڊ ڪري فرار ٿي ويا مڇريل دوڪاندارن جو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو خبر موجب دولت پور پرسان 34 هزار پوليس چونڪي سان گڏ رات دير سان نامعلوم چورن ڇهن دڪانن جا تالا ٽوڙي لکين روپين جي چوري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا، جڏهن ته مڇريل دوڪاندارن پاران چورين خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي سيد سلطان شاهه، حافظ جاويد احمد ٻگهيو، عرفان علي جٽ، ارباب ٻگهيو دين محمد سميجو ۽ ٻين داتهيندي چيو ته چورن تر تٻاهي مچائي ڇڏي آهي. اسان غريب مسڪين دڪاندارن جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي، هنن چيو ته چونڪي تي پوليس عملو ناهي، جنهن ڪري چوريون روز جو معمول بڻيل آهي، اسان غريب مسڪين دوڪاندار حلال جي روزي ڪمائڻ نه ٿا ڏين جڏهن نه علائقي جا چڱا چورن جا ساٿاري هئڻ سبب چوري روز جو معمول بڻجي وئي آهي آخر هنن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو آهي ته چوٽيهه هزار موري پوليس چونڪي تي پوليس نفري وڌائي وڃي ۽ اسان جو چوري ٿيل سامان، روڪ رقم واپس ڏياري چورن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 42 4ڄڻا لاپتا

وئي ٻڌايو پيو وڃي حادثي ۾ لاپتا ٿيندڙن ۾ ٻه مرد ۽ ٻه عورتون شامل آهن. واقعي بعد مقامي ماڻهن ۽ ٽوبن پاران لاپتا ماڻهن جي ڳولا جاري آهي

بقايا 43 گرفتار نه ٿيا

معشوق ٻنگ صحافين اڳيان انصاف لاءِ داتهيندي چيو آهي ته جوابدارن مون سان وڏو ظلم ڪيو آهي ۽ پوليس بااثرجوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري هن اختيارين کي انصاف ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 44 پيش ڪيو ويو

شيخ جي هدايتڪاري هيٺ پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ اداڪارن ريما ناز، حاڪم آزاد بروهي، احمد پناڻ، نظام چانڊيو نياز شيخ ۽ ٻين اداڪاري جا جوهر ڏيکاري خوب داد حاصل ڪيو. ڊرامي ۾ معاشري اندر ٿيندڙ ناانصافين ۽ ڳوٺاڻي زندگي کي اجاگر ڪندي ڏيکاريو ويو ته هڪ ڳوٺ جي وڏيري طرفان ڳوٺ ۾ تعليم حاصل ڪندڙ چوڪرو ۽ چوڪري جيڪي يونيورسٽي تائين تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، جنهن کي ڳوٺ جو وڏيرو تعليم حاصل نه ڪرڻ لاءِ رڪاوٽ بڻيل هجي ٿو جڏهن ته چوڪرو ۽ چوڪري اهو عزم ڪندا آهن ته هو اعليٰ تعليم حاصل ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ چوڪرين ۽ چوڪرن کي تعليم ڏياري ڳوٺ مان جهالت ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ معاشري ۾ بهتري آڻيندا، پر وڏيرو کين مختلف طريقن سان تنگ ڪري ڌمڪيون ڏيندو رهي ٿو پر هو پنهنجي ارادي ۾ مضبوطي سان بيهي رهن ٿا ۽ وڏيري کي پڻ سمجهائيندا رهن ٿا ته علم انسان جي ٽين اک آهي ۽ علم انسان ۾ شعور ۽ سمجهه پيدا ڪري ٿو هن دور ۾ علم حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي، پر وڏيري کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ۽ هو تشدد جو رستو اختيار ڪري ٿو ۽ اچانڪ اتي ڳوٺ جو رٽائرڊ ٿيل استاد اچي وڃي ٿو ۽ وڏيري کي مختلف طريقن سان سمجهائي ٿو ته اسان جي ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم بينظير ڀٽو هئي، جيڪا پڻ هڪ عورت هئي جنهن جو والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو به هن ملڪ جو وزيراعظم رهيو اڄ جيڪڏهن تعليم نه هجي ته غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ هڪ استاد خدا بخش سومرو جو پٽ محمد اياز سومرو مشهور قانوندان ۽ وڪيل نه ٿئي ها ۽ نياڻي تعليم پرائي ڊاڪٽرياڻي نه بڻجي ها نه اڄ تنهنجي ماءُ جي اکين جي آپريشن ڪير ڪري ها، اتي وڏيري جون اکيون کلن ٿيون جنهن کان بعد ۾ وڏيري کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي ۽ هو پشيمان ٿي وڃن ڪري ٿو نه هو تعليم ۾ ڪڏهن رڪاوٽ نه بڻجندو ۽ سڄي ڳوٺ جي ٻارن جي پڙهائي جو خرچ پري انهن کي اعليٰ تعليم ڏياريندو. تقريب کي خطاب ڪندي ايڊووڪيٽ رياض احمد سومري چيو نه محمد اياز سومرو غربت جي دور ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪري اسان جي خاندان جو نالو روشن ڪيو نالي وارو قانوندان ۽ وڪيل توڙي وزير بڻيو هو وڏن عهدن تي پڻ رهيو هن سياست جي شروعات پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان ڪئي شهيد بينظير ڀٽو ان کي پڻ پنهنجو ننڍو ڀاءُ سمجهندي هئي، هن هميشه غريب مسڪين ۽ بي سهارا ماڻهو جي مدد ڪئي ۽ پيپلز پارٽي جي ورڪرن سان پڻ محبت ڪندو هيو ۽ ورڪرن ۽ غريبن کي هزارن جي تعداد ۾ نوڪريون ڏنيون. تقريب ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر اڪبر حيدر سومرو، اياز سومرو فائونڊيشن جي چيئرمين پيپلز پارٽي لائيرس فورم جي صدر محمد رياض سومرو آرٽ ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي صدر حاجي محمد اسماعيل جتوئي، پريس ۽ پبلسٽي شعبي جي چيئرمين سيد جاويد شاهه، فوٽوگرافي شعبي جي چيئرمين نديم سومرو نصير محمد کهاوڙ عاشق علي دايو ستار لاڙ بدر خان سومرو فدا حسين ملاڻو سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر طيب ڪوريجو انڊسٽري ڊولپمينٽ جي غلام النبي ٽوٽيو سميت ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 45 اسپتال داخل

ٽانگ ڪڪي وڌو جنهن کي وارث سگهون جي بيسڪ هيلٿ يونٽ سڳهون اسپتال کڻائي آيا جتي ڊاڪٽرن پاران ويڪسين ڪرڻ بعد 1122 رسڪيو ايمبوليٽس ذريعي ڪيس گمبٽ جي گمس اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

ڳڙهي ياسين ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو ٻيو زخمي

ڪيرڙ ڪئنال ويجهو نظام پناڻ جي باغ وٽ هٿياربندن جي ٻوزر رڪشا تي فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ ۾ 34 ورهين جو سائٿ پٽ نادر معرفاڻي مارجي ويو ۽ نديم بروهي سخت زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

واقعو مهر مارفاڻي پراڻي تڪرار تان پيش آيو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون : پوليس

ڳڙهي ياسين(رپورٽ سليم احمد سومرو) ڳڙهي ياسين ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ، گولين لڳڻ سبب هڪ ڄڻو مارجي ويو هڪ ڄڻو زخمي، واقعو مهر

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين: مقتول نوجوان جو لاش گاڏي ۾ رکيل آهي

ڪپرو تعلقي ۾ بدامني، منشيات وڪري ۽ تڪرارن خلاف جسقم جو پيادل مارچ

ڪارڪنن رمضان خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 10 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪيو

تعلقي مان منشيات خاتمي ۽ برادري ۾ هلندڙ تڪرارن جي نبيري لاءِ سياسي سماجي ڌرين اڳيان اچن

ڪپرو (ن ع) ڪپرو تعلقي اندر مختلف برادرين جي وچ ۾ هلندڙ تڪرارن علائقي اندر بدامني ۽ منشيات جي کليلي نموني وڪري خلاف جسقم تعلقي ڪپرو پاران گرهوڙ شريف کان ڪاهي تائين جسقم جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪپرو: جسقم پاران نڪتل پيادل امن ريلي جو ڏيک

ٽل ۾ پرياسي ارڙي تيزي سان پکڙجڻ لڳي، ٻن سالن جي ٻارڙي فوت

ڳوٺ نامدار بنگلاڻي ۾ ارڙي وکڻي سميرا بنگلاڻي نجي اسپتال فوت ٿي وئي

10 کان وڌيڪ ٻارڙا ارڙي ۾ مبتلا، ڳوٺاڻن جو صحت کاتي کي ڊاڪٽرن جي ٽيمون موڪلڻ جي اپيل

ٽل (ن ع) صحت کاتي جي لاپرواهي سبب تعلقي ٽل ۾ مختلف موذي بيمارين سميت ارڙي جي بيمارين ۾ واڌ ٿي وئي آهي. ڳوٺ نامدار بنگلاڻي ۾ هڪ وڌيڪ ارڙي وکڻي سبب ٻن سالن جي معصوم ٻارڙي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

فريدآباد واپاري جي گهر لڳل ڌاڙي جو فيصلو 18 لک ڏنڊ مقرر

ڌاڙي جو فيصلو رئيس خادم مارفاڻي جي سرپنچي ۾ ٿي گذريو

ڦر ڪندڙ ڌر مٿان 18 لک ڏنڊ مقرر، فريادي ڌر 10 لک معاف ڪري ڇڏيا

فريدآباد(ن ع) 5 مهينا اڳ فريدآباد جي وچ شهر مان فريدآباد جي واپاري دڪاندار سڪندر خاصخيلي جي گهر لڳل ڌاڙي واقعي جو فيصلو مارفاڻي برادري جي چڪي مٿس رئيس خادم مارفاڻي جي سرپنچي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر پوليس آڏو ڪيترن ڪيسن ۾ گهربل ڌوهاري پاڻ پيش

سهانجڙو واري علائقي آپريشن بعد ڪبير بوزدار پاڻ کي پيش ڪيو

جوابدارن ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي سنگين نوعيت جا 20 ڪيس داخل آهن: پوليس

خانپور مهر(ن ع) خانپورمهر پوليس پاران بدنام ڌوهاري اشتهاري ڪبير بوزدار کي گرفتار پيش ڪري ڇڏي . مٿس گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي سنگين نوعيت جا 20 ڪيس داخل آهن پوليس خانپورمهر ويجهو سهانجڙو واري علائقي ۾ آپريشن بعد پوليس پريشر تحت بدنام

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو زمين جي تڪرار جوابدار عورت کي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

پنوعاقل(ن ع) پني عاقل لڳ زمين ۾ لابارو ٿاڻي جي حد ۾ جوابدارن عورت شمع بلو کي زخمي ڪيو عورت کي تعلقي اسپتال آندو ويو شاهين بلو وارن سان زمين تي تڪرار هلي پيو جنهن تان انهن منهنجي ڀاڃائي کي زخمي ڪيو آهي

لاڙڪاڻو: مسلم ليگ اڳواڻ بابو سرفراز سيال پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ يونيورسٽي سينڊيڪيٽ جو 212هون اجلاس، آفيسرن جي ترقين ۽ اهم مقررين جي منظوري ڏني وئي

ڄامشورو (ٻ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي سنڊيڪيٽ جو 212هون اجلاس وائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح مري ۽ جي صدارت هيٺ بينظير ڀٽو ڪنوينشن سينٽر ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪيترن ئي تعليمي ۽ انتظامي فيصلن جي منظوري ڏني وئي، جن ۾ آفيسرن جون ترقيون ٻن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪپرو پرسان رانڊ ڪندڙ معصوم ڀائر پٽ ڪرڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

هٽونگو جي ميگهواڙ پاڙي ۾ پنج ورهين جو گليس ۽ اڍائي ورهين جو پانچو ولد بادل ميگهواڙ مٿان پٽ ڪري پئي

پاڙي وارن فوري طور ملبو هٽائي ٻارن کي ڪيڏي اسپتال پهچايو ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

فوتي معصوم ڀائرن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي

ڪيرو (ن ع) ڪيرو پرسان هٽونگو جي ميگهواڙ پاڙي ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي خالي پيل گهر جي پراڻي پٽ اوچتو ڪرڻ سبب رانڊ ڪندڙ ٻه ڀائر ٻار دبجي فوت ٿي ويا.هٽونگو جي ميگهواڙ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: پٽ ڪرڻ سبب فوت ٿي ويل معصوم ٻارڙن جا مڙهه

ڪوٽڙي سائيٽ واري علائقي مان مبينا طور ناري اغوا، ڪيس داخل

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ٿاڻي جي حد سستي بستي واري علائقي مان مبينا طور اغوا ٿي ويل 16 سالا ناري اقراءَ ٽنگ جي اغوا جو ڪيس ڪوٽڙي ٿاڻي تي ناري جي پيءُ معشوق

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي لڳ درگاهه حضرت شاهه يقيق جو 590 هون عرس شروع، زائرين جي آمد

صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي ۽ شاهه حسين شيرازي درگاهه حاضري ڀري افتتاح ڪيو

عرس مبارڪ جي موقعي تي محفل سماع، مذهبي تقريبون، ثقافتي پروگرام ۽ بازارن کي سجايو ويو

سنڌ صوفين ۽ اوليائن جي سرزمين آهي، جتي سدائين امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو ويو آهي:رياض شاهه شيرازي

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي لڳ مشهور درگاهه حضرت شاهه يقيق جو 590 هون عرس مبارڪ شروع، صوبائي وزير افتتاح ڪري ڇڏيو چوهڙجمالي لڳ جڳ مشهور درگاهه شاهه يقيق بابا جو 590 هون ساليانو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ: زخمي عورت کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

نئون ڪوٽ پرسان مڙس زال تي تشدد ڪري ڪيس مرڻٽنگ ڪري ڇڏيو

ڳوٺ محمد بخش بليدي ۾ زخمي ٿيل ناري سعيدل کي اسپتال آندو ويو

ڏي ٽي مڙس علي حسن بليدي ۽ ڀاتين بلاجواز تشدد ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

نئون ڪوٽ (ن ع)نئون ڪوٽ پرسان مڙس زال تي تشدد ڪري ڪيس مرڻٽنگ ڪري ڇڏيو گهٽي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل ڳوٺ محمد بخش بليدي ۾ نوجوان ناري سعيدل کي سندس مڙس علي حسن بليدي ۽ ٻين گهر ڀاتين لٺين ۽ ڪهاڙين سان تشدد ڪري ڪيس مرڻٽنگ ڪري ڇڏيو ناري کي بيهوشي واري حالت ۾ وارثن رورل هيلٿ سينٽر نئون ڪوٽ آندو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: ايوب عمراڻي جي ياد ۾ تقريب دوران ڪتاب جو مهورت ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻو پوليس پاران نظير چانڊيو جي قتل ڪيس ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس ۾ ڏينهن اڳ گيريلو ٿاڻي جي حد ٿريجا ابڙا ۾ معمولي ڳالهه تان قتل ٿي ويل پورهيت نظير احمد چانڊيو جي قتل ڪيس ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي قتل ۾ استعمال ڪيل چرين سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻو پوليس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ آء بي اي اميدوارن جو حقن جي حاصلات لاءِ احتجاج جاري

خيرپور(ٻ ر) آء بي اي 40+ ويٽنگ استاد اميدوارن PST/JEST(ميل توڙي فيميل) جي پرامن جدوجهد کي 281 ڏينهن مڪمل ٿي چڪا آهن جتي اسان انصاف جي آس ۾ پنهنجو وقت، سکون ۽ زندگيون قربان

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ مبينا ڦر مزاحمت تي هٿياربندن پاران نوجوان تي تشدد، احتجاج

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ڌوهارين جو سرگرم ڦر جي وارداتن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ پوليس جي ڪارڪردگي تي سواليه

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل مٿان چڙهڻ سبب نوجوان چيهاڙجي فوت، گهر ۾ ڪهرام

جهول روڊ تي پناڻ ڪالوني وٽ پيش آيل حادثي ۾ 26 ورهين جو ريحان ولد عبدالرزاق عباسي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي تعلقي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم(ن ع) ٽنڊوآدم جهول روڊ تي پناڻ ڪالوني وٽ تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل مٿان چڙهي وئي جنهن جي نتيجي ۾ سانگهڙ واسي 26 سالا نوجوان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڄامشوري ۾ ڪامريڊ جوشيلو سنڌي 72 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

ڄامشورو(ٻ ر) ڄامشوري جي سجاڳي،

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي واسين جو بااثر مائٽن جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سٽون نمبر ناڪو واري علائقي جي رهواسين بااثر مائٽن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سمارٽ لاڪ ڊائون جي هن وقت ضرورت ناهي، حڪومت جلدبازي ڪري پئي: علامه شهنشاهه نقوي

جنگ بعد دنيا ۾ وڏي تبديلي اچڻ واري آهي، سعودي عرب، دبئي، آمريڪا هاڻ ڀرين جهڙا نه رهندا

جن ملڪن آمريڪا ۽ اسرائيل کي پنهنجا اڏا ڏنا آهن اهي مسلمانن کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿا

ايران جي ڪفر سان جنگ آهي ايران هن جنگ ۾ ڪامياب ٿيندو دنيا ۾ اسرائيل جو نقشو ڌرتي تان ختم ٿيڻ وارو آهي

ٽنڊوالهيار(ٻ ر) علامه شهنشاهه حسين نقوي چيو آهي ته سمارٽ لاڪ ڊائون جي هن وقت ضرورت نه آهي حڪومت جلدبازي ڪري رهي آهي هن جنگ کان پوءِ دنيا ۾ وڏي تبديلي اچڻ واري آهي سعودي عرب.

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: مسجد جي افتتاح بعد علامه شهنشاهه نقوي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ مبينا طور موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي بروهي چوڪ واري علائقي ۾ مبينا طور موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش دوران جهيڙو ٿي پيو ۽ جوبدار فائرنگ ڪندا فرار

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ آل سنڌ پيرا ٽائيڪوانڊو چيمپيئن شپ 2026 جو انعقاد ڪيو ويو

ڪراچي، حيدرآباد، سکر، شهيد بينظيرآباد ۽ لاڙڪاڻو جي ٽيمن ڀرپور شرڪت ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير رانديون سنڌ سردار محمد بخش مهر جي خصوصي هدايت تي عامر شهاب آل سنڌ پيرا ٽائيڪوانڊو چيمپيئن شپ 2026 سکر جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ڊويزنن ڪراچي، حيدرآباد، سکر، شهيد بينظيرآباد ۽ لاڙڪاڻو جي ٽيمن ڀرپور

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

بدين: ڪراچي ۾ قومپرست اڳواڻن جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاهور: روڊ ڪناري هڪ اسٽال تان ناريون سامان خريد ڪري رهيون آهن

ٽنڊوڄام ۾ معصوم ٻار کليل مين هول ۾ ڪري پيو، سخت زخمي

يوسي 66 ۾ ڪنڀار پاڙي واسي 6 سالن جو حسنين ڪنڀر کليل مين هول ۾ ڪري پيو

علائقي واسين فوري طور تي ڪوشش بعد ٻار کي مين هول مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

گندو پاڻي ڦڦڙن ۽ پيٽ ۾ داخل ٿيڻ سبب حالت ڳڻتي جوڳي آهي، شهرين جو انتظاميا تي تنقيد

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام ۾ افسوسناڪ واقعو يوسي 66 ۾ معصوم ٻار کليل مين هول ۾ ڪري پيو سخت زخمي علائقي واسين ٻار کي ڪيڏي اسپتال پهچايو خبر موجب، ڪنڀار پاڙي جو رهواسي 6 سالن جو معصوم ٻار حسنين ڪنڀر پوليس گرائونڊ ۾ راند ڪيڏڻ لاءِ آيو جتي پوليس گرائونڊ روڊ تي اوچتو کليل مين هول ۾ ڪري پيو خبر پوڻ تي علائقي واسين فوري طور تي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان پنج کان وڌيڪ گهر کي باهه، الهه تلهه سڙي رک

ٽيڙهي ۾ چوهاڻ برادري جي گهرن کي بجلي جي تار مان باهه لڳي وئي

باهه سبب گهرن ۾ پيل الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو آهي، مدد ڪئي وڃي: متاثرين

خيرپور(ٻ ر)خيرپور پرسان ٽيڙهي ۾ چوهاڻ برادري جي پنج کان وڌيڪ گهرن کي اوچتو بجلي جي تار مان باهه لڳي وئي باهه لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو آهي ان موقعي تي متاثرن جو چوڻ آهي ته وقت تي ٽائون ڪميٽي 1جي فائربرگيڊ نه پهتي جنهن سبب گهرن جو الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو آهي متاثرن جو چوڻ آهي ته ٽائون ڪميٽي 1 جي فائربرگيڊ چند قدمن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڪڻڪ جي بمپر فصل لهڻ شروع اگهه گهٽجي ويو، آبادگار پريشان

آبادگارن اختيار، سجاد حسين، عمران علي ڀنڀرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ضلعي مان ختم ڪيل 55 مرڪز ٻيهر بحال ڪري آبادگارن مان بيچيني دور ڪئي وڃي

خيرپور(ٻ ر)خيرپور ۾ ڪڻڪ جي بمپر فصل تيار ٿي وئي ۽ ڪڻائي شروع ٿي چڪي آهي ڪڻڪ جو سرڪاري اگهه 3500 رپيا في من مقرر ڪيو ويو آهي پر مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ اڄڪلهه کان پوءِ اگهه گهٽجي 3000 رپيا في من ٿي ويو آهي آبادگارن مطالبو ڪيو آهي ته ڪارگيٽ وڌايو وڃي ۽ ختم ڪيل خريداري مرڪز ٻيهر بحال ڪيا وڃن.تفصيل موجب خيرپور ۾ ڪڻڪ جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڄام شورو: سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر فتح محمد مري جي صدارت ۾ سنڊيڪيٽ جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم جو ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سميت اڳواڻن جي گرفتارين خلاف ريلي

ڦليلي پل کان پريس ڪلب تائين احتجاجي جلوس ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

پ پ جي اهڙين حرڪتن سان پنهنجي وطن جي مالڪي تان ڪڏهن به دستبردار نه ٿينداسين:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (ٻ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم ڪارڪنن جو ڪراچي مان چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سميت اڳواڻن ڪارڪنن جي گرفتارين خلاف احتجاجي جلوس ، مظاهرو، ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم طرفان ڪراچي پريس ڪلب تان گرفتار ڪيل جسقم شهيد بشير خان قريشي جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهل ساريو آصف بالادي سميت قومي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڄام نواز علي لڳ موٽرسائيڪل ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

پناڻ ڪالوني وٽ حادثي ۾ 35 ورهين جي ريحان ولد رزاق عباسي ٽڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ڄام نوازعلي (ن ع) ڄام نوازعلي لڳ پناڻ ڪالوني وٽ تيز رفتار موٽر سائيڪل ۽ چنگچي رڪشا ۾ آمهون سامهون ٽڪر سبب واٿوڙو مٿان ٽرڪ تي چڙهي وئي چيهاڙجي فوت سندس سڃاڻپ سانگهڙ واسي 35 ريحان علي ولد رزاق عباسي نه ٿي سگهي اطلاع تي ميراڻي پوليس پهچي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

هن وقت نه رڳو سنڌ پر سڄو ملڪ بدامني جي لپيٽ ۾ آهي: راشد محمود سومرو

عوام قبيلائي تڪرارن، اسٽريٽ ڪرائم ۽ ڏاڙيل ڪلچر کان تنگ اچي چڪي آهي

جي يو آءِ شروع کان ئي امن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ ان لاءِ وڏيون قربانيون پڻ ڏنيون آهن

علامه راشد محمود سومري جو ڪنڌڪوٽ ڪشمور جي ڪچي واري علائقي ۾ اجتماع کي خطاب

ڪنڌ ڪوٽ (ٻ ر) 19، 20 ۽ 21 مارچ 2027 تي ٿيندڙ امن عالمي اجتماع سنڌ جي تيارين جو باقاعده آغاز ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ اڄ ضلع ڪنڌڪوٽ ڪشمور جي ڪچي واري علائقي ڄام سونهارو چاچڙ ۾ جمعيت علماء اسلام جي اهتمام هيٺ هڪ شاندار ۽ تاريخي اجتماع منعقد ڪيو ويو اجتماع کي خطاب ڪندي جمعيت علماء اسلام سنڌ جي امير مولانا

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: راشد محمود سومرو جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

هنگورجا ۾ آء بي اي پاس اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

اميدوارن خميس علي، غضنفر شهباز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

اسان جي عمر وڌي رهي آهي 40 پلس وارن اميدوارن کي نوڪريون ڏنيون وڃن

هنگورجا (ن ع) آء بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن جي آفر آرڊر نه ملڻ خلاف هنگورجا ۾ خميس علي چنو غضنفر سولنگي .شهباز علي ملڪ جي اڳوڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ت آء بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن اميدوارن مسلسل سراپا احتجاج

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

بدين: صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي ۾ هارياڻي جو زميندار مٿان لچالت جو الزام، مڙس سان گڏجي احتجاج

راسواهه موري جي رهواسي هاري پريو ڪولهي سندس گهرواري شري ڪولهڻ احتجاج ڪيو

بااثر زميندار مونکي شراب وٺڻ لاءِ موڪلي منهنجي زال سان لچالت ڪئي آهي: الزام

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۾ راسواهه موري پوليس چيڪ پوسٽ ويجهو رهندڙ پورهيت پريو ڪولهي جي زال مسمات شري ڪولهڻ پاران زميندار تي لچالت جو الزام هينو آهي. ان سلسلي ۾ زمين تي پوک جي واڍي ڪندڙ پورهيت پريو ڪولهي سندس گهرواري سميت ڪوٽڙي پريس ڪلب پهچي داتهيو آهي ته با اثر زميندار سندن گهرواري کي ڪيس شراب وٺڻ لاءِ موڪلي سندس گهر

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: فنڪار ڊرامي "ڪوڪو ماٺهو موتي داڻو" ۾ پرفارم ڪري رهيا آهن

ڪنڊيارو ۾ بنا لائسنس ۽ غيرمعياري مدي خارج دوائون وڪرو ڪندڙ 4 اسٽور سيل

ڊرگ انسپيڪٽر افضل ميمڻ جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون

مدي خارج دوائون ملڻ تي چار کان وڌيڪ ميڊيڪل اسٽورن کي سيل ڪيو آهي: افضل ميمڻ

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو ۾ صحت کاتي پاران بنا لائسنس ۽ غيرمعياري مدي خارج دوائون وڪرو ڪندڙ ميڊيڪل اسٽور خلاف ڪارروائي ڊرگ انسپيڪٽر افضل ميمڻ جي اڳواڻي ۾ اسپتال روڊ مختيارڪار چونڪ عيدگاهه روڊ ۽ ٻين هنڌن تي ڪارروائي ڪري چار کان مٿي ميڊيڪل اسٽور سيل ڪيا جڏهن ته ڊرگ انسپيڪٽر جي ڪنڊيارو شهر ۾ اچڻ واري

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ ريلوي ڦاٽڪ جي چاٻي چوري، ٽن ڪلاڪن تائين ٽريفڪ متاثر

جرواز ڦاٽڪ بند هجڻ جي آزار کان تنگ ٿي تالو ٽوڙي چاٻي چوري ڪري فرار ٿي ويا

واقعي ڪانپوءِ ٽن ڪلاڪ تائين ڦاٽڪ بند رهڻ سبب شهري پريشاني کي منهن ڏيندا رهيا

ميرپور ماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر ميرپور ماٿيلو شهر جي جرواز ريلوي ڦاٽڪ تي گذريل رات دير سان هڪ حيران ڪندڙ واقعو پيش آيو جتي نامعلوم ماڻهن هر وقت ڦاٽڪ بند هجڻ جي آزار کان تنگ ٿي ڪري ڦاٽڪ جو تالو ٽوڙي چاٻي چوري ڪري فرار ٿي ويا ان سلسلي ۾

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي خيرو لڳ هٿياربندن جي ڳوٺ تي چڙهائي، راڪيٽ لانچر جا فائر، 2 قتل، 3 زخمي

ڳوٺ محمد ملوڪ لهر ۾ هٿياربندن صادق لهر جي گهر تي اڻڌاڌ فائرنگ سان گڏ راڪيٽ لانچر پڻ فائر ڪيا

فائرنگ سبب صدام لهر ۽ نينگري ساجده موقعي تي مارجي ويا، نينگر حنيف ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيا، ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

لهر برادري جو واقعي خلاف احتجاج، پوليس حملي جي الزام ۾ ميرالي برادري جي ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

جيڪب آباد (ٻ ر) تعلقي ڳڙهي خيرو جي دوداپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد ملوڪ لهر ۾ پٽيسن جي ڏيڻي ليڻي تان اڻڄاتل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: حملي ۾ مارجي ويل نوجوان صدام لهر جو لاش پيل آهي

ڪنڌڪوٽ لڳ چاچڙ ۽ سبزوئي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 10 زخمي

فصل ۾ مال جي پيل تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو هڪٻئي تي لٺين ۽ ڪهاڙين جو وسڪارو

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ٽن جي حالت خراب، ٻنهي ڌرين مورچابند

ڪنڌڪوٽ (ٻ ر) ڪنڌڪوٽ لڳ گهوڙا گهٽ ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ڳوٺ شاهه محمد چاچڙ ۾ فصل ۾ مال گهرڻ تان چاچڙ ۽ سبزوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو هڪ ٻئي تي لٺين ۽ ڪهاڙين جو وسڪارو لائي ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ ٻن ڌرين جا 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واري هنڌ پهچي زخمين کي اسپتال

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: سياسي سماجي تنظيمن پاران امن امان لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

پنوعاقل ۾ سماجي تنظيم پاران قبيلائي جهيڙن جي خاتمي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ ويلفيئر اتحاد جي پليٽفارم تان مهر جتوئي تڪرار سميت سڀني قبيلائي جهيڙن جي خاتمي لاءِ بينظير پارڪ کان امن ريلي اتحاد جي چيئرمين عبدالمجيد جسڪاڻي ،وڪيل اڳواڻ جمال عبدالناصر بلو فدا بلو وحيد چاچڙ عارف ڪوراڻي ڪامريڊ رفيق انڊڙ ۽

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ پرسان ٻن موٽر سائيڪل ٽڪر سبب 4 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ کان 3 ڪلو ميٽر پري حاجي ڪيريو ڳوٺ پرسان ٻن موٽر سائيڪل سوارن جو آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهين موٽر سائيڪلن تي سوار ٻه ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ عبدالجبار سولنگي ،

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

مٺي ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب 6 گهر سڙي رک

شامداس ملاڻي ڪالوني ۾ گوڙو گنگو ڀيلا، جگتو رنجيش، بابو جي گهرن کي باهه لڳي

پنهنجي مدد پاڻ تحت ماڻهن باهه تي ضابطو آندو گهر ۾ پيل سامان سڙي خاڪ

مٺي (ٻ ر) شامداس ملاڻي ڪالوني مٺي ۾ باهه لڳڻ سبب 6 گهر سڙي رک ٿي ويا، فوري فائر برگيڊ سان رابطو ڪيو پر مٺي جي فائر برگيڊ گاڏي نه پهتي ۽ باهه ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت وسائي، متاثرين ۾ گوڙو گنگو ڀيلاج جگتو رنجيش بابو جا گهر سڙي ويا جنهن ۾ رنجيش هڪ مهينو اڳ شادي ڪئي هئي جنهن جي گهر ۾ پيل سڀ سامان سڙي رک ٿي ويو.

راڻي پور پوليس جي زيادتين خلاف ڳوٺاڻن پاران پيادل مارچ ڪري ٿاڻي آڏو ڌرڻو

ڳوٺ گلاب منگنيجو واسي ممتاز خاتون، جمالا، هير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 2 ڪلو ميٽر مارچ ڪري ڌرڻو هنيو

پوليس چوري الزام هيٺ قمرالدين ۽ راجا منگنيجو کي گرفتار ڪيو آهي ڪين آزاد ڪيو وڃي: مظاهرين

احتجاج دوران پوليس جسقم آريسر اڳواڻ شبير منگنيجو کي ڌرڻي مان ڪنهي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

راڻي پور(رپورٽ عبدالخالق گلال) راڻي پور پوليس جي ڳوٺ گلاب منگنيجو تي چڙهائي ڪري چوري الزام هيٺ ٻن ڄڻن قمرالدين ۽ راجا منگنيجو کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو ڳوٺ تي پوليس

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ شخص روڊ ڪناري مصلحي واريون سوريون وڪرو ڪري رهيو آهي

ڪنڊيارو ۾ آء بي اي ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي ، جي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جو احتجاج

اميدوارن سيد دانش شاهه، عبدالسليم گهانگهرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ضلعي ۾ ڪيترائي ميل فيميل اميدوار اوورايج ٿي ويا آهن آفر آرڊر ڏئي بيچيني دور ڪئي وڃي

ڪنڊيارو(ن ع) ڪنڊيارو ۾ آء بي اي ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي . جي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جو آفر آرڊرن لاءِ سيد دانش شاهه عبدالسليم گهانگهرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ان موقعي تي احتجاج ڪندي ويٽنگ اميدوارن جو چيو ته گذريل چار سالن کان ويٽنگ ۾ هجڻ سبب اوورايج ٿي ويا آهيون هتي چيو ته ڪنڊيارو تعلقي ۾ آء بي اي ويٽنگ اميدوارن سان

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

راڻيپور: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپور ماٿيلو ۾ ڏهرڪي واسي جو سهري جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڏهرڪي جي علائقي سانگي روڊ جي رهواسي نياز احمد موساڻي پنهنجي سهري شعبان موساڻي جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته سهري سان ڏيتي ليتيءَ جو مسئلو هلندڙ هيو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

مهراڻ يونيورسٽي پورهيت ملازمن کي ليوانڪشمنٽ نه ملڻ ملازم 24 هين ڏهاڙي احتجاج جاري

ڄامشورو (ٻ ر) ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽي جي ملازمن کي عيد گذرڻ باوجود به سنڌ اجورو ليوانڪيشمنٽ نه ملي آهي پورهيتن طرفان عيد بونس لاءِ مسلسل 24 ڏينهن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ٻرڙا مائينر کي 15 فوٽ گهارو، فصل ۽ ڳوٺ پاڻي هيٺ

ڳوٺ ڪرڙ ٻرڙو وٽان گهاري جو پاڻي ڳوٺ جلال مري ۽ ڪرڙ ٻرڙو ۾ داخل ٿي ويو

اطلاع باوجود آبپاشي عملو ناهي پهتو پاڻي فصل ۽ ڳوٺن ۾ داخل ٿي ويو آهي: ڳوٺاڻا

ٽنڊو آدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ٻرڙا مائينر کي ڳوٺ ڪرڙ ٻرڙو وٽان 15 فوٽ ويڪرو گهارو پئجي ويو جنهن بعد ڳوٺ جلال مري ۽ ڪرڙ ٻرڙو ۾ پاڻي داخل ٿي ويو ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ٻرڙا مائينر کي لڳل گهاري سبب ٻن ڳوٺن جلال مري ۽ ڪرڙ ٻرڙو ۾ پاڻي داخل ٿي ويو آهي.

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان لڳ تيز رفتار مزدا ڪلٽي، واٿڙو پيرسن چيپاڄي فوت

مين حيدرآباد روڊ تي تيز رفتار مزدا ڪلٽي ٿيڻ سبب راهه ويندڙ محمود ملاح فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

ٽنڊو محمد خان (ٻ ر) ٽنڊو محمد خان جي مين حيدرآباد روڊ تي تيز رفتار مزدا تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿي پئي جنهن سبب راهه ويندڙ پيرسن چيپاڄي فوت ٿي ويو ، اطلاع تي پوليس پيرسن جي لاش کي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

مورو: فوت ٿيل شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

موجوده معاشي منصوبا عوام لاءِ نقصانڪار آهن: رياض چانڊيو

سنڌ جي زرعي معيشت ۽ هاري طبقو حڪومتي ترجيحن ۾ شامل ناهي

جلالپور ڪينال ۽ گرين پاڪستان منصوبا سنڌ جي وسيلن تي قبضي برابر آهن

سکر(بيورو رپورٽ) جيئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض چانڊيو سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حڪومتي معاشي ۽ انتظامي پاليسين تي سخت تنقيد ڪئي.رياض چانڊيو چيو ته موجوده معاشي منصوبا عوام لاءِ نقصانڪار آهن ۽ اهي پاليسيون ملڪ کي تباهي ڏانهن وٺي وڃن پيون. هن سمارٽ لاڪ ڊائون کي به تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته ان سان

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

SUKKUR PRESS CLUB
SINCE 1960

سکر: جيئي سنڌ محاذ جو صدر رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

مورو پرسان سنڌو دريا مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ، پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

مورو (ن ع) مورو پرسان ڪوراڻي ٿاڻي جي حد ۾ سنڌو دريا مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو آهي اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي مورو تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو آهيفوتي جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي

بدين ۾ نياز ڪالاڻي ۽ ٻين قومپرست اڳواڻن جي گرفتاري خلاف احتجاج

بدين (ٻ ر) جسقم شهيد بشير خان يونٽ بدين پاران جسقم شهيد بشير خان سربراهه ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهل ساريو آصف بالادي چاڪر خان شر ڪاشف شر ۽ ٻين جي ڪراچي پريس ڪلب وٽان بلاجواز گرفتاري جي خلاف جساف جي سرڪري

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ آرٽ ڪائونسل پاران اياز سومرو جي ياد ۾ اصلاحي اسٽيج ڊرامو پيش ڪيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آرٽ ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو طرفان قانون جي اڳوڻي صوبائي وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي اڳوڻي صدر ايڊووڪيٽ مرحوم محمد اياز سومرو جي ياد ۾ اصلاحي اسٽيج ڊرامو "ڪوڪو ماٺهو موتي داڻو" ڊائريڪٽر نياز حسين

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سگهيون: زخمي نوجوان کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

سگهيون پرسان نوجوان کي ٽانگ ڪٽي زخمي ڪيو، اسپتال داخل

سگهيون (ن ع) سگهيون پرسان ڪچي واري علائقي ڳوٺ حاجي سليمان ڪلهوڙو جي رهواسي 24 سالا نوجوان علي اصغر ڪلهوڙو ولد محمد يعقوب ڪلهوڙو کي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

دولتپور ويجهو چور چار دڪانن جا تالا ٽوڙي سامان ٻهاري ويا

چوٽيهه هزار موري تان چور لکين رپين جو قيمتي سامان کڻي فرار ٿي ويا

واقعي خلاف دڪاندارن جو احتجاجي مظاهرو، جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

دولت پور صفن (ن ع) دولت پور پرسان دولت پور پوليس ٿاڻي جي چوڪي چوٽيهه هزار موري تي چورن ته تباهي مچائي ڇڏيو غريب مسڪين دڪاندارن جو جيئڻ جنجال ٿي ويو پوليس چوڪي سان گڏ 4 دڪانن کي چورن دڪانن جا تالا ٽوڙي سولر پليٽون پکا موٽر موبائيل جي دڪان تان موبائل چارجر سميت قيمتي سامان چوري ڪري ويا جڏهن ته ريزڪي دوڪان تان چارڪنا

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سڄاول لڳ سنڌو درياهه ۾ مسافر ٻيڙي سان حادثو، 4 ڄڻا لاپتا

ڳوٺ يعقوب منارو پرسان مسافر ٻيڙي حادثي ۾ 12 مسافر پنهنجي مدد پاڻ تحت بچي ويا

16 ماڻهو ڪڻڪ جي لاباري لاءِ درياهه جي ٻي پاسي وڃي رهيا هئا، لاپتا ۾ ٻه مرد ۽ ٻه عورتون شامل

سڄاول (ٻ ر) ڳوٺ يعقوب منارو پرسان سنڌو درياءَ ۾ مسافر ٻيڙي سان حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا لاپتا ٿي ويا، جڏهن ته 12 مسافرن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻڏي وڃڻ کان بچي ويا مقامي ذريعن موجب، ٻيڙي ۾ ڪل 16 ماڻهو سوار هئا، جيڪي ڪڻڪ جي لاباري لاءِ درياهه جي ٻي پاسي وڃي رهيا هئا ته اوچتو تيز هوائن سبب ٻيڙي توازن وڃائي ويٺي ۽ ڪلٽي ٿي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ معصوم نياڻي جي اغوا جو ڪيس داخل، جوابدار گرفتار نه ٿيا، احتجاج

سڪندر آباد مان اغوا ٿيل اقراء ٻنگ جو ڪيس جوابدار جاويد، شهزاد ۽ شبانا مسيح تي داخل ڪيو ويو

جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف والد جو احتجاج، اختيارين کي انصاف ڏيارڻ جي اپيل

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي جي علائقي سڪندر آباد مان هٿيارن جي زور تي اغوا ٿيل معصوم نياڻي اقراء ٻنگ جي ڪيس ۾ ڪوٽڙي پوليس نياڻي جي والد جي فرياد تي جوابدار جاويد مسيح شهزاد مسيح ۽ شبانا مسيح سميت پنجن جابدارن خلاف اهڙو اغوا جو ڪيس داخل ڪيو آهي جڏهن ته جوبدارن جي گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي آهي ان سلسلي ۾ نياڻي جي والد

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

پريس
احتجاج احتجاج احتجاج
40+

هنگورجا: آء بي اي اميدوار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.